# سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جو اتهاس

[مضمون]

ليکڪ

جئرام داس دولت رام

مرتب:

رکيل مورائي

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ

2009ع



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد جو ڪتاب نمبر (127)

©سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جو اتهاس

| | |
|---|---|
| ليکڪ: | جئرام داس دولت رام |
| مرتب: | رکيل مورائي |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | اپريل 2009ع |
| تعداد: | 1000 |
| قيمت: | 100/= روپيا |

**Catalogue Reference**
Jairam Das Daulat Ram
Rakhial Morai
Sindhi Language
Sindhi Language Authority,
Hyderabad Sindh.
ISBN: 978-969-9098-20-8

**Sindhi Boli Aen Lippi-a Jo Ittehas**

| | |
|---|---|
| By: | Jairam Das Daulat Ram |
| Compiled by: | Rakhial Morai |
| Edition: | First, April, 2009 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs. 100 /= |
| Composed by: | Hussain Ahmed & M. Ramzan |
| Title: | Muhammad Ramzan Turk |
| Printed by: | Sindhica Academy, Karachi. |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority Hyderabad, National Highway, Hyderabad, Sindh,71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |

# فهرست

ناشر پاران 5

مقدمو 7

ليکڪ بابت — رڪيل مورائي 19

جئرام داس دولت رام — ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي 25

1

1 سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس (ترقي) 31

2 سنڌي لپيءَ جو اتهاس: ٻه ٽي پراڻا ورق 36

3 سنڌ ۾ ديوناگري لپي: پنيور جي کنڊرن مان ڇا لڌو؟ 42

4 سنڌي ٻوليءَ جو اتهاس: ٻه هزار سال پراڻو اکر 44

5 سنڌي ٻوليءَ جو اتهاس: يارهين صديءَ جا ڪي اکر 51

6 سنڌي ٻوليءَ جو اتهاس: يارهين صديءَ جي ارڌ ماڳڌيءَ سان ڀيٽ 57

7 چوڏهين صدي عيسويءَ جي سنڌي؟ 60

8 سنڌين جو اتهاسڪ (تاريخي) ڏينهن 63

9 سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي 73

2

10 پراچين (قديم) سنڌ جو اتهاس: جين ڌرم جو ڦهلاءُ 79

11 سنڌين جو آڳاٽو اتهاس: الهندي سوراشٽر ۾ راڄ 83



3

12 سنڌين جو شان: ننگر، ممت ۽ ڏونگر 93

13 سنڌيءَ جي ڪوئل؟: يارهين صديءَ جي پريم ڪهاڻي 96

14 هند سنڌ جي ٻولين جو پراچين (قديم) ساهت 101

15 سنڌيءَ جو آڳاٽو شاعر: قاضي قاضن 104

16 شاهه ڪريم ۽ لوڪ ڪهاڻيون 112

17 سترهين صديءَ جا ڇهه سؤ سنڌي سلوڪ : شاهه ۽ سواميءَ کان اڳ جو شعر 121

18 سنڌي ٻولي ۽ شاهه جو رسالو 126

# ناشر نوٽ

سنڌي ٻوليءَ، ادب، تاريخ ۽ تهذيب جي باري ۾ تحقيق ڪرڻ ۽ لکڻ وارن اعليٰ پائي جي عالمن مان شري جيٺرام داس دولت رام به هڪ منفرد عالم هو. انهن موضوعن تي لکيل سندس عالماڻن مضمونن ۽ مقالن بابت سنڌ جي عام ماڻهن خاص ڪري شاگردن کي تمام گهٽ معلوم هوندو. ساڳيءَ ريت سنڌيءَ جي ٻين هندو عالمن اديبن ۽ سندن ڪاوشن جي باري ۾ پڻ سنڌ ۾ گهٽ ڄاتو وڃي ٿو. ان جي ڀيٽ ۾ اردو ٻوليءَ وارن ڪرشن چندر، منشي پريم چند، فراق گورکپوريءَ ۽ ٻين هندو اديبن ۽ عالمن کي نه صرف پنهنجو ڪيو آهي، بلڪ انهن کي يونيورسٽين جي نصاب تي پڻ رکيو آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اردو شعبي ۾ ماسٽرس ڪرڻ وارن کي اهي لازمي پڙهڻا پون ٿا ۽ انهن تي تحقيق ڪرڻ کي همٿايو وڃي ٿو. موجوده دؤر ۾ گوپي چند نارنگ جهڙا عالم سال ۾ ٻه ٽي ڀيرا اچن ٿا ۽ هتي هند ۾ ڇپجندڙ اردو ادب بابت ليڪچر ڏين ٿا يا سيمينارن ۾ پيپر پڙهن ٿا. ٻوليءَ، علم، آرٽ ۽ ادب جي ڪا سرحد ڪا نه هوندي آهي، سرحد جي هن پار ڇپجندڙ سنڌي ادب ۾ به اهي ئي آفاقي قدر موجود آهن، جيڪي هن پاسي آهن. ان ڪري ضروري آهي ته اسان کي ٻنهي پاسن جي علم ادب جي ڄاڻ هجي. انهيءَ مقصد کي سامهون رکي اسان سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، قديم تهذيب ۽ ادب بابت هي مقالن جو مجموعو شايع ڪري رهيا آهيون. جيڪو اميد ته سنڌي ادب جي تاريخ جي ڪيترين وڇايل ڪڙين کي ڳنڍڻ جو مقصد پورو ڪندو. آءٌ مرتب جي ٿورائتي آهيان، جو هن گهڻي ڪوجنا ڪري هي مضمون ۽ مقالا هٿ ڪيا آهن. اميد آهي ته سنڌي ٻوليءَ جا سڄڻ ۽ ادب دوست هن ڪتاب کي پسند ڪندا ۽ اسان کي پنهنجن قيمتي راين کان واقف ڪندا.

حيدرآباد_ سنڌ
20 اپريل، 2009

ڊاڪٽر فهميده حسين
چيئرپرسن



# مقدمو

جديد دور ۾ دنيا جي ٻولين جي تحقيق بابت جيڪو ڪم ٿيو آهي انهيءَ ڪي نوان تصور جوڙيا آهن. تنهن هوندي به تحقيق، مسلسل جاري رهڻ جو نالو آهي. ننڍي کنڊ ۾ اوسر پائيندڙ ٻوليون به دنيا جي ٻين ٻولين جيان ئي ارتقا جي مرحلي مان گذري اڄ جي صورت ۾ آيون آهن. اهو يقين آهي ته اڳتي هلي اُهي ڪهڙو رخ اختيار ڪنديون، اهو ڏسڻ اڃا باقي آهي. موهن جي دڙي مان نڪتل مهرن تي اُڪريل ٻوليءَ بابت ڪيترن ئي عالمن جا الڳ الڳ رايا آهن. جيڪي الڳ الڳ تحقيقي ڪتابن جي صورت ۾ موجود آهن. جن جي اڳتي هلي اڃا به ڇنڊ ڇاڻ ٿيڻي آهي ۽ يقيناً ٿيندي. ائين ئي قديم تهذيبن ۽ ٻولين ۾ سنڌي تهذيب ۽ ٻولي به شامل آهي، جنهن بابت اڃا اڳتي هلي ڇنڊ ڇاڻ ٿيڻي آهي. سنڌ تمدني يا تهذيبي لحاظ کان جيتري قديم آهي، يقيناً سنڌي ٻولي به ايتري ئي قديم آهي. سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن بابت يا سنڌو لکت بابت اوائلي اهم دستاويز رگ ويد ئي سمجهيو وڃي ٿو. رگ ويد جيئن ته سنسڪرت ۾ لکيل آهي ۽ سنسڪرت جيئن ته ڪاٻي کان ساڄي لکبي آهي ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي بنياد ڄاڻندڙن جو اهو خيال آهي ته سنڌي قديمي وقت ۾ ڪاٻي کان ساڄي لکي ويندي هُئي. ساڳئي وقت اڄ اسين جيڪا **سنڌي لپي** پنهنجي ڪري چڪا آهيون، اها ساڄي کان ڪاٻي پاسي لکي ويندڙ آهي، ۽ اهي ئي ٻه اهم مفروضا رهيا آهن سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻن وٽ. هڪڙا هڪ راءِ جا آهن ۽ ٻيا ٻيءَ راءِ جا. سنڌيءَ کان سواءِ ڏسجي ائين ٿو ته ننڍي کنڊ جون ٻيون ٻوليون گهڻي ڀاڱي ڪاٻي کان ساڄي پاسي ئي لکيون وينديون آهن، مثال طور، هندي، بنگالي، مليالم، تيلگو ۽ ڪوٽڪي وغيره.

پر سنڌي شايد واحد اهڙي ٻولي آهي جنهن جون پاڙون ته انهن ٻولين سان ملن ٿيون، پر اڳتي هلي اها ساڄي کان ڪاٻي پاسي لکجندڙ ٻولين جي سٽ جي ٻولي ڪري ڄاتي وئي يا سمجهي وئي ۽ ان کي ئي ان جو بنياد

سمجهيو ويو. پوءِ اهو بحث پاشا وگيانن ۽ ٻولين جي علم کان واقف عالمن جو آهي تہ هو اهو طيءِ ڪن. ظاهري طور سنڌ جي اپرندي پاسي اهي ٻوليون لکيون وڃن ٿيون، جيڪي کاٻي کان ساڄي پاسي لکجن ٿيون. ۽ سنڌ جي اولاهين حصي (ايران، عربستان وغيره) ۾ اهي ٻوليون اڄي وڃن ٿيون، جيڪي ساڄي کان لکيون وڃن ٿيون. عربن جي فتح کان پوءِ ئي شايد سنڌ ۾ ائين ٿيو هجي. بهرحال انهن سڀني ٻولين سنڌيءَ تي پنهنجا مسلسل اثر تہ وڌا ئي هوندا، جيڪا چند ڇاڻ اڄ تائين جاري آهي.

نندي کنڊ ۾ انگريزن جي اچڻ کان پوءِ هتان جي مقامي ٻولين کي جنهن طريقي سان وڌڻ ويجهڻ جا جديد موقعا مليا، اُن ٻولين بابت وڏيڪ کوجنا ڏانهن عالمن جو ڌيان ڇڪايو.

سنڌ ۾ جيتوڻيڪ سنڌي ساڄي کان کاٻي طرف لکجندڙ لپيءَ ۾ ئي لکي ويندي آهي، پر ڪنهن وقت هت رهندڙ سنڌي خاص ڪري هندو يا خواجا کاٻي کان ساڄي طرف لکڻ واري لپيءَ کي بہ استعمال ڪندا آيا. جنهن کي هُنن هتان جي اصل لکت ٿي سمجهيو. جنهن کي ديوناگري سڏيو ٿو وڃي. هن ڪتاب جو مصنف ۽ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ عالم **جئرام داس دولت رام** پڻ سنڌي لکت جي ديوناگري لپيءَ جو مڃيندڙ هو. هت منهنجو مقصد ٻوليءَ جي لپيءَ واري بحث ۾ پوڻ نہ آهي، پر ورهاڱي کان پوءِ هندستان جهڙي گهڻ ٻوليائي ملڪ ۾ هُن شخص سنڌيءَ کي جيڪو مقام ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي، اها سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ سدائين ياد رکندي. پلي ان جي لباس جو مسئلو بحث جوڳو هجي. تڏهن بہ اهڙن فيصلن کي صديون لڳنديون آهن ۽ گذريل صدين ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ جي قدامت بابت جيڪا ڇاڻ اڄ تائين اسان وٽ پهتي آهي، اها ڪا گهڻي اطمينان بخش نہ بہ چئجي، پر اهم ضرور آهي. ۽ انهيءَ ڇاڻ ۾ هيءُ ڪتاب هڪ نهايت اهم دستاويز ثابت ٿيندو. جنهن مان ليکڪ جو ڳوڙهو اڀياس ظاهر ٿئي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي قدامت بابت هيءُ ڪتاب سنڌ ۾ ڪي نوان رُخ متعارف ڪرائيندو ۽ اسان جي ٻوليءَ جي ڄاڻن کي وري هڪ پيرو نئين رخ



کان سوچڻ ۽ لکڻ لاءِ اتساهہ بخشيندو. منهنجو اهڙو وشواس آهي. هونئن بہ هيءُ هڪ اهڙو موضوع آهي، جيڪو نئين کوج ۽ تلاش لاءِ موجود رهي ٿو. اڄ جديد دنيا پنهنجي ٻولين بابت گهڻي فڪرمند آهي، جڏهن اهو پرچار جاري آهي تہ ٻوليون گهٽجي رهيون آهن، تڏهن هر ٻولي ڳالهائيندڙ لکندڙ پنهنجي ٻوليءَ سان گهڻو پيار ڪرڻ لڳو آهي. ۽ سنڌي پڻ اهڙي فڪرمنديءَ کان آجا نہ آهن، اڃا بہ اهي ورهاڱي کان پوءِ وڌيڪ فڪرمند آهن، جو ٻاهران آيل ٻوليون، جن کي ڪنهن خاص مقصد سان واڌ ويجهہ ۽ ڦهلاءُ جا موقعا ميسر ڪري ڏنا ويا آهن. ۽ ڪن ٻولين کي سوچي سمجهي پٺتي رکڻ لاءِ ماحول جوڙيو ويو آهي، اهڙي وقت ۾ پنهنجي ماءُ جي ٻوليءَ لاءِ فڪرمندي فطري ڳالهہ آهي.

اهڙي فطري فڪرمنديءَ ئي مون کان هيءُ ڪتاب مرتب ڪرايو آهي. ان ڪري هن ڪتاب جي سهيڙ مون لاءِ فخر جو باعث رهندي ۽ اهو فخر مون لاءِ پيدا ڪندڙ آهي سنڌيءَ جو برک اسڪالر ڊاڪٽر **موتي لال جوتواڻي**، جنهن ئي هن ڪتاب سهيڙڻ لاءِ مون کي همٿايو، چاهيندس تہ اها مختصر ڪٿا بہ هت لکي ڇڏيان.

2001ع جو اهو خوشنصيب ڏينهن هُو، جڏهن لڇمڻ ڪومل صاحب مون کي مُنهنجي بيحد اسرار تي ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻيءَ جي گهر وٺي هليو. گهر ڇا هو: هڪ آئيڊيل گهر، جنهن جي چئني پاسي ڪتاب ئي ڪتاب سٿيل هئا. مان سنڌ مان ڪجهہ ڪتاب ڊاڪٽر صاحب لاءِ تحفي طور کڻي ويو هوس جيڪي کيس ڏنا هئم.

مون کي بخوبي پتو هو تہ هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ بابت ادبي دنيا ۾ ٻہ لاڙا ڪم ڪري رهيا هُئا. هڪڙو لاڙو عربي لپيءَ جي حمايت جو هو ۽ ٻيو ديوناگريءَ لپيءَ ڏانهن مائل. ڊاڪٽر صاحب **ديوناگري لپيءَ** کي پسند ڪرڻ وارن مان هو، جو سندس صحبت شري جئرام داس دولت رام سان هُئي، ۽ هو ان کي گُرو ڪري مڃيندو هو. اتڻ وقت هُن مون کي ٻہ مضمون لفافي ۾ وجهي ڏنا هئا تہ هي پڙهجانءِ، پوءِ جڏهن مون اهي مضمون سنڌ ۾ اچي پڙهيا، تہ اهي سنڌي ٻوليءَ بابت هُئا. جن مان هڪ هندستان ۾ لکجندڙ

ٻولين جي پراڻن ادبي ڪتابن بابت هو ۽ ٻيو اسان جي هڪ ڏينهن "اڱاري" ڪي ڪٺي لکيو ويو هو تہ اهو اکر (لفظ) ڪيترو پراڻو آهي. ٻنهي مضمونن مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ مان جوتواڻي صاحب کي وقت بوقت چوندو رهيس تہ فاضل ليکڪ جا ٻيا مضمون بہ مون ڏانهن موڪليو. ۽ ائين هو الڳ الڳ وقتن تي مضمون مون ڏانهن موڪليندو رهيو. مٿين مضمونن ۾ منهنجو چاهہ ڏسي ڊاڪٽر صاحب چيو تہ اُهي سنڌ جي ڪنهن بہ رسالي وغيره ۾ ڇپائڻ چاهين تہ ڀلي ڇپاءِ. پر مون سندس الڳ الڳ مضمون ڇپائڻ واري راءِ سان سهمتي نہ ڏيکاري. وري هو جڏهن 2006ع ۾ سنڌ آيو تہ آخري مضمون بہ پاڻ سان کنيو آيو. جيڪو ڏيندي وقت چيائين تہ هيءُ اهم ميراث اٿئي، سانديي رکجان ۽ جڏهن موقعو ملئي تہ ضرور شايع ڪرائجانءِ. هاڻ اهو موقعو مليو آهي، جو سڀ مضمون هڪ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي رهيا آهن. اهڙو موقعو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي موجوده چيئرپرسن ڊاڪٽر **فهميده حسين** ميسر ڪري ڏنو آهي.

ڪتاب بابت مون کي ڪجھ چوڻو ڪونهي. انهيءَ تي سنڌي ٻوليءَ جا عالم، اديب ۽ اسڪالر ئي غور ڪندا. مان فقط ان جي ترتيب بابت ڪجھ چوڻ چاهيندس، جيڪو منهنجو اصل مقصد آهي.

هن ڪتاب جا مضمون جيئن تہ الڳ الڳ وقتن تي لکيا ويا آهن ۽ اهي الڳ الڳ رسالن ۽ ڪتابن ۾ شايع ٿيل آهن، ان ڪري انهن جي سلسليوار ترتيب مون لاءِ ڪجھ ڏکي هُئي. پوءِ بہ مون ڪوشش ڪئي آهي تہ، نہ رڳو مضمونن جي ترتيب درست هُجي، پر ٻوليءَ جي ارتقا بابت لکڻ يا انهيءَ جي ارتقا جي اتهاس جو بہ سنڌو ڏس ملي سگهي،

ان ڪري مون ڪتاب ۾ پهريون مضمون "**سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس (ترقي)**" رکيو آهي. هيءُ مضمون اصل ۾ دادا جئرام داس دولت رام جي اُها صدارتي تقرير آهي، جيڪا هن پهرين ڊسمبر 1957ع تي دهليءَ ۾ "**اکل ڀارت سنڌي ٻولي ڪنوينشن**" جي موقعي تي ڪئي هئي. جو ان ۾ ڪن اکرن ۽ ورقن بابت مواد آهي، جن جو واسطو موهن جي دڙي مان نڪتل مهرن تي ٿيل



اُکر سان آهي، جيئن تہ اسان جو تهذيبي سفر موهن جي دڙي کان شروع ٿئي ٿو، ان ڪري اهو مضمون جيڪو برهمڻ آباد تائين **معلومات** ڏيکاري ٿو ۽ **خود** برهمڻ لفظ بابت بہ معلومات ڏئي ٿو، ان ڪري اهو مضمون نهايت ئي اهم آهي.

ٻيو نمبر مضمون آهي: "**سنڌي ٻوليءَ جو اتهاس: ٻہ ٽي پراڻا ورق**". ۾ هن موهن جي دڙي جي مٿين تهن مان نڪر جي لڌل پنجن ٺانون (پيئڻ جي ٺانون) تي اڪريل ٻڌ ڌرم دؤر جي ٻوليءَ تي بحث ڪيو آهي، جيڪا سندس نظر ۾ "ٻالي" ٻولي ۽ براهمي لپيءَ ۾ آهي. هن نتيجو ڪڍيو آهي تہ 17 صديون اڳ سنڌ ۾ برهمي لپي موجود هئي.

ٽيون نمبر مضمون آهي: "**سنڌ ۾ ديوناگري لپي**". هيءُ ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل مهرن تي اُڪريل ڪجھ لفظن بابت مختصر مضمون آهي، هن مضمون ۾ ٻوليءَ جي قدامت بابت سندس ويچار آهن، نہ رڳو ٻوليءَ جي قدامت بابت لکي ٿو، پر ساڳئي وقت ان جي لپيءَ بابت بہ هو چٽو نقطہ نظر رکي ٿو، جيڪا ڳالھ سندس هن مضمون مان ظاهر آهي.

چوٿون مضمون آهي"**سنڌي ٻوليءَ جو اتهاس: ٻہ هزار سال پراڻو اکر**". هيءُ مضمون سنڌي ٻوليءَ جي قدامت بابت گهڻو اهم آهي، جنهن ۾ "**اڱارو**" لفظ کڻي هُن صاحب سنڌيءَ جي قديم هجڻ بابت گهڻائي دليل ڏئي اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ "**اڱارو**" اکر (اصل لفظ) سنڌيءَ ٻوليءَ جو ٻہ هزار سال پراڻو اکر (لفظ) آهي. ۽ اهو ان ئي معنيٰ ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ سان گڏ ٻين نندي کنڊ جي قديم ٻولين ۾ پڻ اچاريو وڃي ٿو ۽ لڳ ڀڳ ساڳي معنيٰ ۾ اچاريو وڃي ٿو. هيءُ مضمون ليکڪ جي گهري اڀياس ۽ ڄاڻ جي شاهدي ڏئي ٿو. جتي هو ليکڪ جي اهميت واضح ڪري ٿو اتي سنڌيءَ ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ بابت بہ هڪ دستاويز جي اهميت رکي ٿو. هيءُ مضمون نهايت اهم مضمون آهي، جيڪو اسان جي ٻوليءَ لاءِ ڄاڪوڙيندڙ نوجوان عالمن لاءِ هڪ واٽ ثابت ٿيندو.

پنجون مضمون بہ **”سنڌي ٻوليءَ جو اتهاس: يارهين صديءَ جا ڪي اکر“** نالي آهي. هن مضمون ۾ پڻ يارهين صديءَ جا ڪي اکر (لفظ) ڪڍي، سنڌي ٻوليءَ جي قدامت بابت اوک ڊوک ڪيل آهي ۽ انهن سيني اکرن جي فهرست ڏنل آهي، جيڪي آهن تہ سنڌيءَ جا، پر سنڌيءَ جون پاڙيسري ٻوليون پڻ انهن کي ٿوريءَ رد و بدل سان استعمال ڪري رهيون آهن ۽ اهي بہ اوتري ئي آڳاٽي عرصي کان استعمال ۾ آهن، جيتري آڳاٽي عرصي کان سنڌي ٻولي انهن کي استعمال ڪري رهي آهي. مضمون ۾ سيني ٻولين جي اکرن جو نقشو ڏنو ويو آهي، جنهن مان آسانيءَ سان ڄاڻي سگهجي ٿو تہ اهي اکر (لفظ) ڪيترو پراڻا آهن ۽ گهڻي قدر اڄ بہ ٿوري فرق سان اسان وٽ يا انهن سيني ٻولين وٽ استعمال ٿي رهيا آهن، جن ٻولين ۾ يارهين صديءَ ۾ بہ استعمال ٿيندا هُئا. سنڌي ٻوليءَ بابت هيءُ مضمون بہ هڪ اهم مضمون آهي، جيڪو اسان کي ٻولين جي تحقيقي اڀياس ۾ گهڻي ۾ گهڻي مدد ڏيندو، خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ بابت جديد تحقيق ڪندڙن لاءِ تہ هيءُ مضمون اهم آهي.

ڇهون مضمون بہ **”سنڌي ٻوليءَ جو اتهاس: يارهين صديءَ جي ارڏماگڌيءَ سان ڀيٽ“** نالي سان آهي. هن مضمون ۾ پڻ يارهين صديءَ جي ارڏماگڌيءَ سان سنڌيءَ جي ڀيٽ ڪري اهو سمجهايو ويو آهي تہ سنڌي ٻولي ڪيتري قديم آهي، ۽ ان جي قدامت ثابت ڪرڻ لاءِ ڀيٽ طور ارڏماگڌيءَ جا اهي لکت ۾ آيل ڪجهہ شعر ۽ ڪجهہ نثر جا ٽڪرا ڏنا ويا آهن، جيڪي سنڌيءَ سان ملندڙ جلندڙ آهن ۽ ساڳئي وقت انهن ٻولين جا مثال پڻ ڏنل آهن، جيڪي ان ئي دور ۾ ڳالهايون وينديون هيون يا لکيون وينديون هيون. هيءُ مضمون بہ هڪ گهري ڄاڻ ڏئي ٿو تہ سنڌي ٻولي ڪيتري شاهوڪار رهي آهي ۽ منجهس ڪيتريون خوبيون آهن.

ستون مضمون آهي **”چوڏهين صدي عيسويءَ جي سنڌي“**. هن مضمون ۾ هڪ سنڌي پهاڪي کي بنياد بنائي سنڌي ٻوليءَ جي لوڪ ادب ۽ ان ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ بابت اظهار ڪيل آهي. هن مضمون ۾ لوڪ ڪٿائن، لوڪ چوڻين ۽ پهاڪن وغيره ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ جو جائزو ورتل آهي.



سومرن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال بابت هيءُ مضمون ڪافي ڄاڻ سان ڀريل آهي. پهاڪا جيئن تہ لوڪ ادب جو حصو آهن، ان ڪري ظاهر آهي تہ اهي ڪن عام لوڪن ئي ٺاهيا هوندا. پر انهن کي پڙهي يا ٻُڌي انهن ڀويان لڪل عام ڏاهپ جو اندازو لڳائبو تہ عقل ئي ڪم نہ ڪندو. پهاڪن ڀويان جيڪو عام علم آهي اها ئي اصل ڏاهپ آهي ۽ اهڙيءَ ڏاهپ سنڌي لوڪ ادب ۾ اڻ مٽي آهي. هيءُ مضمون اهڙي ساک ڀري ٿو. جنهن پهاڪي / چوڻيءَ کي ڪڍي هيءُ مضمون لکيو ويو آهي، اهو پهاڪو/چوڻي آهي **”ويئي وهاڻيءَ، دودي ناناڻا آئيا“**. هيءُ پهاڪو مضمون جي ليکڪ جي چوڻ مطابق چوڏهين صديءَ جو آهي. هن پهاڪي يا چوڻيءَ مان سنئون سڌو سنڌي بيت جي سٽ جو گمان ٿئي ٿو. اهڙو اشارو پڻ هن مضمون ۾ آهي.

اٺون مضمون آهي **”سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي“**. هيءُ مضمون اصل ۾ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ بابت، پر اُن جو مقصد آهي، ورهاڱي کان پوءِ هند ۾ رهندڙ سنڌين ڀاران ڀارت جي آئين ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏيارڻ لاءِ اتي جي حڪمرانن کي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ اهميت بابت ٻڌائڻ، جيئن هند جي رهاڪن کي سنڌي ٻوليءَ جي خبر پوي. ڇو تہ اهو سمورو سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ثابت ڪري ٿو. جنهن کان هندستان جا رهاڪو اڻ واقف هُئا / آهن.

نائون مضمون آهي، **”سنڌين جو اتهاسڪ ڏينهن“**. هن مضمون ۾ سنڌي ٻوليءَ جي عالم شري جئرام داس دولت رام اها سڄي روئداد لکي آهي، جيڪا ڪيس سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي آئين ۾ شامل ڪرائڻ وقت سندس آڏو آئي. هيءُ اهڙو وچور آهي، جنهن کان پوءِ اندازو ٿي ويندو تہ پنج هزار سالن وارو پنهنجو شاندار ماضي رکندڙ ٻولي پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌار ٿي هڪ ٻي ڌرتيءَ تي پنهنجي اهميت مڃائڻ لاءِ يا پنهنجو حق وٺڻ لاءِ ڪيتري جاکوڙ مان گذري. هُن کي پنهنجو نئون تعارف ڪرائڻ لاءِ ڪيترا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. جنهن کان پوءِ وڃي ڪيس گهربل مرتبو مليو. جنهن جي هوءَ حقدار هُئي. اڄ جي تاريخ تائين ايندي سنڌي ٻولي هند ۾ پنهنجو اهو ساڳيو مرتبو ماڻيو، جيڪو ڪيس پنهنجي گهر ۾ بہ نصيب نہ آهي. سنڌي ٻوليءَ لاءِ اسان کي اهو يقين

آهي تہ اها وقتي طور لڏي تہ سگھي ٿي، پر ٻڏي نٿي سگھي. ايندڙ وقت ۾ اها ڪيئن زنده رهندي يا رکبي، اهو عالمن ۽ ٻوليءَ جي ڄاڻن جي تحقيق جو مسئلو آهي. اسين ان ٻوليءَ ۾ لکندڙ آهيون، اها اسان جي رڳن ۾ گردش ڪندڙ رت سان گڏ گردش ڪري ٿي. ان ڪري دنيا ۾ جيستائين هڪ بہ سنڌي زنده آهي، ايستائين سنڌي ٻولي يقيناً زنده رهڻي آهي. انهيءَ ۾ منهنجو ويساهہ آهي.

ڏهون مضمون آهي **"پراچين (قديم) سنڌ جو اتهاس: جين ڌرم جو ڦهلاءُ"**. هن مضمون ۾ سنڌ جي قديم مذهبن جي ڦهلاءَ بابت معلومات ڏنل آهي. نندي ڪنڌ ۾ مذهبن جي قدامت بابت هن مضمون ۾ اهو بہ ڏيکاريل آهي تہ جين ڌرم سنڌ ۾ ڪيئن پکڙيو ۽ اهو ڪٿان آيو، نہ صرف ايترو پر اهو بہ ڏيکاريل آهي تہ جين ڌرم جا جيڪي اهم پرچارڪ/ڦهلائيندڙ هُئا، اهي ڪهڙا هئا؟ اهڙن چوويهن مذهبي اڳواڻن جي سڄي لسٽ ڏنل آهي. سندن جنم هنڌ ۽ جنم ڏينهن سميت هيءُ مضمون سنڌ بابت گهٽي ڄاڻ ڏيندڙ آهي، جيڪا ڄاڻ سنڌ جي پراڻي تاريخي، تمدني، تهذيبي ۽ مذهبي خوشحاليءَ جو ڏس ڏئي ٿي. هيءُ مضمون قديم مذهبي ڄاڻ جو ڀنڊار آهي جنهن مان ڪيئي پوڄارا پُر ٿي سگهن ٿا.

يارهون مضمون آهي **"سنڌين جو آڳاٽوا تهاس: اولهندي سو راشٽر ۾ راڄ"**. هن مضمون ۾ عربن جي سنڌ تي راڄ کان پوءِ جي تاريخ ۽ انهيءَ دور ۾ سنڌي راجائن جي حڪومتن ۽ انهن جي حڪومتي پروانن تي لکيل اکرن بابت معلومات آهي. اهي اکر جيڪي الهندي سوراشٽر ۾ سنڌين جي حڪومتن جي دور ۾ زمينن جي پروانن تي لکيل آهن، انهن اکرن بابت تفصيل آهي تہ اهي ڪهڙي ٻوليءَ ۽ ڪهڙي لَپيءَ ۾ آهن. ان بابت بہ عالمن ۽ ٻوليءَ جي ڄاڻن کي ڌيان ڏيڻ کپي، سوراشٽر جي سنڌي راجائن پاران ڏنل انهن "پون دان پترن" تي جيڪا ٻولي لکيل آهي، اها پڻ اڄا تائين ڳجهارت بڻيل آهي. ليکڪ جي چوڻ مطابق اها سنڌي ٻولي آهي ۽ ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل آهي. هيءُ مضمون بہ نهايت اهم مضمون آهي، جيڪو ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙن لاءِ ڪجهہ نوان سوال



ظاهر ڪندو ۽ ڪين وڌيڪ تحقيق ڪرڻ، وڌيڪ توجهہ ۽ گهري اڀياس ڏانهن ڇڪيندو. اها هن مضمون جي اهم خوبي ليکبي. هيءُ مضمون بہ ٻوليءَ سان گڏوگڏ سنڌ جي تاريخ پڙهندڙن يا ان بابت ڪُجهہ بہ لکندڙن لاءِ گهڻو ڪارائتو ثابت ٿيندو. ساڳئي وقت سنڌي ڪٿي ڪٿي ۽ ڪهڙن ڪهڙن علائقن ۾ ڳالهائي يا لکي ويندي هُئي ان بابت پڻ هن مضمون ۾ ڪافي معلومات آهي، جيڪا سنڌ جي محققن لاءِ ڪارآمد ثابت ٿي سگهي ٿي.

ٻارهون مضمون آهي **"سنڌين جو شان: ننگر، ممت ۽ ڏونگر"** هيءُ مضمون سومرا دور جي ٽن نوجوان بهادرن بابت لکيل آهي. سڌيءَ طرح هيءُ مضمون ٻوليءَ سان واسطو نٿو رکي، پر ان دور ۾ اچاريل وچن ڪيئن هوندا هُئا، ان بابت معلومات ڏئي ٿو ۽ انهن وچنن تي سنڌ جو ماڻهو ڪيئن پورو لهندو هو، اهڙو اظهار هن مضمون ۾ آهي، پر سومرن جي دور جي مٿين ٽن جوانن، جنهن بهادريءَ سان پنهنجي وچن جو مان رکيو ۽ سنڌ جي بچاءَ لاءِ سِرَ ڏيئي سرها ٿيا، اها وارتا سهڻي ٻوليءَ ۽ تاريخي حوالن سان بڌائي وئي آهي. بهرحال هيءَ ڳالهہ سنڌ جي تاريخ سان واسطو رکندڙ هڪ اهڙي دور سان وابستہ آهي، جنهن تي سنڌ، سنڌي ماڻهو ۽ سنڌي ٻولي فخر ڪري سگهي ٿي.

تيرهون مضمون آهي **"سنڌيءَ جي ڪوئل : يارهين صديءَ جي پريم ڪهاڻي"** هن مضمون ۾ هڪ لوڪ ڪهاڻيءَ جي حوالي سان يارهين صديءَ ۾ ڳالهائي ويندڙ ۽ ڪتب ايندڙ سنڌيءَ ٻوليءَ بابت تفصيل سان لکيو ويو آهي. يارهين صديءَ ۾ ٿيندڙ سنڌي شاعري ۽ ان ۾ استعمال ٿيل سنڌي ٻولي، ڪيئن ۽ ڪهڙي معيار جي لکي ويندي هُئي، اهو هن مضمون پڙهڻ کان پوءِ پليءَ پت ڄاڻي سگهجي ٿو. هن مضمون مان اهو بہ ڄاڻي سگهجي ٿو تہ ڪيئن ساڳيون لوڪ ڪهاڻيون الڳ الڳ علائقن ۽ ملڪن ۾ پنهنجو وجود رکن ٿيون. يا سفر ڪن ٿيون. ساڳئي وقت انهن مان سندن دور جي استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ بابت بہ معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي. يارهين صديءَ جي هن لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ استعمال ٿيل سنڌي ٻوليءَ جو نمونو هن شعر مان لڳائي سگهجي ٿو:

پيءُ نہ ٻيلي پُٽ جو، جت پاءُ نہ ڪنيو بارُ،
پٽُ پرائي پيءُ جو، سو ڪيئن ڏئي قرارُ.

مٿئين شعر مان نہ فقط ٻوليءَ جو اندازو ٿئي ٿو، پر خود سنڌي شاعريءَ جي فني جوڙجڪ يا بيهڪ جو بہ اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ يارهين صديءَ ۾ سنڌي شاعري ڪهڙي معيار تي بيٺل هئي، هيءُ مضمون بہ گهڻو معلوماتي آهي. سنڌي قديم شاعريءَ يا ادب بابت بہ هيءُ مضمون ڪافي اهميت وارو آهي.

چوڏهون مضمون آهي، **"هند سنڌ جي ٻولين جو پراچين (قديم) ساهت"**. هن مضمون ۾ نندي ڪنڌ ۾ لکجندڙ ٻولين جي قديم ڪتابن جي کوجنا آهي ۽ انهيءَ دور جي ڪتابن ۾ استعمال ٿيل ٻولي، انهن ٻولين جو پاڙيسري ٻولين سان ڳانڍاپو ۽ انهن جا هڪٻئي تي پوندڙ اثر هن مضمون ۾ پڙهي سگهجن ٿا. هن مضمون پڙهڻ کان پوءِ هتان جي ٻولين ۽ انهن ۾ لکيل قديم ادبي، تاريخي، ۽ مذهبي ڪتابن جي بہ ڀرپور ڄاڻ ملي ٿي. هيءُ مضمون هڪ لحاظ کان علمي ادبي تحقيق جي اهم ماخذ طور ڪم اچڻ جهڙو مضمون آهي. منجهس ڄاڻايل ڪتاب نندي ڪنڌ جا قديم ڪتاب آهن، جيڪي اڃا تائين اسان وٽ سنڌ ۾ پڙهيا تہ ڇا شايد ٻڌا بہ نہ ويا هجن، جو تاريخن ۾ انهن جو ذڪر ئي نہ آهي، ان ڪري هيءُ مضمون هڪ اهم دستاويز جي حيثيت رکي ٿو، جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ ادبي تاريخ لکندڙن لاءِ هڪ نئين دنيا کلي پوي ٿي. ظاهر آهي تہ هندستان ۾ ڳالهائجندڙ ۽ لکجندڙ ٻولين جو سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ تي بہ اثر پيو هوندو، جنهن بابت تحقيق ڪرڻ اڃا باقي آهي. اميد رکي سگهجي ٿي تہ ايندڙ وقت جو تاريخدان، مضمون ۾ ڄاڻايل ڪتابن بابت وڌيڪ تحقيق ڪري ۽ انهيءَ آثار تي ٻولين جا هڪٻئي تي پوندڙ اثر ظاهر ڪري سگهندو.

پندرهون مضمون: **"سنڌيءَ جو آڳاٽو شاعر قاضي قاضن"** آهي، جيڪو اصل ۾ هيري ٺڪر جي ڪتاب "قاضي قادن جو ڪلام" جو مهاڳ آهي، جيڪو هند کان سواءِ سنڌ ۾ ڇپيل آهي.



سورهون مضمون آهي **"شاهہ ڪريم ۽ لوڪ ڪهاڻيون"** هيءُ مضمون شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جي شاعريءَ ۽ انهيءَ ۾ آيل لوڪ ڪهاڻين بابت هڪ نهايت ڪارائتو تحقيقي مضمون آهي، جنهن ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ شاهہ ڪريم ئي مٿين لوڪ ڪهاڻين جي ڪردارن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ پهريون ڀيرو چڱي نموني آندو آهي، جنهن کان پوءِ سنڌيءَ جي ٻين شاعرن انهن ڪهاڻين جي ڪردارن کي شاعريءَ ۾ آندو ۽ انهن کي عروج تي وري شاهہ ڪريم جي ٽڙ پوٽي سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پهچايو. هن مضمون ۾ شاعريءَ سان گڏ ان جي ٻوليءَ تي بہ لکيو ويو آهي. هيءُ مضمون اسان کي سنڌي ٻوليءَ سان گڏ سنڌي اساسي شاعريءَ ۽ ان ۾ بيان ڪيل ڪردارن بابت پڻ اهم معلومات ڏئي ٿو. جيڪا اسان کي هلندڙ دور ۾ تحقيق جي ميدان ۾ گهڻي مدد ڪندي.

سترهون مضمون آهي، **"سترهين صديءَ جا ڇهہ سؤ سنڌي سلوڪ : شاهہ ۽ سواميءَ کان اڳ جو شعرُ"** هيءُ مضمون سورهين- سترهين صديءَ جي سنڌي شاعريءَ بابت آهي، اها شاعري جيڪا آهي تہ سنڌ جي، پر لپيءَ جي ڪري تحقيق کان وانجهيل رهي. هن قسم جو مضمون سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي شاعريءَ بابت تحقيق ڪندڙ کي گهڻي مدد ڏيندو. هيءُ معلوماتي مضمون سورهين صديءَ جي سنت ڪوين جي ڪوتائن بابت اهم مضمون آهي ۽ انهن ڪوتائن ۾ استعمال ٿيل ٻوليءَ بابت معلومات ڏئي ٿو. ساڳئي وقت شاعريءَ جي تاريخ بابت هيءُ هڪ اهم مضمون آهي. هن مضمون مان بہ ليکڪ جي مطالعي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هن مضمون ۾ ڄاڻايل ڇهہ سؤ سلوڪ شايد اڃا سنڌي ٻوليءَ جي جديد روپ ۾ نہ آيا آهن. اڄ جي محققن لاءِ اها ڳالهہ شايد نئين هجي تہ سنت نجانند سوامي بہ ڪو سنڌي شاعر هو يا ٿي گذريو آهي. هيءُ مضمون بہ سنڌي ٻوليءَ ۽ ان ۾ ٿيندڙ شاعريءَ بابت هڪ نئون انڪشاف آهي.

ارڙهون مضمون ”سنڌي ٻولي ۽ شاهه جو رسالو“ آهي، هن مضمون ۾ جئرام داس دولت رام شاهه لطيف بابت پنهنجي ڄاڻ ۽ شاهه جي دؤر جي ٻوليءَ جي اهميت تي رکيو ويو آهي.

هن موڙ تي جڏهن هيءُ ڪتاب ڇپجي رهيو آهي، تڏهن مان پنهنجي ڪن مهربانن ۽ محسنن جو دل جي حضور سان ٿورو مڃڻ ضروري سمجهان ٿو، جن هن ڪتاب کي مڪمل ڪرڻ ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي آهي:

سڀ کان پهرين برک عالم، اديب ۽ اسڪالر سرڳواسي **ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻيءَ** جو نالو آهي، جنهن مون کي هن ڪم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ اتساهه ڏنو.

ٻيو نالو — دلبر ياءُ **هيري ٺڪر** جو آهي، جيڪو سدائين جيان مون کي ننڍي ياءُ وانگر همٿائيندو آهي. هن مون کي ليکڪ بابت گهڻي معلومات ميسر ڪري ڏني. جنهن لاءِ مان سندس احسانمند آهيان.

ٽيون نالو آهي منهنجي مهربان دوست تاج جويي جو، جيڪو تنهن وقت ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو سيڪريٽري ڪونه هو، جڏهن آءٌ هن ڪتاب تي ڪم ڪري رهيو هوس، هُن مون کي ڪتاب ترتيب ڏيڻ ۾ مدد ڪئي، هن وقت هو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو سيڪريٽري ٿي آيو آهي ۽ ان جي ئي ڪوشش سان منهنجو هيءُ ڪتاب ڇپجي رهيو آهي.

مون کي فخر ان ڳالهه جو آهي، تہ هيءُ ناياب ڪتاب ڇپجي رهيو آهي ۽ ان کي سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ ڇپائي رهي آهي ۽ اهو بہ ان وقت جڏهن اُن اداري جي سربراهه منهنجي آئيڊيل خاتون ۽ اسڪالر مئڊم ڊاڪٽر فهميده حسين آهي. مون کي اميد آهي تہ هيءُ منهنجو پورهيو قبول پوندو.

16 مارچ 2009ع
ڪراچي، سنڌ

**رڪيل مورائي**



# ليکڪ بابت

سنڌيءَ جي برک عالم، اديب، تاريخدان ۽ سياستدان سرڳواسي جئرام داس دولت رام جي سوانح لاءِ مون کي گهڻئي ڪتاب جاچڻا پيا آهن، پوءِ بہ مون کي گمان آهي تہ آءٌ سوانح جون ڪي ڪڙيون هٿ ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهيان، اهو مون کي احساس آهي، ان هوندي بہ ان ڳالهه جي خوشي اٿم تہ جيتري بہ ڄاڻ سندس سوانح بابت معلوم ڪري سگهيو آهيان، ايتري سنڌ ۾ ڪنهن بہ ڪتاب ۾ شايد ئي ملي سگهي، ان جو سبب اهو آهي تہ ورهاڱي کان پوءِ هتان لڏي هند ۾ وسندڙ سنڌي عالمن، اديبن ۽ اسڪالرن تي جيترو ڪم سنڌ ۾ ورهاڱي کان پوءِ ٿيڻ گهرجي ها، اوترو نہ ٿي سگهيو آهي، ان جو اندازو مون کي دادا جئرام داس دولت رام جي حياتيءَ بابت مواد ڳولڻ وقت شدت سان ٿيو. سنڌ جي ڪلاسيڪل سوانحي ڪتاب ”جنب گذاريم جن سين“ جهڙي اهم ڪتاب بہ منهنجي ڪا مدد نہ ڪئي، جنهن ڪري وري بہ مون کي ورهاڱي کان پوءِ هند ۾ ڇپيل ڪتابن ڏانهن ئي واجهائڻو پيو. سنڌ جي هڪ ٻئي اهم ڪتاب ”هو ڏو ٿي هو ڏينهن“ ۾ بہ اهڙو مواد يا جئرام داس دولت رام بابت ڪجهہ ڪو نہ هو ۽ جيڪو ڪجهہ هو، اهو سندس سياسي پسمنظر بابت هو، پر علم ۽ ادب جي ڪيتر کان ٻاهر هو. ان ۾ فقط راشدي صاحب جو مذهبي جوش نمايان هو ۽ بس. تنهن هوندي بہ منهنجي آڏو جيڪي ڪتاب موجود هئا، انهن مان مون کي ڄاڻ پئي تہ:

جئرام داس دولت رام – حيدرآباد سنڌ جي هڪ پڙهيل ڳڙهيل عالم خاندان ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو سندس ئي نالي سان ڳنڍيل، دولت رام هو. 21 جولاءِ 1889ع تي حيدرآباد ۾ جنم وٺندڙ جئرامداس جي امڙ جو نالو وشني ٻائي هو، جيڪا هڪ پڙهيل ڳڙهيل پر ڌرمي خاتون هُئي. جئرامداس کي هڪ ياءُ ڄيٺمل دولترام بہ هو.

هيءَ ننڍي هوندي کان ئي لکڻ پڙهڻ ڏانهن مائل هو، جنهن ڪري شاگرديءَ واري زماني کان ئي سياست ۽ ادب سان سندس گهرو چاهه هو. هي مهاتما گانڌيءَ جو پوئلڳ هو ۽ اڳتي هلي ڪانگريسي ٿيو ۽ پڇاڙيءَ تائين ان سان رهيو ۽ ورهاڱي بعد ڪيترائي اعليٰ منصب ماڻيائين. سندس ڪانگريس ۾ هجڻ واري دؤر بابت مشهور

سنڌي اديب ۽ صحافي ٻلديو گاجرا پنهنجي مشهور ڪتاب ”آزاديءَ جي يُڌ ۾ سنڌ جو ڀاڱ“ (ص_70) ۾ هيئن لکيو آهي:

”جئرام داس دولت رام سالن جا سال ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر رهيو. ڪو عرصو هو آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو. ديس جي آزاديءَ کان پوءِ هن گورنريءَ جو پد سينگاريو ۽ پڻ مرڪزي سرڪار ۾ منتري (وزير) ٿي رهيو.“

ٻلديو گاجرا_ سندس واکاڻ ڪندي لکيو آهي ته ”شري جئرام داس دولت رام اعليٰ ترين ديش ڀڳت ۽ هند سنڌ جو تسليم ٿيل مشهور سياسي رهنما هو. سندس زندگيءَ مان اهو به پتو پوي ٿو ته هو 1920_21ع واري اَسهڪار تحريڪ (تحريڪ عدم تعاون) دؤران ”هندو“ اخبار جو ايڊيٽر به رهيو. جڏهن انگريز سرڪار ”هندو“ اخبار تي بندش وڌي ته وڏو گوڙ ٿيو. جنهن ڪري ان جي ايڊيٽر شري جئرامداس کي ٽن سالن لاءِ جيل موڪليو ويو. هُن جيل وڃڻ کي قومي ڪارنامو سمجهيو. حيدرآباد جي ان وقت جي هڪ شاعر ”ٻجا سنگهه فتحسنگهه“ سندس شان ۾ هڪ شعر جوڙيو. جنهن جون ٻه سٽون هن طرح آهن:

جئرام شير پيارا، قربان تون به ٿي وئين،
سرڪار وٽ سونهارا، مهمان تون به ٿي وئين،

”سوراج پارٽي“ جي پليٽ فارم تان 1926ع ۾ سنڌ مان هيءُ ممبئيءَ ڪائونسل لاءِ اميدوار بيٺو ۽ چونڊ کٽيائين. سندس مخالف اميدوار هو مکي هرڪشنداس، جيڪو سنڌ جو وڏو زميندار هو.

1930ع ڌاري ”لوڻ ٺاهيو ستياگرهه“ شروع ٿي، ڪراچيءَ ۾ ڪيترائي سنڌي گرفتار ٿيا ۽ ڪوٽ ۾ پيش ٿي سزائون ڪاڍيون. انهن ئي واقعن وقت ڪورٽ ۾ گڏ ٿيل ماڻهن کي چڙو چڙ ڪرڻ لاءِ پوليس گوليون هلايون، جنهن ۾ ٻه نوجوان شهيد ٿيا ۽ جئرام داس دولترام کي به گولي لڳي، پر اها ڪيس ٽنگ ۾ لڳي ۽ هو زخمي ٿي پيو.

1947ع ۾ هو هند سرڪار جي مرڪز ۾ خوراڪ ۽ زراعت جو وزير ٿيو. ساڳئي وقت 1955ع کان وٺي عمر جي آخري وقت تائين پنج ڀيرا هو راجيه سڀا جو ميمبر رهيو.

1953ع ۾ هو آسام جو گورنر ٿيو. جيڪو آسام هاڻ پنجن صوبن ۾



ورهائجي ويو آهي. ان کان سواءِ هو ڪيترن ئي اهم منصبن تي صلاحڪار پڻ رهيو. هو جواهر لال نهروءَ سان گهڻو حجائتو به هوندو هو.

1965ع جي جنگ خلاف ٿهريون ٺهراءُ بحال ڪرائڻ جو شرف به هن سنڌي ”امن پسند سياستدان“ کي آهي، پر اصل ڳالهه هيءَ آهي ته هيءُ شخص سياست ۾ ايترو مصروف هوندي به علم ادب ۽ تحقيق لاءِ ايترو وقت ڪيئن ڪڍي سگهيو. اهو اچرج جهڙو ڪارنامو آهي. مٿي هُن جي سياسي ڪارڪردگيءَ جو مختصر ذڪر ٿي چڪو آهي، هيٺ سندس علمي ۽ ادبي زندگيءَ جو ذڪر ڪريان ٿو، جنهن کي سمجهڻ لاءِ ضروري ٿو سمجهان ته سندس ئي خيال ڏيان. جيڪي هُن 83 سالن جي ضعيف العمريءَ ۾ پنهنجي هڪ خط ۾ پنهنجي هڪ علمي، ادبي ۽ سياسي دوست سائين جي ايم سيد سان ونڊيا آهن، جن مان پتو پوي ٿو ته هيءُ سنڌ جو برک عالم سنڌ جي علم ادب ۽ تاريخ بابت ڪيترو سُچيتُ رهندو هو:

نئين دهلي 22 جون 1975ع

منهنجا پيارا سيد صاحب!

مون وٽان خط پهچڻ تي اوهان کي تعجبُ ٿيندو، پر مون اڪثر پئي سوچيو آهي ته اوهان کي سنڌي ادب بابت لکان، جنهن تي اڄڪلهه آءٌ ٻچيل وقت ۾ توجهه ڏئي رهيو آهيان. هن معاملي ۾ منهنجي مدد ڪرڻ لاءِ اوهان ئي بهترين ماڻهو آهيو. مون کي ٻڌايو ويو آهي ته اوهان پنهنجا ڪجهه ڪتاب سنڌيءَ ۾ ڇپايا آهن، ڇا انهن جون ڪاپيون موڪلي سگهندا؟ مون کي عرب دؤر ۽ پندرهين صديءَ تائين جي سنڌي زبان جا ڪجهه نمونا پڻ گهرجن، ڇا اهو ممڪن آهي ته پراڻن سنڌي قصن، سسئي، مارئي، سُهڻي، دودي چنيسر ۽ راءِ ڏياچ وغيره جون ڪاپيون هٿ اچي سگهن. مون کي ٻڌايو ويو آهي ته ”مجمعل التواريخ“ ۾ ڪجهه سنڌي بيت آهن، ڇا آءٌ ان ڪتاب جي ڪاپي يا حوالو، يا ان بيت جي لکت ۽ معنيٰ حاصل ڪري سگهان ٿو؟ مون کي معلوم ٿيو آهي ته 288هه ۾ قرآن شريف سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو هو، ان جي ڪا ڪاپي ملي سگهندي؟ ان کان پوءِ ان ئي دؤر جي سنڌي ڪتاب ”عبادات و عقائد“ جي ڪاپي هٿ اچي سگهندي؟

آءٌ سنڌ جي ابتدائي تاريخ به پڙهي رهيو آهيان. آءٌ سنڌ بابت سنڌونديءَ جي الهندي ڪناري بابت، جيڪي ڪجهه دستياب آهي، معلوم ڪرڻ چاهيان ٿو. اوهان وٽ ”سن“ جي تاريخ، ان جي پسگردائيءَ ۽ اوهان جي خاندان جي تاريخ ۽ شجري بابت ڪو مواد آهي؟

آءُ انهن سيني ڳالهين ۾ انتهائي دلچسپي رکان ٿو، ڇا اوهان مون کي ان معاملي ۾ گھربل مواد هٿ ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگھندا؟

اوهان جو مُخلص

**جٺرام داس دولت رام.**

ساڳيءَ طرح هڪ ٻئي خط ۾ هن عالم پنهنجي دوست کان هڪ ٻئي ڪتاب جي پڻ گهر ڪئي هُئي، جيڪو ڪتاب "پنيور جي کوٽائيءَ" بابت 1969ع ۾ سنڌ جي آرڪيالاجيڪل ڊپارٽمينٽ پاران ڇپايو ويو هو.

مٿين ٻن خطن جو ذڪر ڪرڻ جو اصل مقصد فقط اهو آهي ته جيئن هن سنڌيءَ جي برک عالم ۽ ٻوليءَ جي پارکوءَ جي سنڌ ۽ سنڌ جي علم، ادب، تاريخ ۽ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ ٿيندڙ تحقيق ۾ دلچسپي معلوم ٿي سگھي. هيءُ صاحب زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت بابت کوج/ تحقيق ڪندو ۽ ان جي نتيجي ۾ حاصل ٿيندڙ علم ۽ ڄاڻ هند ۽ سنڌ جي عام ماڻهن ۽ تحقيق ڪندڙن ۾ ورهائيندو رهيو ته جيئن اهي پنهنجي ڌرتيءَ، ان جي تاريخ، تهذيب، تمدن ۽ ٻوليءَ جي اصليت ۽ قدامت کان واقف ٿي سگهن ۽ ايندڙ وقت ۾ ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجي، تهذيب، تمدن، تاريخ ۽ ٻوليءَ لاءِ ڪا خاص راءِ جوڙي سگهن ۽ تحقيق جا نوان گس تلاشي سگهن. جيڪو ئي سجاڳ قومن تي فرض عائد ٿئي ٿو، ڇو ته قومون ماضيءَ مان سبق پرائي مستقبل جي راهه ڳولينديون آهن.

جٺرام داس دولت رام جي علمي، ادبي، تحقيقي جاکوڙ جي باري ۾ هند ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن لکيو آهي پر سندس سياسي ڪردار تي وڌيڪ لکيو ويو آهي. ناميار ڪانگريسي اڳواڻ وشنو شرما، "ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ جي جيوني" نالي ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ پڻ هن جٺرام داس دولت رام بابت ڪافي لکيو آهي، پر اهو سمورو سياسي حوالي ۾ آهي.

سنڌ جي ناميار ليکڪ ۽ محقق ڊاڪٽر هدايت پريم صاحب پڻ پنهنجي هڪ ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جا محقق" ۾ جٺرام داس دولت رام بابت هڪ مضمون لکيو آهي، ليڪن هن صاحب جيڪي ڪتاب ڄاڻايا آهن، اهي منهنجي خيال ۾ جٺرام داس دولت رام جا ڪتاب نه پر اصل ۾ مضمون آهن، مون کي پنهنجي تحقيق اهو ٻڌائي ٿي ته هُن انهن نالن سان ڪي به ڪتاب نه پر مضمون لکيا آهن، جن مان ڪي هن ڪتاب ۾ شامل آهن. گهٽ ۾



گهٽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي ۽ محترم هيرو ٺڪر اهڙن ڪتابن جو ڪو به حوالو مون کي ٻڌائي نه سگھيا آهن. البته هُن جو ٻوليءَ بابت هڪ ڪتاب ديوناگريءَ سنڌيءَ ۾ لکيل آهي، جيڪو پڻ مون کي مليو آهي ۽ مون وٽ محفوظ آهي، ان کان سواءِ هُن جو هڪ مضمون اهو آهي، جيڪو محترم هيري ٺڪر جي ترتيب ڏنل ڪتاب "قاضي قاذن جو ڪلام" ۾ مهاڳ طور ڏنل آهي، جيڪو پڻ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ممڪن آهي ڪي ٻيا مضمون به هُن صاحب لکيا هجن، جيڪي منهنجي ممڪن حد تائين جاکوڙ باوجود مون کي ميسر ٿي نه سگھيا آهن. ڪنهن ٻئي شخص کي اهي هٿ ايندا ته سنڌي ٻوليءَ بابت وڌيڪ ڪي شيون ملي سگھنديون. هن شخص لاءِ اڪثر عالمن اديبن جي راءِ اها رهي آهي ته هو خاموش، مُهذب، محبت جو مجسمو ۽ نمرتا جو پتلو هو، ساڳئي وقت اعليٰ تعليم حاصل ڪيل قومي ڪارڪن هو. سائين جي ايم سيد سندس باري ۾ لکيو آهي ته "سنڌ مان سندس لڏي وڃڻ جو ارمان اٿم، سنڌ اهڙن بزرگن کي وڃائي گھڻو نقصان سنو آهي، پر اهو اطمينان اٿم ته اهڙا ماڻهو هندستان ۾ وڃي به سنڌ جي صوفيانه روايات، تهذيب ۽ پيغام جا پرچارڪ ٿي ڪم ڪن ٿا"

سنڌي ٻوليءَ جي هن عاشق ۽ عالم، پهرين مارچ 1979ع تي 90 سالن جي عُمر ۾ وفات ڪئي. هو سنڌ ڄائو هند ۾ گذاري ويو، پر سنڌ اڄ به هن ڪتاب جي صورت ۾ کيس ياد ڪري ٿي.

**رکيل مورائي**

16،03،2009

ڪراچي، سنڌ.

ليکڪ بابت مواد هٿ ڪرڻ وقت حوالي طور ڪم آيل ڪتاب:

| | |
|---|---|
| 1. ڪُڇھ خط | جي ايم سيد |
| 2. آزاديءَ جي پڌ ۾ سنڌ جو ڀاڱ | ٻلديو گاجرا |
| 3. ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ جي جيوني | وشنو شرما |
| 4. سنڌي ٻوليءَ جا محقق | ڊاڪٽر هدايت پريم |
| 5. وهنواري هندي سنڌي ڊڪشنري | _ _ _ _ _ |
| 6. سائل ڪوش | سترامداس سائل |

# جئرام داس دولت رام

”ڊڪشنري آف سنڌي لِٽريچر“ ۾ شري جئرام داس دولت رام بابت داخلا هيٺ ڄاڻايل آهي تہ هو صاحب 1891ع ۾ ڄائو ۽ 1979ع ۾ وفات ڪيائين؛ سنڌيءَ جي پهرين صف جي ودوانن (عالمن) مان هڪ هو، ”Collected works of Gandhiji“ جو پهريون مُکيہ سمپاوڪ (ايڊيٽر) هو؛ ۽ جيڪي ودوان سنڌي ٻوليءَ ۽ اَدب جي سلسليوار وڪاس (ارتقا) کي سمجهڻ چاهين ٿا، سي هن صاحب جي انهن وشين (موضوعن) تي وقت بوقت لِکيل ليکن ۽ مضمونن جي مطالعي کان سواءِ اڳتي وڌي نہ سگهندا. وغيره . اِن ڊڪشنريءَ ۾ اِها سندس ٿوري ۾ واقفيت ڏنل آهي. ليڪن اِن کان گهڻو وڌيڪ پڙ لِکبو، سو سندس ڪيل خدمتن جي حوالي ۾ ٿوروئي ليکبو.

جيتوڻيڪ اَسان جا سنڌي لوڪ جئرام داس دولت رام کي آزادي هلچل جي مشهور معروف سياسي ڪارڪنن مان هڪ هئڻ جي ناتي ۽ آزاديءَ کان پوءِ (هند جي) کاڌ خوراڪ کاتي جي مرڪزي وزير ۽ بهار ۽ آسام جي گورنر جي حيثيت ۾ گهڻو تڻو ڄاڻن، سُڃاڻن ٿا، پوءِ بہ ڪين سندس ادبي دين (Contribution)جي اَٽپوري ئي سهي، معلومات اَوَس ئي آهي. ليڪِن سنڌيءَ جي سُڄاڻ لوڪن کي خبر آهي تہ هو صاحب هڪ اعليٰ کوجنيڪ (محققِ) هوَ.

جواهر لال نهروءَ لاءِ چيو ويندو آهي تہ جيڪڏهن هو صاحب راڄنيتڪ کيتر (سياسي ميدان) ۾ ايترو مصروف نہ هُجي ها، تہ هُو پنهنجي زماني ۾ اَنگريزي ٻوليءَ جي آڱرين تي ڳڻڻ جيترن اعليٰ اَديبَن ۾ شمار ڪيو وڃي ها. ساڳئي نموني جئرام داس دولت رام لاءِ پڻ چئي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن هن صاحب پنهنجي جيوَت (زندگي) کي سياسي، سماجي کيتر ۾ اَرپڻ نہ ڪيو هُجي ها، تہ هُو سنڌي ٻولي، ساهتيہ (ادب)، اِتهاسَ ۽ سنسڪرتيءَ (تهذيب) جي کيتر ۾ اَڃا بہ گهڻو وڌيڪ ڪم ڪري سگهي ها.

هو صاحب اَڄوڪن انهن سنڌي ودوانن مان ڪين هو، جيڪي سنڌي



ادب جي تاريخ جي ”چند ٻ چاڻ“ ڪندي سومرن ۽ سمن جي جدا جدا دؤرن ۾ مُنجهي پون ٿا، يا انهن ليکڪن مان بہ نہ هو، جي يارهين صديءَ جي ”ڪوئِل ۽ ديپچند“ قِصي تي ڪِلڪَراني (قلم آرائي) ڪندي اُنَ زماني جي ڪِردار واتان گهڻو تڻو اَرڙهين صديءَ جي صوفي شاعر شاهہ لطيف جو بيت چوارائين ٿا. هو صاحب اُنهن سنڌي عالمن مان قطعي ڪين هو، جي ثانوي ماخذن جا حوالا پيش ڪندا آهن. پر هو اُنهن ودوانن مان هو، جي ابتدائي ماخذن جو گهرائيءَ سان مُطالعو ڪندا آهن ۽ ائين ڪندي ڪيتريون نيون ڳالهيون روشنيءَ ۾ آڻيندا آهن. اهڙن اعليٰ عالمن کان پوءِ ايندڙ ٻيا عالم سندن روشنيءَ ۾ آندل ڳالهين کي پنهنجي لفظن ۾ چئي، اُنهن جا شروعاتي محقق بڻجي ويهندا آهن، مثال طور ”جهُولي لال“ جي 10 سيپٽمبر 1996ع واري پرچي ۾ شري ليلارام رُچنداڻيءَ، مَهامَتي پراڻنات جي سنڌي واڻيءَ تي پنهنجا ويچار ظاهر ڪندي لکيو آهي تہ اُن واڻيءَ جي پهرين ڄاڻ شري جئرام داس دولت رام، سرڳواسي بولچند راجپال جي سمپادڪيءَ (ايڊيٽريءَ) هيٺ نڪرندڙ ”سنڌو“ مخزن جي اپريل 1967ع واري اَنڪَ (شماري) ۾ ڏني هُئي. ليڪن شري جهمون ڇُگاڻيءَ پنهنجي ڪتاب ”سوامي پراڻنات جي سنڌي واڻي“ ۾ يا ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي اُن ڪتاب جي پنهنجي مهاڳ ۾ ان جو ذڪر ڪو نہ ڪيو آهي. شري جئرامداس ان ليک ۾ ڄاڻايو هو: ”مون کي تہ لڳي ٿو تہ سوامي پراڻنات جي سنڌي ڪوتا (شاعريءَ) تي سندس گرُوَ سوامي نجانند جو ضرور ڪو اثر پيو هوندو. اهو ممڪن آهي تہ سوامي نجانند خود بہ ڪي سنڌي سلوڪ رچيا هُجن، جي ان ڪري اڃا بہ اڻ ڳوڙهي چئبا ۽ شاهہ ڪريم (1536-1624) ۽ شاهہ لطيف (1689-1752) جي وچ جون ڪڙيون شايد سوامي نِجانند ۽ سوامي پراڻنات جون سنڌي ڪوتائون ٿي سگهن ٿيون.“

ليڪن ليلارام رُچنداڻيءَ جي لفظن ۾ ”مُرليڌر جيٽلي بہ پراڻناتَ کي روشنيءَ ۾ آڻڻ جو شرف پنهنجي مُهاڳ ۾ جهمون ڇُگاڻيءَ کي ڏنو آهي ۽ پراڻنات جي واڻي سنڌي شاعرن ۾ شاهہ لطيف کان اڳ جي هڪ گُتل ڪڙي

ڪري ڇاٽائي آهي.“

ايتروئي نہ، شري جيٺرام داس دولت رام اُنهن سُڄاڻ ودوانن مان هو، جي اِجا سوچ ويچار، بحث مباحثو گهرندڙ ڳالهيُن پويان سَوال جون نِشانيون لڳائيندا آهن. اَهڙا ودوان دل ۽ دماغ جي خلوص وچان، اُنهن جي صحيح صورت سامهون اَچڻ جو اِنتظار ڪندا آهن ۽ هروڀرو پنهنجو رايو مڙهڻ جي ڪوشش نہ ڪندا آهن. اوهين سندس مضمون ”سنڌ جي ڪوئل“ پڙهي ڏسو، اُن جي سري ”سنڌ جي ڪوئل؟“ ۾ ئي سَوال جيَ نشاني لڳل آهي. هو صاحب 1924عَ ۾ شَهدادپور پاسي ويو تہ اُتي ڪيس هڪ سُرندائي ڏنيو، جنهن ”ديپچند ۽ ڪوئل“ جا بيت پئي ڇيا. هُن پنهنجي نوٽ بوڪ ۾ اُهي بيت لِکيا، پهريون بيت:

گجي تو غزنيءَ ۾، سُلطان محمود شير،
ڏينهان ڪري راڄڙو، راتيان ڦري فقير،
پوتا پايو چمَرَ جا، ڪٽي ڪو نہ وزير،
سُڪي تي ساري پرٽي، ستيُن پاڙيو سير.

ان بيت مان ڪيس لڳو تہ اِها ڪهاڻي سلطان محَمود غزنويءَ جي ڏينهن جي هئي. ليڪن ڪيس اُنهن مڙني بيتن جي ٻولي گهڻو پوءِ جي ڏسڻ ۾ آئي. ان مضمون ۾ اُن سُرنڊائيءَ جا سَپ بيت ڏيئي، آخِر ۾ ڪنهن بہ نتيجي تي نہ پهچي ڪري، سَوال مَٿان سَوال سان پنهنجو مضمون پورو ڪيائين، ”هيءَ ڪهاڻي غزنيءَ جي شهر جي آهي ڪين سنڌ جي شهر جي؟ هو سنڌ ۾ ايترو رهيو هو ڇا، جو ٽانيڪو تي ويهي ڪٽي راڄ ڪيائين؟.... اِهي سڀ دلچسپ سوال پڙهندڙن اڳيان اُٿن ٿا.“

ساڳيءَ ريت، سَندس هڪ ٻئي مضمون ”سنڌي ٻوليءَ جو اتهاس: ٻہ هزار سال پُراڻو اکر؟“ جي سري ۾ پڻ سوال جي نشاني ڪتب آندل آهي. هتي هڪ ڳالهہ صاف ڪرڻ گهرجي تہ شري جيٺرامداس ”اکر“ لفظ ”اکر“ جي معنيٰ ۾ نہ، پر شبد (لفظ) جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آهي. اسين سنڌي گهڻو ڪري ”اکر“ لاءِ اکر ڪم آڻڻ ڪانسواءِ ”شبد“ لاءِ پڻ ”اکر“ ڪم آڻيندا آهيون. جيئن ڪتاب



جي مهاڳ ڪي ”دو شبد“ جي معنيٰ ۾ ”ٻہ اکر“ چوندا آهيون. ”غلط العام صحيح“ تحت، شري جيٺرامداس صاحب پڻ ”لفظ“ بدران ”اکر“ ڪم آڻيندي لکيو آهي: ”سنڌ ۾ هفتي جي ڏينهن مان ڪن ڏينهن لاءِ ٻہ نالا ڪم ايندا آهن. هڪ نالو سنڌي مُسلمان ڪم آڻيندا آهن، ٻيو سنڌي هندو. منگل وار کي سنڌي مُسلمان چون ”اڱارو“ ۽ سنڌي هندو چون ”منگل“. عام ريت سنڌي هندو ائين سمجهنَدا آهن تہ اڱارو ڪو خاص اسلامي اکر (شبد) آهي. ”اڱارو“ هڪ ڪُهنو (قديم) سنڌي اکر آهي، جو مهاراشٽري پراڪرت جي ”ستسَئي“ ۾ پڻ ”اَنگار وارَ“ يعني ”منگل وارَ“ جي معني ۾ آيو آهي.“ ۽ پوءِ لکيو اٿائين. ”سنڌيءَ جون پاڙون ڪيتري قدر آڳاٽي مهاراشٽري، پراچين (قديم) شؤرسيني ۽ پُراڻي راجستاني، مرهٽي ۽ گجراتي ٻولين جي ويجهو پکڙيل آهن. ان جو اونهو اڀياس ٿيڻ گهرجي.“ ان ريت هن صاحب سنڌي ٻوليءَ جي بُڻ بنياد تي نئين روشني وجهندي سنڌي ادب جي اتهاس (تاريخ) کي ٻہ هزار سال اڳ جو ڏيکاريو آهي ۽ اَڄ سڌي نموني مهاراشٽري پراڪرت سان سنڌيءَ جو رشتو جوڙي، ان جي شاهڪَار ”گاٿا سَتسَئيءَ“ کي اُتر_ اولهہ هندستان (جنهن ۾ سنڌ بہ اچي وڃي ٿي) جو گڏيل اَدبي ورثو ڪري قبوليو آهي.

سنڌي ادبي حلقن ۾ سندس معتبريءَ جو اهو عالم آهي، جو 1958ع ۾ جڏهن پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو ”شاهہ جو رسالو“ ڇپيو، تہ اُن جو مُهاڳ هن صاحب لکيو ۽ سنڌ جي ادبي تاريخ کي هند جي ادبي تاريخ سان ۽ سنڌوءَ کي گنگا جمنا سان ڳنڍيائين ۽ سنڌي ڌارا کي هند جي مُکيہ ڌارا سان جوڙيائين. پنهنجي مهاڳ ۾ چيائين، ”لوڪن سنئون، شاهہ صاحب جي رهڻي ۽ ڇوَٽيءَ جي ڪُجهہ ٿوري ڄاڻ اَٿم، پر اِنهيءَ ٿوري ڄاڻ بہ مون کي ان نتيجي تي رسايو آهي تہ شاهہ عبداللطيف جي حقي ڄڳهہ اُتر پرديش جي ڪبير، راجستان جي ميران بائي، مهاراشٽر جي رامداس ۽ تُڪارام، بينگال جي چيٽنيہ ديو، آسام جي شنڪرديو، گجرات جي نرسي مهتا جهڙن ناموَر سنت_ ڪويُن، ڏٽيءَ جي نماڻن ڀڳتن ۽ درويشن جي قطار ۾ آهي.“

سچ پچ تہ هن صاحب پنهنجن عالماڻن مضمونن وسيلي، اسان کي نئين درشٽي (سمجهہ) ڏني. سندس بيشُمار ليک ۽ مضمون روزاني "هندُستان" ۽ هفتيوار "هندواسيءَ" ۾ شايع ٿيا. 1993 ۾، اُنهن ليکن ۽ مضمونَن مان چونڊ ڪري "سنڌ جي کوج" نالي پستڪ (ڪتاب) ظاهر ٿيو، جنهن جي ٽن ڀاڱن ۾ سنڌي ساهتيہ، سنڌين جي اتهاس ۽ مهاپُرشن (عظيم انسانن) جي سمرٽين (يادن) سان وابستہ ليک ۽ مضمون ڏنا ويا. ان جي پهرئين ڀاڱي ۾ آهن: (1) سنڌي ٻوليءَ جو اتهاس: ٻہ هزار سال پُراڻو اکر، (2) يارهين صديءَ جا اکر، (3) ڪوئل ۽ ڏيپچند جي ڪهاڻي، (4) قاضي قادن، (5) شاهہ ڪريم ۽ لوڪ ڪهاڻيون، (6) سنت نجانند ۽ مهامتي پراڻنات، (7) شاهہ عبداللطيف ۽ سندس رسالو، (8) سنڌي لپيءَ جو اِتهاس. ٻئي ڀاڱي ۾ شامل آهن: (9) راجا ڏاهر جي شادي: ڏاهر ۽ لاڏي، (10) يوگ وديا جي حيرت انگيز شڪتي، (11) ڏن اسان جو ديس لاءِ سِر قربان، (12) ويرن ڪيا صدقي سَر، ويرانگنائن گهوريا سرير، (13) اُلهندي سوراشٽر ۾ سنڌين جو راڄ، (14) اَڀيَچند ۽ سرمد، (51) ننگر، ممت ۽ ڏونگر، (16) مارئيءَ جي سچي ڪهاڻي. ۽ آخرين ٽئين ڀاڱي ۾ ڏنل آهن: (17) ديوان گِدومل، (18) لوڪمانيہ تِلڪ، (19) مهاتما گانڌي، (20) راشٽر نِرماتا سردار پٽيل، ۽ (21) اَسان سنڌين جو آئيندو ڇا ۾؟"

"سنڌ جي کوج" ڪتاب جي آخرين مضمون ۾ هو صاحب اسان سنڌين کي گهڻو ڏيکاءُ نہ ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو. چئي: "اسان مان ڪن کي هتي، ڀارت ۾ جهجهو ئي ڌنُ مليو آهي، سنڌ ۾ سندن ڌن سان جاءِ نہ آهي. هت مايا جي تيز وهنڊڙ ندين مان، اسَان مان ڪيترا، گهڻي ئي دلا ڀري سگهيا آهن. سنڌ کان هت وڏيڪ سٽيا ٿيا آهن، پر اسين پنهنجي شاهوڪاريءَ جو گهڻو ڏيکاءُ نہ ڪريون. اسين اُهي گڻ ڏيکاريون، جيڪي سنڌين جي سچي ناموس وڌائين."

ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي

(هندواسي: 3 نومبر 1999)

# سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس (ترقي)

سنڌي ٻولي هڪ بلڪل پراچين ڀاشا (قديم ٻولي) آهي ۽ ان اندر سندس لنبي اتهاس (ڊگهي تاريخ) ۾ ڪافي تبديليون آيون آهن. سنڌي ڀاشا اهڙي پراچين آهي، جهڙو آريہ لوڪن جو ڀارت اندر اچي سنڌو ماٿريءَ جي هيٺئين ڀاڱي ۾ پاڻ وسائڻ جو اتهاس. ان جي اصلي صورت شايد اها ئي هئي، جيڪا ان ماٿريءَ جا باشندا ان وقت ڳالهائيندا هئا ۽ اها ان ٻوليءَ کان گهڻو علحدي نہ هئي، جنهن ۾ رگ ويد جا منتر اول اول اچاريا ويا ۽ ڳايا ويا.

**جدا جدا روپ:**

ٻين اِندو_ آرين ٻولين جيان، سنڌي ٻولي پڻ جدا جدا صورتون اختيار ڪيون آهن، جن کي پراچين، وچولي ۽ نئين زماني جي اندو_ آرين ڀاشائن جو پراڪرت ۽ اپڀرنش روپ سڏجي ٿو. آخر ان هاڻوڪي سنڌيءَ جي صورت اختيار ڪئي آهي، جنهن کي ڀارت جي هاڻوڪين ٻولين ۾ پڻ ڳڻيو وڃي ٿو.

سنڌي ڀاشا کي سندس آخرين (اندو_ آرين ڀاشائن جي نئين زماني واري) صورت شايد هڪ هزار عيسويءَ ڌاري ملي. جيتوڻيڪ هڪ زنده وستوءَ (شيءِ) جيان اها اڃا بہ ڦلجي ڦولجي ۽ وڌي رهي آهي. سرجارج ابراهيم گريئرسن ۽ ڊاڪٽر سُنيتي ڪمار چٽرجيءَ ڀارن ڀاشا وگيانين (ٻولي_ ماهرن) ، اتر ڀارت جي هاڻوڪين ڀاشائن جي وڪاس (اوسر) جو اهو ئي مارگ ٻڌايو آهي.

**سنڌيءَ جو وڪاس:**

هزار ورهيہ اڳي جڏهن سنڌي ڀاشا جو جنم ٿيو، تڏهن کان وٺي سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس لڳاتار ٿيندو آيو آهي. انهيءَ جي شروعات ان وقت ٿي، جڏهن آريہ جاتيءَ جي هڪ فرقي، بلوچستان ۽ راجستان جي وچ واري ايراضي اچي والاري. آريہ جاتيءَ جو اهو فرقو ٻين کان ڪجهہ الڳ ٿي ويو ۽ اهي هڪ خاص قسم جي ويدڪ پراڪرت ڀاشا ڳالهائڻ لڳا، جا رگ ويد جي لکڻ کان اڳ ۾ ڪتب ايندي هئي. پرانتو (آثار قديمہ) جي ماهرن (Archaeological specialists) ڪافي ثابتين سان ثابت ڪيو آهي تہ اتهاسڪ زماني کان اڳ واري زماني جي کوٽاين مان جيڪي شيون لڌيون آهن، سي ڏيکارين ٿيون تہ چئن هزارن سالن کان اڳي، سنڌ جي راڄڌاني موهن جي دڙي ۾، ويدڪ ڪريائون (رسمون) ڪيون ويندون هيون ۽ ويدڪ منتر اچاريا ويندا هئا. ان وقت جيڪا ڀاشا ان شهر ۾ گهرن ۽ بازارين ۾ ڳالهائي ويندي هئي، سا هئي پراچين سنڌي پراڪرت. ان جي ٻاهرين صورت جيتوڻيڪ آهستي آهستي بدلجي ويئي آهي، پر ان جي بيهڪ (Structure) جو اصل نسل اڃا قائم آهي. اها پراچين سنڌي پراڪرت، پاڻني، پتنجلي، ڪاليداس، رامائڻ ۽ مهاڀارت جي پراڪرت کان بہ اڳ واري آهي. ٻين هاڻوڪين اندو_ آرين ڀاشائن جيان، سنڌيءَ کي بہ ساڳي پراچينتا ۽ ساڳئي نموني جو پراچين اتهاس آهي. انهن پراچين ڀاشائن جي ڪنهن اڳ واري ٻولي (Predecessor) مان ئي سنسڪرت ڀاشا جنم ورتو. ٻين پراڪرت ڀاشائن جيان سنڌيءَ پڻ پنهنجو روپ بدلائي اپڀرنش جو روپ اختيار ڪيو، پر ڏسجي ٿو تہ سنڌي پاڻ پنهنجا ڪيترائي پراڪرت روپ جيئن جو تيئن قائم رکيا آهن.

**جين اوتار:**

جين ڌرم جو ٻارهون تيرٿنڪر انشنات، جو سنڌ ۾ ڄائو هو ۽ جنهن جين ڌرم جي سڌانت جو پرچار سنڌ ۽ ڀارت جي ٻين ڀاڱن ۾ ڪيو هو، تنهن، ڏسجي ٿو تہ پنهنجي پرچار ۾ ان وقت جي سنڌي زبان جو اپيوگ (استعمال) پڻ ڪيو. هن عيسوي سنہ 1500 سال اڳ ۾ اولهہ بنگال ۾ وڃي اپواس (روزي) ذريعي پنهنجي زندگيءَ جي آخرين آهوتي (قرباني) ڏني.

**مهاڀارت وارو زمانو:**

عيسوي سن کان هڪ هزار ورهيہ اڳي، جڏهن چيو وڃي ٿو تہ مهاڀارت واري جنگ لڳي، تڏهن ٽيهہ هزار ڪن براهمڻ، ڪوروَن جي راجا دريوڌن سنڌ ۾ وسايا. انهن ڏسجي ٿو تہ اچي وچ سنڌ ۾ پاڻ وسايو. جنهن بعد ان ايراضيءَ کي "برهمنڪا" سڏيو ويو. پاڻني جنهن جو جنم عيسوي سن کان پنج سؤ سال

اڳي ٿيو هو، تنهن پنهنجي ”اشٽاڌيايي“ پستڪ ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. اها ايراضي ”برهمن واس“ ۽ ”برهمڻ آباد“ جي نالن سان سڏجڻ ۾ آئي. ڀارت جي جدا جدا ڀاڱن مان آيل ايترن براهمڻن جي سنڌ ۾ اچڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ جو ضرور وڏيڪ وڪاس ٿيو هوندو ۽ ان جي صورت ۾ پڻ ڪافي تبديلي آئي هوندي.

**سنڌيءَ جا روپ:**

سنڌي ٻوليءَ جي روپ وغيره بابت ٻي عيسوي صديءَ کان اڳ جو اسان وٽ ڪو بہ رڪارڊ يا ذڪر ڪو نہ آهي. موهن جي دڙي مان جيڪي مهرون لڌيون آهن، تن ۾ ڪهڙي لپي ۽ ڪهڙي ڀاشا ڪتب آندي ويئي آهي، سا اڃا سمجهي نہ سگهيا آهيون. جيتوڻيڪ ان بابت جدا جدا ويچار ظاهر ڪيا ويا آهن. انهن مان شايد سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪي رنگ روپ ۽ وصفن تي ڪجھ روشني پئجي سگهي، پر هن وقت جيڪا ڄاڻ اٿئون تنهن موجب ڀرت مني ئي پهريون سنسڪرت ليکڪ آهي، جنهن ٻي عيسوي صديءَ ۾ لکيل پنهنجي گرنٿ ”ناٽيہ شاستر“ ۾ سنڌ سؤوير جي رهواسين جي ٻوليءَ جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان جي رنگ روپ ۽ وصف وغيره بابت پڻ ٻڌايو آهي، جي اڄ تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود آهن.

**يادون جو زمانو:**

اهو زمانو شايد اهو هو، جڏهن يادوَ ڪل جي ”سما“ لوڪن جو راڄ ڏکڻ سنڌ مٿان هو. هنن جي گاديءَ جو هنڌ ”برهمڻ واس“ (برهمڻ آباد) ۽ سندن ڏاڪو ستين عيسوي صديءَ تائين قائم رهيو. انهيءَ ساڳئي عرصي ۾ ڪتري ڪل جي پرمار لوڪن جو راڄ وري اتر سنڌ مٿان هو ۽ راڄڌاني اَروڙ ۾ هئي. انهيءَ عرصي اندر ماڻهن جي ٻولي سنڌي ئي رهي، جا انڊو- آرين ٻوليءَ جو هڪ قسم هئي.

**چينائي ياتري:**

ان بعد ستين صديءَ جي وچ ڌاري چينائي ياتري يوئن چئانگ ڀارت ۾ آيو، جنهن ڏکڻ ۽ وچ سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن جي ٻوليءَ بابت ڪجھ ٻڌايو آهي. هو لکي ٿو تہ انهن ماڻهن جي ٻولي مڌيہ ديش جي رهواسين کان ٿوري



ڦريل آهي. مڌيہ ديش ۾ اتر گجرات، راجستان، مالوا، پشچم- اتر پرديش ۽ پرواريون ايراضيون اچي ٿي وڃن. انهن ايراضين ۾، چينائي ياتريءَ جي لکڻ موجب شورسيني ۽ ناگر ٻوليون چالو هيون.

پوءِ وري اسين ڏسون ٿا تہ اٺين صديءَ ۾ ”سينڌو“ ماڻهن جي ٻوليءَ جو ذڪر ملڪ جي ارڙهن مکيہ ديش ڀاشائن ۾ ڪيو ويو آهي. ”ڪوئليہ مالاڪها“ نالي هڪ پستڪ (ڪتاب) عيسوي سنہ 779ع ۾ اپڀرنش ٻوليءَ ۾ لکيو ويو. ان پستڪ جو ليکڪ لکي ٿو تہ ”سنڌ واسين جي ڪوتا رمڻيڪ، مٺي، نرم آواز واري آهي ۽ منجهس ديش ڀڳتيءَ جو ڀاو ڀريل آهي. ان جي ثابتيءَ ۾ پوءِ هن سينڌوائن جي ڪوتا مان ڪي بيت وغيره پڻ دهرايا آهن.

نائين صديءَ ۾ وري آنند وردن نالي ڪشميري مهاڪويءَ پنهنجي ڪوتائن ۾ جدا جدا ڀاشائن جا لفظ ڪتب آندا ۽ انهن ۾ ڪي ”سنڌوُ ڀاشا“ يعني سنڌ جي ٻوليءَ جا لفظ بہ ڪتب آندا ويا آهن.

**سنڌي مهاڀارت:**

اٽڪل هڪ هزار ورهيہ اڳي هڪ نامعلوم سنڌي ودوان، سنڌيءَ ۾ مهاڀارت لکيو. اهو ڪتاب شايد نثر ۾ لکيو ويو ۽ ان ۾ مهاڀارت جي آکاڻي ڪجھ علحدي نموني ڏنل آهي. اهو مهاڀارت ڏهين عيسوي صديءَ ڌاري ابو صالح نالي هڪ عرب عربي زبان ۾ ترجمو ڪيو ۽ ان عربي ترجمي جو وري فارسي ترجمو 1026ع ۾ ڪيو ويو. ڪجھ وقت بعد اهو فارسي ترجمي وارو ڪتاب وري مختصر روپ ۾ ”مجمع التواريخ“ جي نالي سان پڻ شايع ڪيو ويو. وچولي زماني جي سنڌي نثر ۾ اهو سنڌي مهاڀارت شايد پهريون ڪتاب آهي، جنهن بابت پڪ سان ڪجھ چئي سگهجي ٿو.

انهيءَ ڪتاب ۾ جيڪي نالا وغيره اچن ٿا، تن کي ويچار ۾ رکي چئي سگهجي ٿو تہ هڪ هزار ورهيہ اڳي سنڌ جي ڀاشا ۽ ٻين ڀارتي ڀاشائن وچ ۾ ڪافي هڪجهڙائي هلندي پئي آئي. البيروني ۽ ٻين عرب ليکڪن جيڪي لکيو آهي، تنهن مان بہ ساڳي شاهدي ملي ٿي.

**سومرا ۽ سما:**

سومرن جي راڄ واري عرصي ۾ ۽ ان بعد چوڏهين صديءَ کان وٺي سمن جي ٻئي دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ وڏو ئي واڌارو ڪيو. انهيءَ عرصي ۾ ڪيترين ئي اتهاسڪ (تاريخي) ۽ رومانچڪ (رومانوي) ڪوتائون لکيو ويون، جيڪي ڦريل روپ ۾ اسان وٽ اڃا تائين موجود آهن.

همير ۽ مارئيءَ جي قصي ۾ ڪجهه تبديلي آئي ۽ اهو اسان اڳيان عمر ۽ مارئيءَ جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. اهو ساڳيو قصو هو. جو سورهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري، ٻنهه هن دهليءَ جي شهر ۾، اڪبر بادشاهه اڳيان سندس درٻار ۾ سهڻيءَ سنڌيءَ ۾ ڳايو ويو هو. ڪوتا جي ميناج درٻار کي اهڙو تہ موهي ڇڏيو، جو ڪيترا درٻاري پنهنجو پاڻ وساري، ڳائڪ سان گڏ ويهي موج ۾ ڳائڻ ۽ جهومڻ لڳا.

سترهين صديءَ کان وٺي اسين سنڌي ساهتيہ ۾ تڪڙو تڪڙو واڌارو ڏسون ٿا. هڪ ٻئي پٺيان انيڪ شاعرن پنهنجي شعر جي پلٽ لڳائي ڏني. شاهه عبدالڪريم، شاهه لطيف، سچل ۽ سامي وغيره هڪ ٻئي پٺيان ايندا ويا، تان جو اڄي چالو صديءَ ۾ پهتاسين ۽ هن صديءَ ۾ پڻ نثر ۽ نظم وڏيڪ ۽ وڏيڪ تعداد ۾، نہ رڳو مرد پر زالون پڻ چئي ۽ لکي رهيون آهن. انهن جي لکيتن جون وشيون بہ اهي ئي ساڳيون آهن، جيڪي هندستان جي ٻين ليکڪن جون آهن.

برڪ پاشا وگيانين جو رايو آهي تہ ٻين اندو- آرين ٻولين جيتوڻيڪ پنهنجو اصلوڪو روپ گهڻي قدر ڦيرائي ڇڏيو آهي، تڏهن بہ سنڌي ٻولي ڌارين جي سياسي توڙي ڪلچرل اثرن پوڻ جي باوجود پنهنجي اصل شڌ روپ کي ۽ پنهنجي پراڪرت واري ويس کي اڄ تائين گهڻي پاڳي قائم رکندي آئي آهي. انهيءَ خيال کان ٻين ڀارتي ڀاشائن جي وڪاس ۽ واڌاري جي اتهاس جي اڀياس لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي وڏي اهميت آهي.

(ڊسمبر 1957ع)

• پهرين ڊسمبر 1957ع تي ”ڪل ڀارت سنڌي ٻولي ڪنوينشن“ دهليءَ جي موقعي تي جئرام داس دولترام جي ڪيل صدارتي تقرير، جيڪا ”سنڌو“ مخزن نومبر- ڊسمبر 1957ع واري پرچي ۾ ڏنل آهي.



# سنڌي ٻوليءَ ۽ لِپيءَ جو اتهاس: ٻہ ٽي پراڻا ورق

سنڌي ٻوليءَ کي هند جي وڏان (آئين) ساهتيہ ۽ ٻين ڪيترن ۾ جوڳي جڳهہ ملي، ان وشئہ (موضوع) جو پئي اڄڪلهہ اڀياس ڪيو اٿم. اڀياس ڪندي ڪي دلچسپ حقيقتون ڄاڻ ۾ آيم، جن جو سنڌي ٻوليءَ ۽ لپيءَ جي تاريخ سان لاڳاپو آهي. وقت آهر هن باري ۾ ٻيو بہ ڪجهہ لکڻ جو ويچار اٿم. هن ليک ۾ رڳو سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جي اتهاس (تاريخ) جا ٻہ ٽي ورق ئي ورايان ٿو.

سنڌ جي پراڻن کنڊرن مان کوٽيل مهرن تي ڪنهن لپيءَ ۾ ٿوريون اُڪريل لکتون هٿ آيون آهن. موهن جي دڙي جي اُنهن (پنج هزار سال پراڻن) تهن مان لڌل مهرن تي جيڪي لکيل آهي، ان جي لپي نسبت ماهرن ۾ اڃا چڱو مت ڀيد (اختلاف) آهي. اهو ٽيو پنج هزار ورهيہ اڳي ۽ ان کان اڃا ڪجهہ آڳاٽو زمانو. انهيءَ زماني بابت اڄ ڪونہ ٿو لکان. پر موهن جي دڙي جي مٿين تهن مان نڪر جا پنج ٽانوَ لڌا اٿن، جي پاٽي پيئڻ جي ڪم ايندا هئا. هرهڪ ٽانءَ تي اُڪريل آهي تہ ٻڌ ڌرم جي کهڙي ڀڪشُوءَ جي اهو پيئڻ جو ٽانءُ هو. اها لکت ”پالي“ ٻوليءَ ۽ براهمي لپيءَ ۾ آهي.

پالي ٻولي بہ سنسڪرت مان نڪتل آهي ۽ سنڌ ۾ گهڻو چالو هئي. ان جو سنڌي ٻوليءَ سان جيڪو ناتو هو، تنهن تي اڃا اونهي کوج ڪانہ ٿي آهي. اها ٽيڻ گهرجي. منجهس ڪيترائي اکر آهن، جي سنڌيءَ جهڙا آهن. سنڌ ۾ چالو پالي ڪيتري قدر ان زماني جي سنڌيءَ جو روپ هئي، ڪٿي چئجي ان وقت جي سنڌي هئي، تنهن کوج لهڻي. پر گهٽ ۾ گهٽ پاسجي ائين پيو تہ

براهمي لپي ئي ان وقت (اٽڪل 17 صديون اڳ) سنڌ ۾ چالو هئي جا، چاهي پالي چاهي ان زماني جي سنڌي، ٻنهي ٻولين لاءِ ڪم ايندي هئي.

ڊاڪٽر مجمدار، جنهن موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪئي هئي، تنهن رايو ڏنو آهي تہ، مٿين پنجن ٿانون تي جيڪي اکر اُڪريل آهن، تن جي بناوٽ جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ اها لکت عيسوي سنبت جي ٻي يا ٽين صديءَ جي آهي. ان مان اهو انومان واجب ٿو لڳي تہ مٿئين زماني ۾ يعني ٻي يا ٽين عيسوي صديءَ ڌاري اولهہ سنڌ (موهن جي دڙي طرف) جي لپي براهمي هئي، جا ناگري لپيءَ جي ماءُ ليکي ٿي وڃي. نہ رڳو اولهہ سنڌ، پر سمجهجي ٿو تہ سڄيءَ سنڌ ۾ اها لپي چالو هئي. ڇوتہ خود هڙپا (پنجاب جي شهر) جي کنڊرن مان بہ ساڳيءَ لپيءَ جون شيون مليون آهن.

ڇهين ۽ ستين صديءَ ۾ سنڌ ۾ راجپوت ۽ براهمڻ حاڪمن جو راڄ هو. تيرهين صديءَ جي پراڻي پارسي ڪتاب "چچ نامي" ۾ لکيل آهي تہ اڳين تاريخن مان معلوم ٿو ٿئي تہ ڇهين ستين صديءَ جي حاڪمن کي ملڪ جي ڌار ڌار پاڳن مان لکت ۾ خبرون چارون اينديون هيون ۽ راڄڌانيءَ مان موٽ ۾ هدايتون لکجي وينديون هيون. اها سڄي لکپڙهہ سمجهجي ٿو تہ ان زماني جي سنڌي ٻوليءَ ۾ هئي. لپي بہ شايد "براهمي" ۽ "ديوناگري" لپين جي وچ واري بناوٽ جي هئي.

"يوئن چوئانگ" چين جو مشهور رهاڪو ۽ ٻڌ ڌرم جو وڏو ڀڳت ستين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ هندستان جي گشت تي آيو هو ۽ سنڌ بابت لکيو اٿس تہ اتي جي ٻولي مڌيہ ديش جي ٻوليءَ کان ڪو ٿوروئي ڦريل هئي. لپيءَ لاءِ ڪجهہ ڪين لکيو اٿس. ظاهر آهي تہ سنڌي لپي بہ ان وقت مڌيہ ديش (آريہ ورت) جي لپيءَ سان ڪجهہ مشابهت رکندي هوندي.

برهمڻ آباد جي پراڻي شهر جي، 1854 ۾، هڪ انگريز عملدار مسٽر بلئسيز کوٽائي ڪرائي هئي. ان پاسي جي ماڻهن جي پراڻين روايتن ۽ ٻين



حقيقتن تان ڪن ماهرن اهو رايو ٺاهيو آهي تہ برهمڻ آباد، جو ڌرتي ڏٻڻ ڪري، ڏهين يا ٻارهين صديءَ ۾ ناس ٿيو هو. هندڪو شهر هو. سنڌ جو هڪ بلڪل آڳاٽو نگر هو، جنهن جو ورنن (ذڪر) عيسوي سنبت کان اٽڪل پنج صديون اڳ سنسڪرت جي مهاودوان (عظيم عالم) پاڻنيءَ پنهنجي وياڪرڻ (گرامر) ۾ ڪيو آهي. تن ڏينهن چالو نالو هوس "براهمڻڪ". وچ واري ۽ ويجهڙائيءَ جي زماني واري سنڌي ٻوليءَ ۾ "براهمڻ" اکر جو اُچار "ٻانڀڻ" ٿيندو آيو آهي. سو اُن زماني ۾ انهيءَ نگر کي "براهمڻواهہ"، "ٻانڀڻوا"، "ٻانڀڻا" چوندا هئا. اتي جا پراڻا کنڊر بہ "ٻانڀڻا جو ٺل" جي نالي سان مشهور هئا. برهمڻ آباد جو نالو مٿس پوءِ پارسيءَ جي ڄاڻن رکيو هو.

سن 1854 ۾ کوٽائي ڪندي مسٽر بلئسز برهمڻ آباد مان ڪي جواهري پٿرن مان ٺهيل شيون لڌيون، جي اڄ لنڊن جي عجائب خاني ۾ رکيل آهن. مسٽر بلئسز جي چوڻ موجب انهن تي "ديوناگري يا ان جهڙا" اکر لکيل هئا (Gazetteer of Sindh 1874 p. 128). ڪي سڪا بہ لڌا. انهن سڪن نسبت سنڌ جي کنڊرن جي هڪ ٻئي ماهر مسٽر ڪزنس رايو ڏنو آهي تہ، انهن تي "آڳاٽي ديوناگريءَ" جا اکر لکيل آهن ۽ عربن جي ڪاهہ (712 A.D) کان اڳ جي هندو راڄائن جا اهي سڪا ٿا ڏسجن (Antiquities of Sindh by H. Cousens p. 178). "چچ نامي" ۾ ڄاڻايل آهي تہ راجا ڏاهر جي راڄ ۾ سڪن جو رواج هو. هن ڪي سڪا تہ خود پنهنجي هڪ قابل وزير جي نالي ڪڍيا هئا. هن مان سمجهجي ٿو تہ راجا ڏاهر جي وقت ديوناگريءَ جو ڪو آڳاٽو روپ چالو هو ۽ سنڌي ٻولي انهيءَ ۾ ئي لکبي هئي. سو چئبو تہ اٺين صديءَ جي پهرين سالن تائين اروڙ ۽ برهمڻ آباد جي حدن ۾ ديوناگري يا ان جهڙي لپي ڪم ايندي هئي.

اهو بہ ممڪن آهي تہ اهي سڪا ڏهين يارهين صديءَ جا هجن. ڇو تہ جي دلوراءِ (دلور راءِ؟) جي مشهور ڪهاڻي ڪوڙي نہ آهي تہ پوءِ سندس راڄ

برهمڻ آباد ۽ اروڙ پاسي ڏهين يارهين صديءَ ڌاري چالو هو ۽ اُهي سڪا سندس ڏينهن جا به ٿي سگهن ٿا. سڪا تمام پراڻا آهن ۽ رڳو ڪي جزوي اکر آڳاٽي ديوناگريءَ ۾ اڪريل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. راجا جو سڄو نالو پڙهڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. دلوراءِ به ته ڪي سڪا ڇڏيا هوندا. دلوراءِ جو کنڊر به برهمڻ آباد جي پر ۾ آهي. انهن سڪن ۽ جواهري پٿرن جي لکتن مان چئي سگهجي ٿو ته ڏهين يارهين صديءَ ۾ اروڙ ۽ برهمڻ آباد جي علائقن ۾ ”ديوناگري يا ان جهڙي يا آڳاٽي ديوناگري“ ڪتب ايندي هئي.

سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جي وڌيڪ اتهاس جو پتو هڪ جهوني عربي ڪتاب مان پوي ٿو. ابوريحان ”البيروني“ وچ ايشيا جي مشهور خوارزم شهر جو رهاڪو هو. 1017ع ۽ 1030ع جي وچ ۾ ڪي ورهيه هندستان ۾ اچي رهيو هو. نڪشتر وديا (نکتن جي علم) ۽ ٻين وديائن (علمن) ۾ قابل هو. سنسڪرت ٻولي سکي اسان جي شاسترن (مذهبي ڪتابن) ۽ ٻين پراڻن پستڪن (ڪتابن) جو چڱو اڀياس ڪيائين ۽ عربي ٻوليءَ ۾ هڪ وڏو ڪتاب ”هندستان جي حقيقت“ لکي ويو آهي. ان ۾ چيو اٿس ته:

”هندستان جا ماڻهو يونانين وانگر کابي کان ساڄي لکندا آهن. عربي اکر هڪ سڌي ليڪ تي پڻ لکبا آهن ۽ اکرن جا مٿا ليڪ جي مٿان ۽ انهن جون پڇاڙيون ليڪ جي هيٺان هونديون آهن. هندستاني ائين ڪونه لکن. سندن اکر سڀ سڌي ليڪ جي هيٺان لکبا آهن. هرهڪ اکر مٿان سڌي ليڪ هوندي آهي ۽ اُن جي هيٺان اکر لٽڪيل ۽ لکيل هوندو آهي. ليڪ مٿان نشاني رڳو اکر جي اُچار جي نشاني آهي. (Alberuni's India p. 172).“

جيڪي لپيون سندس زماني ۾ هند واسي ڪتب آڻيندا هئا، انهن جي ”البيرونيءَ“ ياداشت به ڏني آهي. سندس لکت موجب جا لپي سڀ کان وڌيڪ چالو هئي، ان جو نالو هو ”سڌ ماترڪ“. ڪن جو چوڻ هو ته اها ڪشمير مان شروع ٿي هئي. ”البيرونيءَ“ جي وقت به اتي چالو هئي. اکرن تي پوريون



(مڪمل) ماترائون ڏيندا هئا، ان ڪري شايد ”سڌ ماترڪ“ سڏبي هئي. ”مڌيه ديش“ يعني ڪنوڄ جي آسپاس جنهن کي ”آريه ورت“ چوندا هئا، اتي به ”سڌ ماترڪ“ چالو هئي.

ٻين ديشن جي لپين جا نرالا نالا هئا. مالوا جي ملڪ ۾ جيڪا لپي ڪم ايندي هئي، ان جو نالو هو ”ناگر“. هونئن ”سڌ ماترڪ“ جهڙي هئي، رڳو اکرن ۾ ڪجهه ڦير هو. ٽين لپي هئي ”ارڌ ناگري“، يعني اڌ ناگري. مٿين ٻن ٻولين مان ٺهيل هئي، ان ڪري ”ارڌ ناگري“ نالو پيو هوس. ڀاٽيا (روهڙيءَ کان 50 – 60 ميل اُتر اُڀرندي) ۽ سنڌ جي ڪن ڀاڱن ۾ اها ”ارڌ ناگري“ چالو هئي. ڏکڻ سنڌ ۾ سمنڊ جي ڀرواري ملڪ مَلوَشهُ ۾ وري ”ملواري“ (مارواڙي؟) لپي ڪتب ايندي هئي. ”بهمنوا يا المنصور“ (جنهن کي ٻانيٽاد يا برهمڻ آباد نالي سان سڃاڻون) اتي ”سئنڌَوَ“ لپي چالو هئي. ”سئنڌَوَ“ لپيءَ جو روپ شايد اهوئي هو، جنهن کي برهمڻ آباد جي سڪن جي آڌار تي مسٽر بلئسز ”ديوناگري يا ان جهڙي“ ڪري لکيو ۽ مسٽر ڪزنس ”آڳاٽي ديوناگري“ ڪوٺيو. جيئن مٿي چيل آهي. ڪرناٽڪ ديش ۾ ”ڪرناٽ“ لپي چالو هئي. انڌر ديش ۾ ”انڌري“ ۽ دروڙ (دراوڙ) ديش ۾ ”دروڙي“ (دراوڙي؟) ڪم ايندي هئي. لاڙ ديش (گجرات ۽ ڀرواري ملڪ) ۾ ”لاڙي“ ۽ پوروَ ديش (اُڀرندي هندستان طرف) ”گوڙي“ لپي ڪم ايندي هئي. انهيءَ پاسي ٻي به لپي ڪم آڻيندا هئا، جنهن کي ڪوٺيندا هئا ”ڀئڪشُڪي“. البيروني لکي ٿو ته گوتم ٻڌ انهيءَ لپيءَ ۾ لکندو هو (Alberuni's India p. 173).

”البيرونيءَ“ پنهنجو ڪتاب عيسوي سن 1030 ۾ لکيو. يارهين صديءَ ۾ هندستان جي ڌار ڌار ٻولين جي چالو لپين جو اسان اڳيان چڱو چٽُ چٽي ويو آهي. مڪاني ٻولين لاءِ يارهن لپيون هند ۾ تڏهن ڪم اينديون هيون. اهي يارهن ئي ڏائي کان ساڄي پاسي لکبيون هيون. سنڌ ۾ ان وقت ٽي لپيون چالو هيون، اتر سنڌ ۾ ”ارڌ ناگري“، وچولي ۾ ”سئنڌَوَ“ ۽ ڏاکڻي سنڌ

۾ ”ملواري“. تنهي جو ”سڌ ماترڪ“ ۽ ”ناگر“ سان لاڳاپو هو.

مٿين حقيقتن جي آڌار تي چئي سگهبو ته عيسوي سنبت جي ٻي ٽين صديءَ کان وٺي ٻارهين صديءَ تائين سنڌي ٻوليءَ جي لپي اول ”براهمي“، پوءِ ترت ئي ان مان نڪتل ”ديوناگري“ يا ديوناگريءَ جي ڪنهن ڦريل روپ جي پئي رهي آهي. ٻارهين صديءَ کان ويهين صديءَ تائين سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جي اتهاس جا باقي ورق ٻئي ڀيري ورائبا.

(دهلي 21– 4– 1957ع)



# سنڌ ۾ ديوناگري لپي: ڀنڀور جي کنڊرن مان ڇا لڌو؟

سنڌ ۾ ديوناگري لپيءَ جو اتهاس دلچسپ آهي. انهيءَ اتهاس جا ورق وقت به وقت پيا نروار ٿين. ڏسجي ائين ٿو ته سڀ ورق اڃا ظاهر ڪونه ٿيا آهن. جڏهن اهي سڀ هٿ ايندا، تڏهن ديوناگريءَ جو اتهاس پوريءَ ريت ڄاڻي سگهبو.

ڪجھ وقت کان پاڪستان ۾ ڀنڀور جي پراڻي شهر جي کنڊرن جي کوٽائي پئي ٿي آهي. سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ انهيءَ شهر کي سيني سنڌين ۾ مشهور ڪيو آهي. اها ڪهاڻي سنڌ مان ٻين ملڪن ۾ به پکڙي. هند جي ٻين ڀاڱن ۾ ته پکڙي، پر هند کان ٻاهر به سسئيءَ روحاني راهه جي پانڌيئڙن کي وڏا سبق سيکاريا آهن. سنڌين توڙي ٻين کي سچ تي ٻيهندي سختين سهڻ جي همت ڏني آهي. انهيءَ سسئيءَ جي پراڻي ڦٽل شهر جون نِڪريون اڄ سندس ڪهاڻيءَ سان گڏوگڏ سندس شهرواسين جي جيون جي جهلڪ به پسائي رهيون آهن.

ان ڦٽل ڀنڀور جي کوٽائي ڪندي آثار قديمه جا ماهر مسلماني زماني کان اڳ جي تهه تائين جڏهن پهتا ته پهريائين هندڪيون شيون نظر آين. ٺڪر جي ٿانوَن ٺاهڻ جا ڪارب هٿ آيا، جن تي مرد ۽ زال جي ناچ جون ۽ سورج مکي گلن جون شڪليون هيون. ڪن تي هاٿين جون شڪليون هيون. ٺڪر جون ننڍيون زالن جون مورتون هيون.





انهن سان گڏ ٻين قسمن جون شيون لڌيون، جن مان ثابت ٿو ٿئي ته عربن جي اچڻ کان اڳ جي وقت ۾ ديوناگري لپي چالو هئي. ڏسجي ٿو ته تڏهن اناج يا ٻين شين رکڻ لاءِ وڏا شاهي مٽ هوندا هئا. انهن جا ڪيترا ٽڪرا هٿ آيا آهن. انهن تي ان زماني جا ديوناگري اکر لکيل آهن. انهن مان ٻن ٽڪرن جون هوبهو شڪليون هنن صفحن تي ڇپيون ٿيون وڃن، جن مان پڙهندڙ ڪي اکر شايد سڃاڻي به سگهن. آثار قديمه جي ماهرن جو خيال آهي ته ديوناگري اکرن ۾ شايد لکيل هو ته مٽن ۾ ڇا رکيل آهي ۽ ڪيترو آهي. ان کان سواءِ هڏي مان سينگار جي يا ٻئي ڪم جي ڪا شيءِ به ٺهيل هئي، جنهن جو ڀڳل ٽڪر هٿ آيو اٿن، جنهن تي به ان وقت جي ديوناگريءَ ۾ ڪجهه لکيل آهي جو آثار قديمه جا ماهر اجا پورو پڙهي نه سگهيا آهن.



# سنڌي ٻوليءَ جو اتهاس: ٻه هزار سال پراڻو اکر؟

سنڌي ٻوليءَ جي اتهاس ۾ هند جي ڀاشا وگيانين (ٻوليءَ جي ماهرن) جي گهٽي ئي دلچسپي آهي. سندن چوڻ آهي ته ڪن ٻين ڀارتي ٻولين جي اتهاس ۾ جيڪو خال آهي، سو سنڌي ٻوليءَ جي اتهاس وسيلي شايد ڀرجي سگهي. سبب اهو ٿا ڏين ته سنڌي ٻوليءَ ۾ زماني گهڻو ڦيرو ڪونه آندو آهي. اکرن جي بناوت صدين کان ساڳي آهي. ٻين ڪن ٻولين ۾ چڱي بدلي آهي. اکرن جا پراڻا روپ ڪيئن بدليا ۽ وچ وارا روپ ڪهڙا ڪهڙا هئا، انهيءَ لاءِ انهن ٻولين مان پوريون حقيقتون هٿ ڪين اچي سگهيون آهن. سو سنڌي ٻوليءَ جي اتهاس ۽ اکرن جي وڪاس (ترقيءَ) ۾ سندن گهڻو چاهه آهي، جو ان مان مٿئين خال ڀرڻ جي اُميد اٿن.

سنڌي ٻوليءَ جو نسل ڪهڙو آهي، ان ۾ به سندن دلچسپي آهي. هن سوال جي اڃا وڏيڪ کوج ٿيڻ گهرجي. ڊاڪٽر سُنيتي ڪمار چٽرجي، هندستان جي سيني ۾ مکيه ڀاشا وگيانيءَ (ٻوليءَ جي ماهر) جو ته اهو رايو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي نسل جو پتو، پڪيءَ ريت، پراڻن نج سنڌي ـ روپ وارن (تَدڀَوَ) اکرن جي اتهاس مان پوندو.

اسان جي ٻوليءَ ۾ اڄ ڪيترا اکر آهن، جي سنڌي نه آهن، پر سنسڪرت يا هندي ٻولين جي ڄاڻندڙن سنڌيءَ ۾ چالو ڪيا آهن. مثال، ”جنم“ ٻاهريون اکر آهي. اسان جو اکر آهي ”ڄم“. ”جنم“ اکر سنڌي ٻوليءَ ۾ هندستان جي ساهتيه (ادب) مان آيو آهي. گهڻا ئي سنسڪرت ـ روپي اکر (تَتسَمَ ۽ اَرڌ ـ تَتسَمَ) اسان اُڌارا ورتا آهن. انهن مان ڪيترا پراڪرت ۽ اَپڀرنش وارين منزلن جي وقت، نج سنڌي روپ ۾ به اسان وٽ موجود هئا. حال منهنجو رايو آهي ته ٻاهران سنسڪرت ـ روپي اکرن اچڻ جا ٽي ڪارڻ آهن. هڪ ته 16 ـ 17 صديءَ بعد ٻاهرين هندن جو سنڌ ۾ اچي نواس (قيام) ڪرڻ. ٻيو ته ”گرنٿ صاحب“ جي

واٽيءَ جو سنڌ ۾ پرچار ٿيڻ. ٿيون ته انگريزن سنڌ فتح ڪئي، ان کان پوءِ سنڌ جي هندن ۾ هندو ڌارمڪ (مذهبي) ۽ ٻئي ساهتيه جو چالو ٿيڻ.

سنڌي ٻوليءَ جي اتهاس ۽ سندس اکرن ۽ وياڪرڻ جي جنم ڪهاڻي پوري اپياس ۽ کوج بعد لکڻ جو اهم ڪم ته ڪي سنڌيءَ جا ڄاڻو نوجوان اڄ پڇاڻان ڪن. هن سوال سالن جو پورهيو لهڻو.

تنهن ڏينهن هڪ سنڌي اکر ڏيان ڇڪايم. سنڌ ۾ هفتي جي ڏينهن مان ڪن لاءِ ٻه نالا ڪم ايندا آهن. هڪ نالو سنڌي مسلمان ڪم آڻين، ٻيو سنڌي هندو.

ست ئي نالا هيٺين ريت اُچاربا آهن:

| سنسڪرت | سنڌي مسلمان | سنڌي هندو |
|---|---|---|
| سوموار | سُومر | سُومر |
| منگل وار | اڱارو | منگل |
| ٻڌ وار | ٻُڌر (اربعا) | ٻُڌر |
| برهسپت وار | خميس | وسپت |
| شڪروار | جمع | جمع، ٿارون |
| شنيوار | ڇنڇر | ڇنڇر |
| آدتيه وار | آچر | آرتوار، اَئتوار، اَئتوار |

عام ريت سنڌي هندو ائين سمجهندا آهن ته "اڱارو" ڪو خاص اسلامي اکر آهي. "منگل" بدران "اڱارو" چوڻ ۾ ڪن هندن کي هٻڪ ٿيندي آهي. ساڳيءَ ريت "آرتوار" بدران "آچر" چوڻ ۾.

جيڪي مسلمان سنڌ ۾ "اڱارو" اکر ڪم آڻين ٿا، سي اُهي آهن، جي عربي ڪاهه کان اڳ سنڌ جا هندو رهاڪو هئا ۽ پوءِ مسلمان ٿيا. مثلاً سما، لاکا، سهتا، لهاڻا ۽ جت. اِهي اصلوڪين سنڌ جي هندو ذاتين جا نالا آهن. اِهي محمد بن قاسم جي زماني کان ٻه آڳاٽيون ذاتيون هيون. راجا ڏاهر، توڙي سندس پيءُ راجا ڇچ کان به اڳ جون هيون. "اڱارو" اکر عربي يا پارسي ٻولين مان سنڌي ڳوٺاڻن مسلمانن ڪونه ڪنيو آهي. انهن ٻولين ۾ اهو اُچار ۽ اکر آهي ئي ڪونه. ٻنهي ٻولين ۾ "منگل" لاءِ نرالو نالو آهي. عربي ۽ پارسي لپيءَ ۾ ته "ڱ" جو اکرئي ڪونهي.

"اڱارو" هڪ ڪُهنو سنڌي اکر آهي، جنهن جو لاڳاپو هندستان جي ٻولين سان آهي. "مهاراشٽري" هڪ پراڻي پراڪرت جو نالو آهي، جنهن مان ڪن ڄاڻن جو چوڻ آهي ته مرهٽي ٻولي نڪتي آهي. اها ٻولي هاڻوڪي مهاراشٽر، ودرڀ، اتر پاسي ڪن پر وارن پرڳڻن ۽ راجستان جي ڪن پاڱن ۾ چالو هئي. ڪي ڄاڻو ته ڪيس ان کان به ڪشادو کيتر (ميدان) ڏين ٿا. انهيءَ ٻوليءَ جو هڪ پراڻو پستڪ (ڪتاب) آهي، جنهن جو نالو آهي "سَتَسئي". اهو عيسوي سن جي شروعات جي زماني جو ليکبو آهي، يعني اٽڪل ٻه هزار ورهيه پراڻو. ان ۾ انهيءَ زماني جون ۽ ان کان به آڳاٽي سمي جون ڪوتائون آهن. مڙيئي ست سؤ دوها (بيت) آهن. ان ڪري پستڪ (ڪتاب) جو نالو رکيل آهي "سَتَسئِي". انهيءَ پستڪ (ڪتاب) جي 264 هين بيت ۾ اهو پراڻو اکر "اَنگارءَ وار" يعني منگل ڪم آندل آهي. سنسڪرت جي مشهور لغت "امرڪوش" ۾ به اهو ساڳيو اکر "انگارَڪَ وار" ڏنل آهي ۽ معنيٰ لکيل آهي "منگل وار"، "انگارڪ وار" شڌ (پاڪ صاف) سنسڪرت روپ انهيءَ اکر جو آهي. پراچين (قديم) مهاراشٽري جي پراڪرت منزل وقت روپ هوس "انگارءَ وار". گهڻن ڄاڻن جو رايو آهي ته "امرڪوش" 5 عيسوي صديءَ جو لکيل آهي؛ عربن جي ڪاهه کان اٽڪل 3 سؤ سال اڳي.

"سَتَسئي" جي انهيءَ 264 نمبر دوهي جي اٽڪل ٻه هزار ورهيه پراڻي مهاراشٽري (پراڪرت) ٻولي اِجها هيءَ آهي:

"گهرٽي گهٽتَڻَ پيلڻ
سهيلِي پَڙئِس هونت پَهِئَس
اَوَسؤڻ انگارَءَ وار
وٹ دئَها سُهاونتي"

معنيٰ آهي:

(جي) ”گھرواريءَ (جي) گھڻو تڻو پريرڻا (هجي)

(تہ) سُکي ٿئي ڪرِيل (بہ) (۽ سندس) پويان

اَپسوڻ (واري) انگارءَ وار (منگل گره)

جي (ڪرِٽن) پوڻ جا ڏينهن (بہ) سک وارا (ٿين)

”نَوَ گَرھہ ستوتَر سَنگرھہَ“ هڪ ننڍو پستڪ (ڪتاب) آهي، جنهن ۾ نوَن گرهن جي اِستُتي (حالت) ۾ چيل پراڻا سنسڪرت جا سلوڪ لکيل آهن. منگل گرھہ تي جيڪي 12 سلوڪ لکيل آهن، سي ”رَڻموچڪ منگل ستوترم“ جي سري هيٺان لکيل آهن. ڄاڻايل آهي تہ اهي سڪند پراڻ مان نڪتل آهن ۽ ڀارگوَ رشيءَ جا چيل آهن. انهن 12 سلوڪن مان ٽن سلوڪن ۾ منگل جو ٻيو نالو ”اَنگارڪ“ ڏنل آهي. مثال طور رڳو هڪ سلوڪ ٿو ڏيان:

ستوتَرم اَنگارڪ سَيئَتَت

پَڙهنييمَ سدا نُرڀيهي

نہ تيشَام ڀؤمجا َپيڙا

سوَلپاپ ڀوَتِ ڪواچِت

معنيٰ آهي:

انگارڪ جو ستوتُر

(جيڪي) نَرَ (ماڻهو) سدا پڙهندا

تن کي ڀؤم (منگل جو ٽيون نالو) جي پيڙا

تمام ٿوري ٿيندي (سا بہ) ورلي.

مٿيون سنسڪرت پستڪ هندن جو ڌرمي پستڪ ڪري ليکبو آهي ۽ مهاراشٽرجون ۽ ٻيون زالون بہ روز ان جو پاٺ ڪنديون آهن.

هاڻوڪي زماني تائين راجستاني ٻوليءَ ۾ بہ منگل لاءِ ٻيو اکر آهي ”اَڱري وار“. راجستان تہ پراڻي هندڪي ڀومي (زمين) آهي. اهو اکر سندن ئي پراڻي ٻوليءَ جي پيدائش آهي.

هاڻوڪي مرهٽيءَ ۾ بہ اڄ تائين ”منگل“ کي اڱين پيڙهيءَ جا



ماڻهو ”انگار وار“ بہ چوندا آهن. سنسڪرت مان نڪتل ٻيا اکر، جن ۾ ”ن“ ۽ ”گ“ هڪ ٻي پٺيان ايندا آهن ۽ اچارڻ ۾ زور ”گ“ تي هوندو آهي. تن جو اُچار سنڌيءَ ۾ ”ڱ“ ٿيندو آهي، جيئن سنڌي اکر ”آڱر“ ۽ ”اڱڻِ“ ٺهيا آهن. ساڳيءَ ريت، جنهن کي پراچين مهاراشٽريءَ ۾ ”انگارءَ وار“ ۽ هاڻوڪي مرهٽيءَ ۾ ”انگار وار“ چون، تنهن کي سنڌيءَ ۾ ”اڱارو“ چئون. سنسڪرت جو اکر ”وار“ (يعني ڏينهن) ٻين ڏينهن جي حالت ۾ بہ سنڌيءَ ۾ سسائي ڇڏبو آهي، جيئن سوموار سُسي سومر ٿيو آهي.

مٿين حقيقتن مان پڌرو آهي تہ ”اڱارو“ هڪ پراڻو سنڌي اکر آهي جو سنڌ جي آڳاٽي زماني جي ماڻهن پئي ڪم آندو. 712ع بعد جيڪي هندو مسلمان ٿيا، تن پوءِ بہ، جيئن سنڌي ٻوليءَ جا ٻيا اکر پئي ڪتب آندا آهن، تيئن اڳي وانگر هي ”اڱارو“ اکر بہ پئي ڪم آندو آهي. باقي ٻيا هندو، گهڻي ڀاڱي، سنڌ مان لڏي ڪڇ ۽ راجستان ۽ ملتان پاسي ويا. ڪي ٿورا هندو سنڌ جي اوڀر ڏکڻ وارن هنڌن ۾ رهيا، جن مان بہ جهجها آهستي آهستي مسلمان ٿيندا ويا.

712ع کان پوءِ اڄ تائين، سنڌ کان ٻاهران آيل مهاراشٽر يا راجستان جي، يا ٻي ڪنهن ٻاهرين هندستاني قوم جي حڪومت سنڌ تي ڪانہ ٿي، جنهن جي ڪنهن ٻاهرين ٻوليءَ جو اثر سنڌ جي ننڍڙن واهڻن جي مسلمانن تي ايترو ٿيو هجي، جو ان حڪومت جي ٻوليءَ مان هنن ”اڱارو“ اکر جهٽيو هجي. نڪي ڪي اها ڪا ٿيڻي آهي تہ مسلمانن اهو اکر جهٽيو، پر سنڌ جي هندن نہ جهٽيو! الٽو ان کي هنن اسلامي اکر ڪري سمجهيو!

ظاهر پيو لڳي تہ اهو ”اڱارو“ اکر 712ع کان آڳاٽو آهي. جي پراچين ”مهاراشٽريءَ“ ۾ عيسوي سن جي شروعات ڌاري چالو هو تہ پوءِ سنڌي ڀاشا (ٻولي) ۾ بہ شايد اوتروئي ڪُهنو هجي، يعني اٽڪل ٻہ هزار ورهيہ پراڻو. مٿئين قديم پستڪ جو نالو ”سَتَسَئِي“ سنڌي اکر ”ست سؤ“ جي بلڪل ويجهو آهي. ”مهاراشٽري“ ۽ سنڌي ڀاشائن جي ناتي جي اڃا تہ کوج ئي ڪانہ ٿي آهي. گهڻيئي سنڌي اڄ مرهٽن جي وچ ۾ رهن ٿا. هاڻوڪي مرهٽي ٻوليءَ سان هاڻوڪي سنڌيءَ جي ناتي سمجهڻ لاءِ ڪين سنو وجھہ آهي. سنڌيءَ جي

ڪن ڄاڻن کي مرهٽيءَ جو اونهو اڀياس ڪري، انهيءَ ناتي تي روشني وجهڻ گهرجي. مرهٽي ۽ سنڌي ٻوليون ڪيڏو هڪ ٻئي جي ويجهو آهن، سو هيٺين ٻن ٽن مثالن مان ڏسي سگهجي ٿو:

سنڌيءَ ۾ اسين چئون "پاڻي آڻ". مرهٽيءَ ۾ بہ بنهہ ساڳيا اکر "پاڻي آڻ" ڪم آڻين. اسين چئون "هيءُ ماڻهو چڱو آهي". مرهٽي ۾ چون "هي مانس چانگلا آهي". اسين چئون "تنهنجو پاءُ ڪٽي". مرهٽي ۾ چون "تمچا پائُو ڪُني". "تمچا" جي "چ" اصلوڪي مرهٽي اکر جو پورو اچار ڪونہ ٿي ڏيکاري. سچ پچ اهو اُچار اسان جي "ج" جي ويجهو آهي. جنهن کي اسين "سيج" چئون تنهن کي مرهٽي ۾ "سيج" چون. پراچين "مهاراشٽريءَ" ۾ "سيجا" چون. "سيج" ۽ "سيجا" اکر اسان جي ٻوليءَ ۾ بہ اڄڪلهہ ڪم آڻين. شايد پوين صدين ۾ هندستان جي ٻولين مان ورتل آهن. وري ساڳيو ئي "آهي" اکر سنڌي توڙي مرهٽيءَ ۾ آهي ۽ ساڳي معنيٰ اٿس ۽ وياڪرڻ جي نيم پٽاندڙ سنڌيءَ وانگر مرهٽيءَ ۾ بہ سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي.

پانئجي ائين ٿو تہ جيئن هاڻوڪي مرهٽي ۽ سنڌيءَ جو لاڳاپو آهي، تيئن آڳاٽي سنڌي ۽ پراچين "مهاراشٽريءَ" جو بہ پاڻ ۾ ڪو ناتو هو. مٿئين ٻہ هزار سال پراڻي مهاراشٽري پراڪرت جي سلوڪ ۾ بہ اسين پنهنجي سنڌيءَ جي اکرن سان ڪُجهہ مشابهت ڏسي سگهون ٿا. مثلاً:

گهُر_ گهَڻو تَڻو_ سوڻ_ اڱارو_ وُنو (وَسيو)

ائين ڪونہ ٿو چئجي تہ سنڌي ٻولي، پراچين مهاراشٽريءَ مان نڪتي آهي. پر ٻئي ڪنهن اڃا بہ جهوني ٻوليءَ مان ڦٽيون ٿيون ڏسجن.

سنڌيءَ جو تہ گجراتي ۽ راجستانيءَ سان بہ گهاٽو لاڳاپو آهي. 1500ع سن ڌاري سنڌ جي هڪ شاعر، قاضي قاذن جو هي ڪلام چيل آهي:

جوڳِيءَ جاڳايوس، نا تہ ستي هُئي آءٌ ننڊ ۾.

اڄوڪي راجستاني ۾ هيئن چئبو:

جوگي نہ جگايو، نا تو سُئي هُئي مون نِيند ۾.

جهڙيءَ ريت "اڱارو" سنڌي ٻوليءَ جو پراڻو اکر آهي، تهڙيءَ ريت "آچر"



بہ. "آدِتيوار" مان ٿيو آهي "آچر". اهو بہ ڪُهنو اکر ٿو ڏسجي. گهٽ ۾ گهٽ ستين صديءَ وقت تہ چالو هوندو. عربي دور کان بہ آڳاٽو ٿو پانئجي. ٻن هزار سالن کن جي هڪ پراچين پراڪرت (پالي) جي پستڪن ۾ "آدتيوار" کي "آدِچَوار" ڪري لکيو اٿن. "آَدتيَوار_ آدِچَوار_ آئچوار_ آئچر_ آچر" اَنهن روپن مانَ بدلجي هن اکر اڄي پڇاڙِيءَ جو روپ ورتو ٿو ڏِسجي. سنڌ جي راجا چچ جي پِتا (پيءُ) جو نالو هو "شيلا دتيہ." اهو بدلجي ٿيو هو "سيلائچ" جنهن کي سنڌ جي عربي تاريخ لکندڙن "سَيلائج" ڪري لکيو. سنسڪرت جو "د" اکر ڦري "ز" ٿيو ۽ گڏيل اکر "تيہ" ڦري "چ" ٿيو. ٿي سگهي ٿو تہ "آچر" اکر بہ ڏيڍ هزار کن ورهيہ جهونو هجي. اهو نجو سنڌي (تَدڀَوَ) اکر آهي. آرتوار ۽ اَئتوار يا آئتوار پوءِ جا آيل اَرڌَ_ تَتَسمَ اکر آهن.

تيرهين صديءَ کان پوءِ سنڌ جي اُترئين پاڱي تي پارسي ٻوليءَ جو پرڀاءُ (اثر) وڌيو. سورهين صديءَ کان پوءِ سڄيءَ سنڌ تي پارسي ٻوليءَ جو اثر ارغونن، ترخانن، مغلن، پٺاڻن، ڪلهوڙن، ميرن جي حڪومت هيٺ چڱو وڌندو ويو. "خميس" ۽ "جمع" اکر سنڌ جي مسلمانن ۾ شايد انهيءَ زماني ۾ وڌيڪ چالو ٿيڻ لڳا. سنڌ جي هندو رهندڙن "جمع" اکر جهٽيو، جو اهو ڏينهن عام ريت ملهايو ويندو هو. هندو ٿورڙا هئا ۽ هرهنڌ مسلمانن جي وڌيڪ وَسَئُن هئي. سو هندو بہ "جمع" اکر ڪم آڻڻ لڳا. جيڪي هندو سنڌ ۾ سورهين صديءَ بعد رهندا هئا، تن جو وڏو ڀاڱو ٻاهران آيل هو. انهن "منگل" ۽ "آرتوار" اکر شايد آندا ٿا ڏسجن. ملتان پاسي "آرتوار" کي "اَئتوار" بہ چون. گجرات پاسي بہ اڳي "آئتوار" چوندا هئا.

سنڌيءَ جون زير زمين پاڙون ڪيتري قدر آڳاٽيءَ مهاراشٽري، پراچين شؤرسيني ۽ پراڻين راجستاني، مرهٽي ۽ گجراتي ٻولين جي ويجهو پکڙيل آهن يا انهن مان ڪن سان ڳنڍيل آهن، تنهن جو اونهو اڀياس ٿيڻ گهرجي. نج سنڌي اکرن جي وڪاس (اوسر) جو اتهاس ٺهڻ کپي. سنڌي ٻوليءَ جي نسل جي کوجنا ڱُلئي مَن ٿيڻ گهرجي.

# سنڌي ٻوليءَ جو اتهاس: ٻارهين صديءَ جا ڪي اکر

سنڌي ٻوليءَ جي اتهاس ۽ وڪاس (اوسر) جي کوج جي گهڻي گهرج آهي. ڀارت جي ٻين ٻولين جي سالن کان سانده کوجنا چالو رهي آهي. ورهين جي پورهئي پڄاڻان جيڪي دنيا اڳيان چِٽيجي اچي ٿو، سو انهن ٻولين جو درجو ازخود چاڙهيو ڇڏي. اسين اڃا ڪيترو نه پٺتي آهيون، ان جو پتو تڏهن ٿو پوي، جڏهن ٻين ٻولين جي جيون ڪهاڻيءَ جا وڏا پستڪ (ڪتاب) پڙهجن ٿا. سنڌيءَ جي نوجوان ماهرن لاءِ وڏو ڪشادو پِڙ منهن سامهون پکيڙيو بيٺو آهي، ڪين پيو سڏي.

پر اياڳ اسان جو اهو آهي، جو ٻين گهڻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ جون پراڻيون لکتون ملڻ مشڪل آهن. سنڌ ۾ اشوڪ راجا جو نڪو ڪو ٿنڀ لڌو ويو، نڪي ڪي ڪنهن ڏونگر تي ڪجهه اُڪريل ئي مليو. آڳاٽي سمي جون زمين جون سندون يا ڪنهن مندر يا کُهني ڪتنب مان پراچين سنڌي ٻوليءَ جا ڪي پستڪ ٻه هٿ نه آيا. هتي هُتي ڪن ٺڪر جي ٽانوَن يا پراچين مُهرن ۽ سڪن تي لکتون لڌيون، پر منجهائن ٻوليءَ ۽ اکرن جي وڪاس (اوسر) جي باري ۾ ڪجهه گهڻو نچوڙي نٿو سگهجي. پر ڪهڙي خبر ته اڃا به اونهي کوج ڪي دلچسپ حقيقتون نروار ڪري.

سنڌي اکرن جو هڪ چڱو آڳاٽو نمونو ماموئي فقيرن جي بيتن مان ٿو ملي. چون ٿا ته اهي تيرهين چوڏهين صديءَ جا آهن. سنسڪرت مان ان وقت تائين سنڌي ٻولي ڪيتري قدر ڦري هئي، ان جو انهن بيتن مان پتو لڳي ٿو، پر ٻين ٻولين ۾ لکيل پستڪن (ڪتابن) مان سنڌ جي ان کان به پراڻي روپ جي ڪجهه ٿوري جهلڪ پئجي سگهي ٿي.

هن ليک ۾ البيرونيءَ جي عربي ڪتاب ”هندستان جي حقيقت“ مان جيڪي ٿورو ملي ٿو، ان جو ڪجهه حصو پيش ڪريان ٿو. اهو ڪتاب 1030ع



۾ لکيو ويو هو. ”البيرونيءَ“ ڪي سال هندستان جي اولهين ڀاڱي ۾ گذاريا هئا. يورپ جي مشهور ڊاڪٽر سَچَئُ، عربي ۽ ڀارتي ڀاشائن (ٻولين) جي ڄاڻو، ”البيرونيءَ“ جي ڪتاب جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو هو ۽ 70 کن سال ٿيا ته ان تي ٽيڪا (شرح) لکي هئائين.

جنهن سوال ڪيس منجهايو، سو اهو هو ته ”البيرونيءَ“ جيڪي هندستان جا ديسي اکر ڪم آندا آهن، سي ڪهڙيءَ ٻوليءَ جا. ڪيترا ته نج سنسڪرت اکر آهن، جي سڌو سنسڪرت پستڪن تان يا جن پنڊتن وٽ پڙهيو، انهن کان ورتائين. پر ڪي ٻيا اکر آهن، جي عام ۾ ڪنهن چالو ٻوليءَ مان ڪنيائين.

سَچَئُ لکي ٿو ته:

”مون کي ته ڪابه هندستان جي ديسي ٻولي ڪانه سجهي، جنهن سان البيرونيءَ جا ڪم آندل اکر پورو پورو ملي اچن. اهي اکر گهڻو ڪري ڪابل جي ماٿري ۽ هندستان جي لاڳيتن ڀاڱن ۾ 1000ع ڌاري ڪنهن چالو ٻوليءَ جا آهن، جنهن جي ڪابه لکت اڃا ته نظر نه آئي آهي. چند بارديءَ جو ”پرٿوي راج راسو“، پوربي هنديءَ جو پراڻي ۾ پراڻو پستڪ آهي، پر سندس ٻولي ته ’هاٽوڪي‘ ليکبي آهي. هوڏانهن پراچين پنجابي، ملتاني، يا هندستان جي ٻوليءَ جي انهن کان به وڌيڪ اولهين روپ جو ڪوبه پستڪ هٿ نه آيو آهي. البيروني ڪهڙي ديسي ڀاشا جا ڳاڻوُ اکر (Ordinals) ڪم آندا. ان جي پرک جيڪي 1 کان 15 تائين شماري انگ ڏنا اٿس، انهن مان پئجي سگهي ٿي. جيتري قدر مون هندستان جي ٻولين جي ڀيٽ ڪئي آهي، تنهن مان لڳي ٿو ته اهي انگ ۽ ٻيا ڪيترا اکر ڏيکارين ٿا ته البيرونيءَ جي ڪتب آندل ديسي ڀاشا ٻين هندستان جي چالو ٻولين (Modern Neo_Aryan languages of India) کان وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ جي ويجهو آهي.“ (Alberuni's India by Sachau p.xxiv). شايد اسٽئڪ ۽ ٽرمپ جي ڪتابن ۾ ڏنل سنڌي انگن جي آڌار تي ڊاڪٽر سچئُ مٿينءَ راءِ تي پهتو.

اهي ڪهڙا انگ يا اکر هئا؟ البيرونيءَ مهيني جي پهرين پک جي

پندرهن ڏينهن جا نالا ڄاڻايا آهن. البيرونيءَ جا ڪم آندل اکر (سندس عربي لکت نموني ۾) ۽ ان سامهون هاڻوڪي چالو سنڌي، ڪشميري ۽ ملتاني ٻولين جا اکر هيٺ ڏنا اٿم، جنهن مان پڙهندڙ پنهنجو رايو ناهي سگهن ٿا:

## اکرن جو نقشو

| البيروني 1030ع | ڪشميري 1957ع | ملتاني/ ديرو اسماعيل خان 1957ع | سنڌي 1957ع | سنڌي ٻاڻو انگ 1957ع |
|---|---|---|---|---|
| اواماس | ماوس | اُماوس ۽ اماوسيا | اُماس | – |
| برڪ | اُگدهه | ايڪم | ٻَروَ ۽ پهرين | پهريون، برڪت، برڪ |
| بيه | دويَ | ڏوتيا | ٻيج ۽ ٻين | ٻيو |
| تريه | ترِي | ترتيا | ٽيج ۽ ٽين | تريو، ٽيون |
| چوت | چورم | چوٿ ۽ چترٿي | چوٿ | چوٿون |
| پنجي | پانچم | پنچمي ۽ پنجمي | پنجئَن | پنجون |
| ست | شيم | ڇٺي | ڇَٽِ | ڇهون |
| ستين | ستم | سپتمي | ستئَن | ستون |
| اتين | اٺم | اشٽمي | اٺئَن | اٺون |
| نون | نَومَ | نومي | نانءِ | نائون |
| دهي | دهم | دسمي | ڏسئَن | ڏهو |
| ياهي | ڪاهه | ايڪادشي يا ايڪادش | گيارس ۽ يارهين | يارهون |
| دواهي | باهه | بارس | ٻارس | ٻارهون |
| ترهي | ترواهه | تيرس | تيرس | تيرهون |
| چودهي | چودهه | چوڏَس | چوڏَس | چوڏهون |
| پورنمه | پونم | پورنماسي ۽ پورمان | پورنما | – |
| پنچاهي | ... | ... | ... | پندرهون |



عربي، پارسي لپين ۾ ٻ، ٿ، ٽ، ٺ، ڇ ۽ ڏ جا اچار ڪينهن. ان ڪري البيروني انهن اکرن بدران ب، ت، ت، س، د ڪم آندا آهن.

سنڌيءَ مان اڄڪلهه "برڪ" اکر ڇڏائجي ويو آهي. البيروني، عربيءَ جو ڄاڻو هئڻ ڪري، تنهن "برڪ" (برڪت) وڏي "قاف" سان لکيو آهي، سو خبر نه آهي ڇو؟ ڪشمير، ملتان ۽ ديري اسماعيل پاسي واپاري ڳڻ تور لاءِ پهرئين انگ بدران "برڪت" چوندا آهن. ڪشميري ٻوليءَ ۾ "ٻيو" جي بدران "بياڪ" چون، پر انگن جي شمار وقت نه. پر ٻن شين جي ڀيٽ ڪندي. اسين جيئن جيڪر چئون ته "هيءُ گل سٺو ڪونهي. پر هو ٻيو (بياڪ) سٺو آهي." ملتان، ديري اسماعيل جا ماڻهو "ٻيو" جي بدران "بيا" چون. اُهي به ڳڻپ لاءِ نه پر وَٽن جي ڀيٽ ۾ جيئن اسين چئون ته "هيءُ انب مٺو آهي. هو ٻيو (بيا) مٺو ڪونهي."

مٿئين نقشي مان ڏسڻ ۾ ايندو ته البيرونيءَ جا اکر ڪشميري ۽ ملتاني ٻولين ڪان سنڌيءَ سان وڌيڪ ملن ٿا. ملتانيءَ سان به انهن اکرن جو گهڻو ميل آهي. پاسجي ائين ٿو ته البيرونيءَ جي ڪتاب ۾ جڻ اسين سنڌي ٻوليءَ جو 9 سؤ سال پراڻو روپ ٿا ڏسون. البيرونيءَ پنهنجي عربي اکرن ۾ اسان جي 9 سؤ سال اڳاتن، پر هاڻوڪي ئي نموني جي سنڌي لفظن لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان زماني ۾ ملتاني ۽ سنڌي ٻوليون شايد اڄ ڪان به وڌيڪ پاڻ ۾ ويجهيون هيون. سنڌ ۽ ملتان جو راڄنيتي (سياسي) ڳانڍاپو به گهاٽو هو. قومون به هڪ ٿاريءَ مان ڦٽل هيون. سياويڪ ٻنهي ٻولين جو ويس به جيڪي سو ساڳيو ئي هو.

مٿيون نقشو ڪارائتو آهي. پڌرو آهي ته سنڌ جا هاڻوڪا ڳاڻو انگ ڪري ڇئجي ته اُهي ئي آهن، جيڪي 9 سؤ سال اڳ هئا. هاڻوڪا ملتاني اکر ڪجهه ڦري به ويا آهن، پر سنڌي اکرن جي روپ ۾ 9 سؤ سالن اندر ڪو به ڦيرو ڪونه آيو آهي. اڄ به البيرونيءَ جا 1030ع ۾ لکيل اکر سنڌيءَ جي 1957ع جي اکرن سان گهڻو ملن ٿا.

البيرونيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ به ڪي سنڌي اکر ڪم آندا

آهن، جن مان يارهين صديءَ جي سنڌي اکرن جي شناس ملي سگهي ٿي.

هندستان جو بيان ڪندي البيرونيءَ لکيو آهي ته، ”مڪران راڄڌاني ۽ ديبل بندر جي وچ ۾ تُوران جي نار آهي“ تنهن کان پوءِ هيٺيون عربي ٻوليءَ جو جملو لکيو اٿس:

”بعد الغب المذکور منهه الصغري ثم الکبري...“ يعني مٿئين نار کان پوءِ ننڍو ۽ وڏو ”منهن“ آهي. (Alberuni 1c.102). اهي ٻه منهن سنڌونديءَ جا ان زماني ۾ به هئا، جنهن جو ورنن (ذڪر) ڪيترن آڳاٽي سمي جي ليکڪن ڪيو آهي. عيسوي سن جي پهرين صديءَ ۾ هڪ يوناني واپاري سنڌ ۾ آيو هو، تنهن به پنهنجي بيان ۾ سنڌونديءَ جي ٻن مُنهن کي ”ننڍو ۽ وڏو“ ڪري ڪوٺيو آهي. اهو بيان هن پنهنجي ڪتاب Periplus of the Erythrean Sea ۾ ڏنو آهي.

اڳتي هلي البيروني لکي ٿو ته، ”انهن ”مُنهن“ کان پوءِ سامونڊي ڌاڙيل رهندا آهن، جي جهازن ۾ چڙهي ڦر ڪندا آهن. انهن جهازن کي ”ٻيڙا“ (بيره) چوندا آهن.“ (Alberuni 1.c.102).

ٻئي هنڌ البيرونيءَ گجرات ۽ سنڌ جي حاڪمن جي لڙائيءَ جي هڪ دلچسپ ڳالهه ڪندي لکيو آهي ته، هڪ وڻ جنهن کي ”ٿوهر“ (عربي اکرن ۾ توهَر) چوندا آهن، ان مان کير نڪرندو آهي. (Alberuni's India by Sachau I, 192).

هندستان جي اتر وارن ملڪن جو بيان ڪندي لکيو اٿس ته، اتي سوات جو ڏيهه آهي. ان جي ماٿريءَ ۾ ٽيونجاهه نهرون گڏجن ٿيون، تنهن ڪري ان کي ”ترنجائي“ چوندا آهن. (Alberuni's India by Sachau II, 182). ڊاڪٽر سچئُ ان کي سنڌي اکر ”تريونجاهه“ (ٽيونجاهه) سان ڀيٽيو آهي. ملتاني ٻوليءَ ۾ به ”تريونجاهه“ چوندا آهن. اتر سنڌ جا رهواسي به ”تريونجاهه“ چون.

نڪشتر وديا (نکٽن جو علم) تي هڪ مشهور سنسڪرت پستڪ ”ڪنڊڪاڏيڪ“، جو هڪ ودوان (ڄاڻو) عرب 771ع کان پوءِ عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو. عربيءَ ۾ ڪتاب جو نالو رکيائين ”ال ارڪند“. ان ۾ اصلوڪي سنسڪرت ۾ برهمڻ آباد شهر جي نالي جو ورنن هو. ”ڪنڊڪاڏيڪ“ پستڪ (ڪتاب) ۾ شهر جو



پراڻو نالو ”براهمڻواس“ لکيل هو. ”ال ارڪند“ ڪتاب ۾ عربي اکرن ۾ لکيل آهي ”برهمنباذ“. ”س“ کي ”ذ“ ڪيو اٿس، جنهن کي پارسي ڄاڻن پوءِ ”د“ ڪري ڇڏيو. البيروني به عربيءَ ۾ ساڳيءَ ريت لکي پوءِ چيو آهي ته ان شهر کي هاڻي (1030ع ۾) ”بمهنوا“ ڪوٺين. (Alberuni's India by Sachau I, 260). براهمڻ اکر کي اڻ پڙهيل ماڻهو ”بَمهَن“ به چون ته ”ٻانڀڻ“ به چون. مٿئين مثال مان اها حقيقت ملي ٿي ته يارهين صديءَ اندر براهمڻ اکر هندي (۽ سنڌي؟) لوڪ ڀاشا ۾ شايد ”بمهن“ جو روپ ورتو هو. سنڌيءَ ۾ ”ٻانڀڻ“ اکر ڪڏهن آيو، اهو به کوجنا لهڻي. ”واس“ ۽ ”واهه“ ساڳيا اکر آهن. پڇاڙيءَ جي ”س“ يا ”هه“ زماني ڪيرائي ڇڏي.

البيروني لکي ٿو ته، ”هندن جي ليکي ڀٽانڌڙ هڪ سال ۾ ڇهه رتُون ٿين ٿيون. سال کي هندو چون ’بره‘ يا ’برخ‘ يا ’برش‘. هندن جي وات ۾ هه، خ ۽ ش جي اُچارن جو گهڻو مونجهارو آهي.“ (Alberuni I.c. 182). عربي لپيءَ ۾ ’وَ‘ بدران ’بہ‘ لکن. ۽ ’ک‘ بدران ’خ‘ لکن. ڀانئجي ٿو ته ’بره‘ سنڌي اکر ’ورهه‘ جو عربي روپ آهي. اسين يارهين صديءَ ۾ به ورهه کي ’ورهه‘ چوندا هئاسين!

جيڪي سمورو مٿي لکيل آهي ان مان ڏسجي ٿو ته ”منهن، ٿوهر، ٻيڙا، ورهه، تريونجاهه، اماس، ٻيو، ٽريو، چوٿ، پنجين، ستين، اٺين، ڏهين، يارهين، تيرهين، پورنما“ انهن اکرن کي جيڪو روپ اڄ آهي، سو روپ نَوَ (9) سؤ ورهيه اڳ، 11 صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ به هو ۽ البيرونيءَ جي ڪتاب اسان کي ماموئيءَ جي بيتن جي 13– 14 صديءَ کان آڳاٽي سنڌي اکرن جا ڪي مثال ميسر ڪري ڏنا آهن.

# سنڌي ٻوليءَ جو اتهاس: يارهين صديءَ جي اَرڌماگڌيءَ سان ڀيٽ

سنڌي ٻوليءَ جي اتهاس سمجهڻ لاءِ پروارن، يا ڪونهِ ڪو لاڳاپو رکندڙ پرڳڻن جي پراڻين ۽ هاڻوڪين ٻولين جي اڀياس جي گهرج آهي. ڪَپُ تہ سچ پچ اسان ڪي آهي، خود سنڌيءَ جي پراچين ساهت جو، پر اهو اچي ڪٿان؟ زماني جي گردش لٽي ڊٻي ڇڏيس. ڪجهہ ڪيئان ڪائي ويا. ڪجهہ تہ ڪن شايد جلائي ڇڏيو. ڪجهہ مبادا اڃا گجرات، ڪاٺياواڙ، راجستان جي پستڪ ڀنڊارن (ڪتابن جي ڍڳن) جي اڻ جاچيل ڪُنڊن ۾ آرامي هجي.

ٻين ڀارتي ٻولين جا ڀاڱ آهن، جو ڪن وٽ هڪ هزار تہ ڪن وٽ ٻہ هزار سال پراڻو اتهاس (تاريخ) هٿيڪو آهي. جهونا وڏا پستڪ ڪوجنا ڪندڙن ڳولي ڪڍيا آهن ۽ ڪيترين ئي ٻولين جي وڪاس (اوسر) جي ڪهاڻي اکين اڳيان چٽي بيٺي آهي. سڌ نہ آهي تہ سنڌيءَ جو وارو ورندو ڪي نہ؟

پر جيسين سنڌيءَ ۾ لکيل ڪُهنا ڪتاب غيب مان نڪري نروار ٿين، تيسين ٻين ٻولين جي ساهت (ادب) جو سهارو وٺڻ جڳائي. منجهائن چڱي واهر ملندي. هڪ تہ سنڌي ٻوليءَ جي پراڻي روپ جي ٿوري جهلڪ شايد پوندي ۽ ان جي وسيلي سنڌي ٻوليءَ جي اکرن ۽ وياڪرڻ (گرامر) جي وڪاس (اوسر) جو پتو پوندو. ٻيو تہ سنڌي ٻوليءَ جو هندستان جي ٻين ٻولين سان ڪهڙو نہ ويجهو مائٽاڻو ناتو آهي، ان جي بہ پروڙ پوندي.

”جين“ ڌرم (مذهب) جا ڪيترا پراڻا شاستر (مذهبي ڪتاب) آهن، جن کي لکئي، ڇاڻن جي ڪٿ پٽاندڙ، هزار ڪان ٻن هزارن سالن جو مدو ٿي ويو آهي. انهن مان ڪن ۾ سندن پوئين ڌرم نيتا (مذهبي اڳواڻ) مهاوير جي جيون ڪهاڻي آهي. مهاوير پاڻ جنهن ٻوليءَ ۾ پرچار ڪيو، تنهن کي پراڻي اَرڌماگڌي (آتماگڌي) چوندا آهن. مٿرا راڄ جي شؤرسيني ۽ ٻِهار جي ماگڌي ٻولين جي



وچ واري ٻولي ليکبي آهي. انهيءَ ٻوليءَ ۾ جين ڌرم (مذهب) جا گهڻا پستڪ (ڪتاب) رچيل آهن. عيسوي سن جي يارهين صديءَ ۾ لکيل هڪ پستڪ (ڪتاب) ۾ مهاوير جي سنڌ ۾ اچڻ جي ڳالهہ ڇاڻايل آهي، جنهن مان سنڌ جي پراڻي اتهاس، سنڌي ٻوليءَ جي مٿي مائٽيءَ ۽ شايد خود سنڌي ٻوليءَ جي وڪاس (اوسر) تي ڪجهہ سوجهرو پوي ٿو. اهو پستڪ (ڪتاب) هڪ جين ساڌو، نيميچندر جو رچيل آهي. اهو، هڪ ان ڪان بہ پراڻي پستڪ ”اترا ڌِيايَنَ — سُوسر“ تي ٽيڪا ۽ سمجهاڻيءَ لاءِ لکيل آهي. نيميچندر يارهين صديءَ جي پوئين اڌ جو ساهتڪار آهي.

سهنج جي ويچار ڪان، مان انهيءَ پستڪ مان ارڌماگڌيءَ ۾ لکيل ڪهاڻيءَ جو رڳو هڪ ننڍو ٽڪر هيٺ مثال طور ڏيان ٿو. انهيءَ ننڍي ٽڪر جا ٻہ ڀاڱا ڪيا اٿم ۽ هرهڪ ڀاڱو هاڻوڪيءَ سنڌيءَ جي روپ ۾ بہ ڏنو اٿم. ان ڪري وڏيڪ چٽائيءَ سان ٻنهي ٻولين جي ڀيٽ ٿي سگهندي. اکر اکر چڪاسبو وڃبو تہ ڏسبو تہ هاڻوڪي سنڌي انهيءَ ارڌماگڌيءَ کي ڪيڏو نہ ويجهي آهي. يارهين صديءَ جي سنڌي اڃان بہ ڪيترو نہ ويجهي هوندي؟ سنڌي ٻوليءَ جو هندستان جي ”اندو_ آرين“ ٻولين سان ڪهڙو نہ گهاٽو ناتو آهي! هي آهي اهو ارڌماگڌيءَ جو ٽڪر:

”تيڻَ ڪاليڻَ تيڻَ سمئيڻَ سنڌُ_ سوويريسُ جَڻوَئيسُ، ويِيَئي نامَ نَيَري هوتّا.“

تنهن ڪال، تنهن سمي، سنڌ_ سُووير جي جَنَ وَس (جَنَ پَد يعني ڏيهہ) جو وِيِئي (سنسڪرت، ويتڀيا) نالي نگر هو.

”اُدايَڻي نامَ رايَا، ڀياوَئي ديوي، تِيسي جيٺي پُتي اَڀِئي نامَ جُوَ_ رايا هوتّا؛ نَيئي ڀائڻيجي ڪيسن نامَ هوتّا.“

اُدايڻ نالي راجا، ڀَياوَئي (سنسڪرت، پرڀاوتي) ديوي (يعني راڻي)، تنهن جو وڏو (جيٺو، سنسڪرت، جيشٺ) پٽ اَڀِئي (سنسڪرت، اَڀيت) نالي يوَراج هو. (راجا جو) نجو ڀاڻيجو ڪسن (ڪشن، ڪرشن) نالي هو.

سين اُدايڻي رايا، سنڌُ_ سويرَ ڀامو ڪاڻَ سولَسَڻَهَ جَڻوياڻ؛

سَر اُدايڻَ راجا، سنڌ_ سُوير پَرمک هو، جن سوڙهن جَنَپَدَنِ (ڏيهن) ۾ ؛

وِيَپَئي پامو ڪاڻَ تِٺَهه_ تيوَنيڻ نَيَرَ سَيان؛
وَيپئي پُرمڪ هو، جن ٽن (سؤَ) ٽيهٺ نگرن ۾ ”
مهاسيڻَ پامو ڪاڻَ دسٺَهه راياڻَ ٻَڏَ_ مؤڙاڻَ،
مهاسين پرمڪ هو، جن ڏهن موڙ (مُٺُڪ) ٻڌندڙ راجائن ۾ ،
وٺُڻ سيَيہ چامَرَ وايہ ويَٽاڻَ اَنيس؛
اَڇي (سيت، سنسڪرت شرَيت) چؤنر سان واءُ هٽڻ جو (جن ڪي) اڌڪار (حق) هو،
چہ رائِيَسَر تَلورَ پَيِئيڻَ آهيوچ ڪُٽَماٽي وهَرءِ؛
۽ رائيسرن نلهيڙُوئن (تابعدارن) تن (سَيني تي) راجائي (آهيؤچ، سنسڪرت ”اَڌپتيه“ جو قريل روپ) ڪندو رهيو،
ايَوم چہ تاوَ ايِيَم.
۽ ائين ئي تہ هو.

ارڙماگڏيءَ جي مٿين ٽورين ئي سٽن ۾ ڪيترائي مثال ملن ٿا، جن مان ڏسبو تہ جيڪي اکر ارڙماگڏيءَ جي روپ ۾ اسان کي منڍ ۾ سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ ۾ نہ پيا اچن، سي اسان جي سنڌي اکرن کي سچ پچ ڪيترو نہ ويجهو آهن. مثلاً...

رايا = راڄا، نَيَر= نگر؛ پاموڪ= پرمڪ، ٽيوَنيڻ= ٽيهٺ، ويٽاڻ= وڃڻ (هي اکر سنڌيءَ ۾ اڄ چالو ڪونهي، پر ان مان نهيل اکر وِڃڻو چالو آهي)؛ تلوَرَ= تلهيڙُوَ؛ چامر= چؤنر؛ لٺهہ= ٽري = ٽي.

جيڪڏهن ويهين صديءَ جي سنڌي ڏورانهين ٻِهار پاسي جي يارهين صديءَ جي ارڌماگڌي ٻوليءَ جي ايڏو ويجهو پيئي لڳي تہ خود يارهين صديءَ جي سنڌي ڪيڏو نہ ويجهي هوندي! جيترو فرق اکرن جي اُچارن ۾ هاڻ ڏسجي پيو، اهو بہ شايد هزار کن سال اڳ جي پيٽ ۾ تمام ٿورڙوئي هجي. اهو انومان بہ نڪري ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جو مائٽاڻو ناتو ڀارت جي اتر ۽ اوڀر وارين ٻولين سان چڱو ويجهوئي آهي.



# چوڏهين صدي عيسويءَ جي سنڌي؟

پهاڪا، گهڻو ڪري، چالو جيون يا تازي حقيقت جي پيدائش ٿيندا آهن. ڪجهہ ٿئي پيو يا ڪجهہ اِجهو هاڻ ٿيو آهي، جنهن من کي ڇڪيو آهي، اها آهي پهاڪن جي پيڙهہ. اهڙي ڪنهن بنياد تي سڀ پهاڪا ٺهندا آهن. مير بجر کي ڪَنَ جي ڳالهين مارايو. اهو پهاڪو اَڄ 1958ع ۾ ڪير ڪونہ ٺاهيندو. جڏهن اهو حادثو ٿيو تڏهن ئي ٺهيو هوندو. سؤ سال کن اڳي انگريزن ميرن کان ڪيئن سنڌ ڦُري، ان تي ڪا چوٽي ٺهندي تہ 1843ع ڌاري يا سنت ئي پوءِ ٺهندي. سؤ سال رکي اَڄ ڪانہ ٺهندي.

پهاڪا ٺاهيندڙ ڪير ٿيندا آهن؟ ڪو شاعر يا عالم، عام ريت، پهاڪا ڪونہ ٺاهيندو آهي. عام خلق جا دنيا ديده ماڻهو، ڪجهہ مرد ڪجهہ زالون، پهاڪن جا ٺاهيندڙ آهن. ڪجهہ اڪيئن ڏٺائون، ڪجهہ ڪنين سڻيائون، جنهن مان ڪا وهنواري نصيحت من تي تري آين، تہ پاڻيهي واتان پهاڪو ڄميو پوي. اها آهي اڪثر پهاڪن جي جنم ڪهاڻي.

تنهن ڏينهن هڪ سنڌي جوان گڏيم، شري نارائڻ پارتي. سنڌي لوڪ گيتن، لوڪ ڪٿائن، لوڪ چوڻين لاءِ اونهي لگن اٿس. گهڻيئي اورچائي ڏيکاري اٿس. خوب پٽڪيو آهي. ڳول ڦول بہ هرهنڌ ڪئي اٿس. چڱو چوکو مال گڏ ڪيو اٿس. هن مقدار جي هي پهريون ئي دفعو ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اميد تہ جلد ئي سوڏي سنواري پڌرو ڪري سگهندو. سنڌي لوڪ ساهت نيٺ هندي ۽ ٻين ڀارتي ڀاشائن (ٻولين) جي ويس ۾ پڻ پنهنجي سونهن ڏيکاريندو. اها آس اٿم.

شري نارائڻ پارتيءَ جي گڏ ڪيل لوڪ چوڻين مان هڪ تي نظر پيم، جا سنڌي ٻوليءَ جي اتهاس جي ڄاڻن اڳيان رکڻ گهران ٿو تہ انهيءَ چوٽيءَ جي ٻوليءَ نسبت پنهنجا رايا ٺاهين. اها چوٽي ٻوبڪ پاسي اڳي رهندڙ هڪ ٻڍيءَ

مائيءَ واتان نارائڻ پارتيءَ کي ملي آهي. مائيءَ جا وڏا پيڙهين کان ٻُوبڪ جي پسگردائيءَ ۾ رهندا هئا. ڏيءُ ماءُ کان، پٽ پيءُ کان، نندڙن وڏڙن کان اهو پهاڪو پئي ٻڌو آهي. شايد صدين کان واتون وات چالو پئي رهيو آهي. اهو پهاڪو هي آهي:

”ويئي وهاڻيءَ، دودي ناناڻا آيا“

دودو ۽ چنيسر چوڏهين صديءَ جا سنڌ جا راڻا هئا. پائر هئا. راڄ گديءَ (تخت، سرداري) تان اڇي منجهن جهيڙو متو. چنيسر زور پئجي پئي ويو. دودي پنهنجن ناناڻن ڏي واهر لاءِ ماڻهو ڊوڙايا. ناناڻن نڪرڻ ۾ دير ڪئي. جيسين پهچن ئي پهچن، تيسين دودو ڪُسجي ويو. تهان پوءِ پهتو ناناڻو دَلُ (لشڪر) تنهن تي تن ڏينهن جي ڪنهن ڏاهي واتان مٿين چوڻي چالو ٿي، ڪَنين واتين هلندي پئي آئي آهي.

جي هيءُ سچ پچ پهاڪو آهي ۽ ڪنهن وڏي ڪوتا مان ڪپجي اڪيلي جيون نه پيو گهاري ته پوءِ پاڻئجي ٿو ته چوڏهين صديءَ ڏاري جو چيل هوندو ۽ ان ئي زماني جي سنڌي ٻوليءَ جي صورت اٿس. عمر مارئي، سسئي پنهون، ليلا چنيسر، اهڙن قصن تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي شاعرن پنهنجي پنهنجي زماني ۾ پئي شعر ٺاهيا آهن. ڪي پراڻا، ڪي تازا. جي هيءَ سٽ ٻه دودي چنيسر جي ڪنهن اهڙي ڪوتا مان نڪتل هجي ته پوءِ تازي ٻه ٿي سگهي. پر جيڪو هن سٽ جو اتهاس توڙي جيڪا ٻي حقيقت ملي ٿي، تنهن مان ائين پيو لڳي ته هيءُ هڪ نجو پهاڪو آهي.

اهو پهاڪو دودي چنيسر جي جهيڙي کان ڪي صديون پوءِ، سندن ڪهاڻي پڙهي ٻڌي، ڪنهن ڏاهي جي واتان ڪونه نڪرندو. جيئن مٿي چيل آهي، پهاڪا چالو جيون ۽ تازن واقعن مان ڄمندا آهن. ڪالهه ڪي اڄ ڪو حادثو ٿيو، ڪا اهڙي ڳالهه ٿي، جنهن دل ڪي چوٽ هنئين، اندر جو ڪو امنگ اٿاريو ته پوءِ هِردو (دل) ۽ من پاڻمرادو چوڻي ٺاهي واتان اُچارايو ڇڏين. اهو ٿيو پهاڪو. جي مٿين چوڻي سچ پچ ڪُهني آهي ته پوءِ چئبو ته ماموئيءَ جي بيتن ۽ محمد اسحاق ۽ قاضي قاذن جي بيتن کان هن پهاڪي جي سنڌي وڏيڪ آڳاٽي آهي.



پاشا وگيانين جو اهو رايو آهي ته ٻين پارتي پاشائن جي پيٽ ۾ سنڌيءَ پنهنجا اصلوڪا لڪشڻ (لڇڻ) ڪونه ڦرڻ ڏنا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي اپياس مان اُن نتيجي تي پهتا آهن. ماموئيءَ جي بيتن جي اِجها هيءَ ٻولي آهي:

پڃندي ٻنڌ اروڙ، هاڪ وهندو هاڪڙو
ٻهه مڇي ۽ لوڙه، سمي ويندا سوڪڙي.

هيءُ بيت اٽڪل پنج صديون پراڻو آهي.

جي هيءُ دودي وارو مٿيون پهاڪو ڇهه صديون جهونو هجي ته شڪ نه آهي. پر هن ڳالهه جي اڃا ڪوج ڪوٽ ٿيڻ گهرجي.

# سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي

مان سمجهان ٿو ته ضروري آهي ته سنڌي جنتا (عوام) کي خبر هئڻ کپي ته سنڌي ٻولي پارتي وڏان جي آئين شيڊول ۾ داخل ٿئي، ان بابت منڍ کان ئي منهنجا ڪهڙا ويچار پئي رهيا آهن. ڪجهه وقت ٿيو ته ڪن دوستن هن ڳالهه نسبت غلط ٽيڪا ڪئي هئي ته وڏان ٺهڻ وقت سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ ڪوشش ڪانه ورتي ويئي. ان ڪري ڪي حقيقتون ڏيڻ مناسب آهن:

پارت جي جوڙجڪي پريشد (قانون ساز اسيمبلي: Constituent Assembly) ۾ جڏهن هندستان جي راڄنيتڪ (سياسي)، جوڙجڪ ٺاهي ويئي، تڏهن ان جوڙجڪ رٿڻ لاءِ هڪ 15 ڪن ڄڻن جي ڪاميٽي هئي، جنهن ۾ اڪثر هند جا مکيه اڳواڻ هئا. سڀ سوال اول ان ڪاميٽيءَ اڳيان ٿي آيا. انهيءَ ڪاميٽيءَ ئي جوڙجڪ جي هرهڪ سوال تي رٿون ٺاهي، اسيمبليءَ ۾ ٿي پيش ڪيون ۽ انهن اڳواڻن جي ئي راءِ پٽاندڙ اسيمبليءَ ۾ ٿي فيصلا ٿيا. جڏهن اها ڪاميٽي ويٺي ۽ سيپٽمبر 1949ع ۾ ائين شيڊول جو سوال اوچتو آيو، تڏهن جيتوڻيڪ مان ان ڪاميٽيءَ جو ميمبر ڪونه هوس، تڏهن به مون ميمبرن ۾ وڃي سنڌيءَ جو سوال اُٿاريو ۽ ڪاميٽيءَ کان ٻاهر به سردار پٽيل ۽ مولانا آزاد ۽ گوپال سوامي آينگر، جي مکيه ميمبر هئا ۽ ڪن ٻين اڳواڻن سان اڪيلي ريت به بحث ڇيڙيو. پر انهن بحثن وقت توڙي ڪاميٽيءَ ۾ ميمبرن جو اهو رايو هو ته شيڊول ۾ اهي ئي ٻوليون ٿا وجهون، جيڪي پرديشڪ (regional) ٻوليون آهن يا ٿينديون. سنڌي ڪنهن پرديش (region) جي ٻولي ڪانهي، ان ڪري نٿا وجهي سگهون. اردو به ان ڪري ٿا وجهون، جو هڪ ته هنديءَ جو ڄڻ نرالو روپ آهي ۽ خود ڪشمير region جي ٻولي آهي، ۽ ان کان سواءِ دهلي ۽ اُتر پرديش جي هڪ ٻولي آهي. ٻيو ته ڇئن ڪروڙ کن پارتي مسلمانن جي ٻولي آهي ۽ پاڪستان جي قيام بعد اردوءَ کي جوڙجڪ ۾



جاءِ نه ڏيڻ ڪري نوان تڪرار جاڳندا. سنسڪرت مان ئي گهڻو ڪٺي راشٽر هندي ٺاهڻي هئي. سو سنڪرت به داخل ڪئي ويئي. پر ديشي (علائقائي) ٻولي نه هئي، ان ڪري سنڌي داخل نه ڪيائون. ان بعد وري جڏهن ڪنهن سنڌي سنسٿا (تنظيم) وارن جي مولانا آزاد، تعليم جي وزير سان هن سوال بابت لکپڙهه ٿي، تڏهن به هن اهو ساڳيو جواب ڏنو هو ته سنڌي ٻولي ڪنهن پرديش (region) جي ٻولي ڪانهي، ان ڪري شيڊول ۾ نه آندي ويئي. سنٿالي ٻولي، جا بينگال، بهار ۽ مڌيه پرديش جي ڪن ضلعن ۾ رهندڙ سنٿال قوم جي ٻولي آهي، جنهن جا ڳالهائيندڙ به لکن ۾ آهن، ان جي اڳواڻ جئپال سنگهه، جوڙجڪي اسيمبليءَ ۾ رٿ وڌي ته سنٿالي ٻولي شيڊول ۾ وڌي وڃي، پر ان کي به اها رٿ واپس وٺڻي پيئي.

اها گهڻن کي خبر ڪانهي ته 1955ع ۾ ”سرڪاري ٻولي ڪميشن“ جو چيئرمين سرڳواسي شري کير (بمبئيءَ جو اڳيون مکيه وزير) ان ڪميشن جي دوري وقت آسام ۾ آيو هو ۽ مون وٽ اچي رهيو هو. تڏهن مون مٿس زور رکيو ته سندس ڪميشن سنڌي ٻوليءَ کي ائين شيڊول ۾ آڻڻ جي فائدي ۾ رايو ڏئي. ڪيس سڀ دليل ٻڌايم. هن چيو ته دليل ته ٺيڪ آهن، پر اسان جي ڪميشن جي دائري کان اها ڳالهه ٻاهر آهي ته اسين ڪو رايو ڏيون ته ڪهڙيون ٻوليون ائين شيڊول ۾ داخل ٿين. اسان کي سرڪاري ٻولي، يعني هنديءَ جي باري ۾ رايو ڏيڻو آهي ته ڪڏهن چالو ٿئي ۽ ان کان اڳ ڇا ڇا ڪجي.

ان هوندي به مون ڪيس مڃايو ته گهٽ ۾ گهٽ اهو دائري جو سوال حال ڪليل ڇڏيو ۽ سنڌين کي موقعو ڏيو ته پنهنجو سوال اوهان جي اڳيان پيش ڪن. پوءِ مون بمبئيءَ جي ڪن دوستن کي لکي موڪليو ته ڪميشن جي ميمبرن کي چانهه پارٽيءَ تي گهرائي اوائلي ڳالهيون ڪريون ۽ پوءِ باقاعدي لکت ۾ ڪميشن اڳيان سوال پيش ڪريون ۽ سنڌيءَ جي شيڊول ۾ داخل ٿيڻ جي گهر ڪريون. ڪي سنڌي سنسٿائون (تنظيمون) ڪميشن جي اڳيان آيون ۽ اها گهر ڪيائون ۽ ڪميشن پنهنجي رپورٽ ۾ سنڌين جي ان گهر بابت ذڪر ڪيو آهي.

منهنجو ڪڏهن بہ اهو رايو نہ رهيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي هند جي وڌان جي ائين شيڊول ۾ آڻڻ جي ضرورت ڪانهي.

منهنجو منڍ ڪان وٺي اهو رايو رهيو آهي تہ سنڌي ٻولي ائين شيڊول ۾ داخل ٿيڻ جي هرطرح حقدار آهي. مون گهڻي تفصيل سان پنهنجو رايو 1958ع واري اکل ڀارت سنڌي ٻولي ڪانفرنس وقت، دهليءَ ۾ صدارتي تقرير ۾ ظاهر ڪيو هو. جيڪو رايو اتي ظاهر ڪيو هوم، اهوئي منهنجو اڄ بہ رايو آهي. پڙهندڙن کي خبر پوي تہ منهنجو ڪهڙو رايو آهي، ان ڏيکارڻ لاءِ مان ان تقرير ۾ هن سوال بابت ڏنل ٽڪر مختصر ريت هيٺ ڏيان ٿو:

”جيڪڏهن برصغير جو ورهاڱو نہ ٿئي ها تہ پوءِ بنا ڪنهن سوال اُٿڻ جي سنڌي ٻولي ملڪ جي وڌان (آئين) ۾ تسليم ڪئي وڃي ها، ڇو جو سنڌي ٻوليءَ جو سنسڪرت، هندي ۽ هندستان جي ٻين ”انڊو آرين“ ٻولين سان جسماني لاڳاپو آهي ۽ خود هندي ٻوليءَ کي بہ اپنائڻ لاءِ ڪجهہ مال سنڌي ٻولي ڏيئي سگهي ٿي. جڏهن ڪڏهن ڀارت جي ٻولين جي ٻرسپر ناتي نسبت لکيو ويو آهي، چاهي بيمس (1872ع ۾)، چاهي ڊاڪٽر ڀنڊارڪر (1914ع ۾)، چاهي ڊاڪٽر تگري (1948ع ۾) لکيو، تڏهن سڀني ٻين مکيہ ٻولين سان گڏ سنڌيءَ کي بہ شامل ڪري، ان سان بہ ٻين ٻولين جي ڀيٽ ڪئي ويندي هئي.

”ڪن ودوانن جي ڪٿ موجب، سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ لک ڪن لفظ چالو آهن. اڪثر ريت سنڌي لفظن جو سنسڪرت جي لفظن سان لاڳاپو آهي، جيتوڻيڪ عربي ۽ پارسي ڳالهائيندڙ قومن جي حڪومتي ۽ ادبي اثر هيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ انداز عربي ۽ پارسي لفظن جو داخل ٿيو آهي. سچ پچ تہ سنڌي ٻولي، ٻين ڪيترين ڀارتي ٻولين جي ڀيٽ ۾، سنسڪرت ٻوليءَ جي وڌيڪ ويجهو آهي، ان ڪري وڌان جي 351 قلم جي مطلب لاءِ سنڌيءَ مان بہ ڪيترا اکر نئين هندي ٻوليءَ لاءِ ڪتب اچي سگهن ٿا.

”هند لاءِ سرڪاري ٻولي ڪميشن پنهنجي رپورٽ ۾ چيو آهي: ”جيڪي ٻوليون ائين شيڊول ۾ داخل ڪيون ويون آهن، انهن ۾ گهڻي قدر هڪجهڙائي ۽ ساڳيائي آهي ۽ انهن سڀني جي ساهت، سنسڪرت جي



ساهت مان ئي پاڻي پئي پيتو آهي ۽ ويچارن ۽ انهن جي ويس لاءِ ساڳيو ئي پسمنظر آهي ۽ سواءِ اردوءَ جي، ٻين انهن سڀني شيڊول ۾ داخل ٿيل ٻولين جي آئيويتا ۽ لپي ڀارت جي هڪ ساڳئي اُچارن جي رٿا تي ٻڌل آهن“.

”مٿين پريڪشائن (پَرکن)پٽاندڙ سنڌي ٻوليءَ کي بہ ائين شيڊول ۾ داخل ٿيڻ جو پورو حق آهي. اها ڳالهہ سِڌ ٿيل آهي تہ هاڻوڪين ’انڊو آرين‘ ٻولين سان (جيڪي شؤرسيني، مهاراشٽري ۽ ماگڌي ٻولين مان ئي نڪتيون آهن) سنڌي ٻوليءَ جي هڪجهڙائي ساڳئي آهي. هند جي ڀاشا وگيانن اها ڳالهہ ور ور ڪئي آهي. سنڌي لکندڙن بہ سنسڪرت ساهت جي ئي ساڳئي ڀنڊار مان پنهنجي ساهت لاءِ پريرڻا (اُتساهہ) ورتي آهي. مهاڀارت، رامائڻ، ڀاڳوت، ڪاليداس وغيره سنسڪرت پستڪن ۽ ساهتڪارن جي رچنائن جي سروور (ڀاڻيءَ/ڍنڍ) مان سنڌي ليکڪن بہ پنهنجي لاءِ دلا ڀريا آهن. ساڳيءَ ريت، جيتوڻيڪ، ڪجهہ وقت ڪان، سنڌي ٻوليءَ جي هڪ لپي (عربيءَ مان) ورتل آهي تہ بہ آئيويتا ۽ اکرن جا اُچار گهڻي ڀاڱي شيڊول ۾ آيل ٻولين جي آئيويتا ۽ اُچارن جي رٿا پٽاندڙ آهن.

”ڪميشن وڌيڪ اهو چيو آهي تہ شيڊول ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ کي داخل ٿيڻ لاءِ ضروري آهي تہ اُن ٻوليءَ کي چالو ساهت هجي. سنڌيءَ جي حالت ۾ اهو شرط بہ پورو ٿيل آهي. ثابتي ملي ٿي تہ گهٽ ۾ گهٽ پرت منيءَ جي زماني (عيسوي ٻي صديءَ) ڪان وٺي سنڌي ٻوليءَ ۾ ساهت پئي پيدا ٿيو آهي ۽ ان وقت ڪان اڄ تائين سنڌي ٻوليءَ جو نثر ۽ نظم هلندو آيو آهي. هن وقت تائين هزارين ڪتاب ڌار ڌار وشين (موضوعن) تي لکيا ويا آهن ۽ انگريزيءَ ۽ هند جي ٻولين جي شاهڪار ساهت مان بہ ترجما ڇپيا ويا آهن.

”ٻيو شرط اُهو هو تہ ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ گهڻا هجن. سنڌي ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ اڄوڪي هند ۾ گهڻا نہ آهن. اهو سبب بہ واجب ڪونهي تہ شيڊول ۾ سنڌي داخل نہ ٿئي. جي ورهاڱي ڪري سنڌي ٻوليءَ جا پنجاهہ لک ڳالهائيندڙ گهٽجي هند ۾ رڳو پندرنهن ويهہ لک ڪن ٿيا تہ ان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڪهڙو ڏوهہ؟ اڄ هند جي ڌار ڌار پرديشن (علائقن) ۾ جيڪي سنڌي پکڙيل آهن ۽ ڪڇ ۽

سوراشٽر ۽ الهندي راجستان ۾ جيڪي ماڻهو سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ آهن، سي پندرنهن ويھ لک کن ٿيندا. جڏهن اٺين شيڊول ۾ ڪشميري ٻولي وڌي ويئي هُئي، تڏهن ان ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ ستاويھ لک ڄاڻايل هئا ۽ مليالم (ڪيرالا جي ٻولي)، جا بہ شيڊول ۾ آهي، ان جا ڳالهائيندڙ ٽيٽيھ لک هئا. انهن ٻولين ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جي تعداد ۾ ڪو ايڏو فرق ڪونهي، جو ان ڪري سنڌي ٻولي شيڊول ۾ داخل ٿيڻ کان محروم ڪئي وڃي.

”ٻيو سبب سرڪاري ٻولي ڪميشن شيڊول ۾ ٻولين کي داخل ڪرڻ لاءِ اهو ڏنو آهي تہ سواءِ اردوءَ جي هرهڪ ٻولي ملڪ جي جيڪي سو هڪ ئي وڏي ٽڪر يا پرديش (region) ۾ ڳالهائجي ٿي. ورهاڱي کان اڳ سنڌيءَ جي بہ اها حالت هئي. ورهاڱي جي ڪري، هند جي ان ڀاڱي، جنهن کي هاڻي ”ڀارت“ ٿو سڏجي، ان ۾ رهندڙ رهواسين کي پنهنجي ترقي ڪرڻ جو پورو وجھ مليو، پر انهيءَ ڪري جو جيڪو ڀاڱو (سنڌ) پاڪستان کي مليو، ان جي رهواسين جي واسطن ۽ حقن کي ڇو نقصان پهچايو وڃي، جيڪڏهن اڄ هو انهن ڪارڻن ڪري هند ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن، جن تي سندن وس ئي ڪونہ هو؟ خود سرڪار جي نيتي (پاليسي) هئي تہ سنڌي نرواسين (پناهہ وٺندڙن) جو هڪ ئي پرديش (علائقي) تي بوجو نہ پوي. ان ڪري ڌار ڌار پرديشن (علائقن) ۾ ڪين وسايو ويو. ڪي سنڌي نرواسي بہ، اوڇتيءَ لڏ پلاڻ ڪري، لاچاري حالتن ۾ ڪنهن پرديش ڏي ويا تہ ٻيا ٻئي پرديش ڏي ويا. ان ڪري اهو نياءُ نہ ٿيندو، نڪي اهو واجب ٿيندو، ڇاڪاڻ جو سنڌي هڪ هنڌ ڪٺا نٿا رهن، تنهن ڪري پنهنجين ٻين ڀينر — ٻولين سان گڏ سنڌي اٺين شيڊول ۾ داخل نہ ڪئي وڃي.

”افسوس آهي جو سرڪاري ٻولي ڪميشن، هنديءَ کان سواءِ ٻين ٻولين جي وڪاس (ترقيءَ) لاءِ وڏي پروگرام جي سفارش ڪندي اٺين لکيو آهي تہ شيڊول ۾ ڄاڻايل چوڏهن ”پرديشي“ (علائقائي) ڀاشائن لاءِ پروگرام رٿيو وڃي، جڻ انهيءَ شيڊول ۾ اهي ئي ٻوليون هئڻ گهرجن، جيڪي ”پرديشي“ ٻوليون ليکيون وڃن ٿيون!

”سنڌي ٻوليءَ کي شيڊول ۾ داخل ڪرڻ جي سوال کي سرڪار کي



همدرديءَ سان ويچار ڪرڻ گهرجي. ان کي شيڊول ۾ نہ وجهڻ ٿيو، سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي ٻولين جي ”سنڊريلا“ ڪري ليکڻ ۽ خود هنديءَ کي بہ ان مان نقصان ٿيندو. هرهڪ لياقتَ ۽ پريکشا (پرک) پٽاندڙ، سنڌيءَ کي اٺين شيڊول ۾ داخل ٿيڻ جو پورو حق آهي.

”هند جي مها ڪوي ٽئگور ڀارت جي قومي راڳ ۾ ”سنڌ“ لفظ کي جاءِ ڏني ۽ سرڪار بہ ان لفظ ڪڍڻ جي خلاف رهي آهي. اسان کي قوي اميد آهي تہ سنڌي ٻولي، جنهن کي قدرت ۽ اسان جي ديش جي اتهاس، ڀارت جي هاڻوڪين ٻولين جو جزو ڪري ڇڏيو آهي، ان کي ڌار نہ رکيو ويندو ۽ ان کي شيڊول ۾ آڻي سنڌي ٻوليءَ کي وجھہ ڏنو ويندو، جيئن اُها بہ ڀارت جي ”قومي ٻوليءَ“ کي پنهنجي رنگ، سڳنڌ ۽ سواد جو حصو ڏيئي وڏيڪ ڏتيہ (شاهوڪار) بڻائي.“

متيان هئا ۽ آهن منهنجي هن سوال بابت ويچار ۽ رايا. دهلي ڪانفرنس کان يڪدم پوءِ بيماريءَ جي بستري تي هوندي بہ مون پرڌان منتري (وزيراعظم) شري نهروءَ لاءِ ڪانفرنس طرفان وڏو عريضو ويهي تيار ڪيو ۽ ڪانفرنس وارن کي موڪليو، جو ڪانفرنس جو اهو ويچار هو تہ ڪا سفارت ان وقت ئي پرڌان منتريءَ کي روبرو ڏسي.

# سنڌين جو اتهاسڪ (تاريخي) ڏينهن

(10 اپريل 1967ع تي، سنڌي ”قومي ٻولي“ تسليم ٿيڻ بابت،
اتهاس جو هڪ ننڍو ورق)

ڏهين اپريل 1967ع جو ڏينهن ڀارت ۾ رهندڙ سنڌين جي اتهاس ۾ سياسي، ساهتڪ (ادبي) ۽ سڀيتڪ درشٽيءَ کان تمام اهميت وارو ڏينهن آهي.

ان ڏينهن، راشٽر پتي (صدر)، ڊاڪٽر راڌاڪرشن، سرڪاري بل تي صحي ڪئي، جنهن موجب، سنڌي جاتيءَ جي ڀاشا (ٻوليءَ) کي وڌان (آئين) ۾، ديش جي ٻين چوڏهن ڀاشائن ڀاشا (برابر) قومي ڀاشا (قومي ٻولي) جو درجو ڏنو ويو.

1965ع ۾ ئي مون شريمتي اندرا گانڌيءَ کان ان بابت قبوليت ورتي هئي، جڏهن هوءَ اجا ”سماچار ۽ آڪاش واڻي“ جي منتري (سڌ سماءَ ۽ ريڊيو جي وزير) هئي.

جڏهن هوءَ پرڌان منتري (وزيراعظم) تي، تڏهن مون 1966ع ۾ سنڌين جي عام ميڙ ۾، ڪيس ديش جي رڪشا فنڊ (ملڪ جي سلامتيءَ واري فنڊ) ۾ سنڌين پاران 25 هزار روپين جي رقم ڏني.

اتي مون ڪيس اپيل ڪئي ته سنڌي ڀاشا کي ديش جي ٻين ڀاشائن سمان (برابر) درجو ڏنو وڃي. پروفيسر رام پنجواڻي، جو پڻ ان ميٽنگ ۾ حاضر هو، تنهن پڻ ڪيس ساڳي اپيل ڪئي. اُنهيءَ ڏينهن شام جو اندرا گانڌيءَ راجيه سڀا ميمبرن کي چانهه پارٽي ڏني هئي، جتي هن مون کي ۽ ميمبرن کي چيو ته وڌان (آئين) ۾ سنڌي ڀاشا (ٻولي) کي تسليم ڪرڻ گهرجي.

**اوچتي مخالفت:**

هن پوءِ وزارت جي ميٽنگ ۾ اها ڳالهه اوچتو ڪڍي، پر ٻن واسطيدار



وزيرن ان جي مخالفت ڪئي. سندن چوڻ هو ته ٻين ڀاشائن وارا پڻ ساڳي طلب ڪندا.

شريمتي اندراگانڌيءَ يڪدم مون کي پنهنجي خانگي سيڪريٽريءَ هٿان ان واقعي بابت سنيهو موڪليو.

**ٻڪون ۽ ٻوڙون:**

مان پوءِ وزارت جي 12 ميمبرن مان هرهڪ ميمبر سان الڳ، اڌ اڌ ڪلاڪ ڪن گڏيس. مڪيه دليل ڏنامان. هرهڪ، انت ۾ منهنجي ڳالهه مڃي. هڪ مکيه وزير هو، قانوني وزير، شري پاٺڪ، جو پوءِ وائيس پريزيڊنٽ ٿيو هو. چيائين رات اچي مون وٽ ماني کاءُ ته ڳالهيون به ڪريون. سو گڏجي ماني به کاڌيسين بحث به ٿيو. هن به هائو ڪئي.

**شري چاڳلا سان بحث:**

تعليم جو وزير شري چاڳلا اول سخت مخالف هو. چي: سنڌ پرديش (صوبو) ته هتي ڪونهي. چيومانس ته ٻوليءَ جو واسطو انسانن سان آهي، نه زمين سان. اسين سنڌي ڳالهائيندڙ انسان پنهنجي ٻولي کٽي آيا آهيون. ورهاڱي کان اڳ به سنڌي سڀيتا،هند جي ٻهورنگي (گهڻ رنگي) سڀيتا جو هڪ نرالو انگ هئي. هاڻ هتي به هڪ نرالو انگ آهي. ڏسو وڌان (آئين) جو 351 قلم. هند جي راشٽريه ڀاشا (قومي ٻولي)، ان ٻهورنگي سڀيتا جي هرهڪ انگ مان ڪجهه وٺي، جوڙٽي آهي. اسان جي ڀاشا جو هن وڌان (آئين) موجب حق آهي، ته اسين به راشٽريه ڀاشا (قومي ٻولي) لاءِ ڪجهه حصو ڏيون. ان قانوني دليل اڳيان هو چپ ٿي ويو ۽ ننهن نه ڪيائين.

**منهنجو دوست مخالف:**

سنڌي ڀاشا کي وڌان ۾ تسليم ڪرڻ جو وڏيڪ سخت مخالف ان وقت جو گرهه منتري (گهرو وزير) شري نندا هو. ان سوال سان سندس منترالیه (وزارت) جو سڌو واسطو هو. ڏهه ڏينهن اڳ خود سرڪاري فائيل تي رايو ظاهر ڪيو هئائين ته سنڌي ٻولي وڌان ۾ نه آٺي سگهبي ۽ ان ڪري هڪ ميمبر شري ترويديءَ جو، سنڌي ٻولي جي تسليميءَ لاءِ جيڪو غيرسرڪاري بل لوڪ سڀا ۾

اڃڻو آهي، ان جي سرڪاري (ڪانگريس) ڌر مخالفت ڪري. ڪيس تہ خبر بہ ڪانہ هئي تہ ڪن سنڌي سنسٿائن (جماعتن) سنڌيءَ جي تسليميءَ جي طلب ڪئي هئي. سندن خط عملدار دفتر داخل ڪري ڇڏيندا هئا.

**ٻولي پٽر نہ، پر انسان ڳالهائيندا آهن:**

هو منهنجو ويهن سالن کان متر (مائٽ) هو. مان ڪيس بہ دفعا گڏيس ۽ سندس مخالفت دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. مون ڪيس سنڌي ڀاشا کي وڌان ۾ جاءِ ڏيڻ لاءِ دليل ڏنا ۽ اپيلون ڪيم. چيومانس تہ جي اکنڊ ڀارت جو وڌان ٺهي ها تہ سنڌي ٻولي، جا سرڪاري رپورٽن ۾ هند جي تيرهن مکيہ ٻولين ۾ ليکبي هئي، سا ضرور وڌان ۾ پوي ها. ورهاڱي هوندي اوهان جون تہ سڀ ٻوليون تسليم ٿيون. پر اسان ٻيو تہ سڀ وڃايو، پر اسان جي ڀاشا، جا هند جي هڪ سرڪاري پرديشي ڀاشا (صوبائي ٻولي) هئي، سا جڏهن اسين هتي ڪٺي آيا آهيون، تہ ان کي بہ وڌان ۾ جاءِ ڪونہ ٿا ڏيون؟

**پاڻيءَ سان پرجي ويئون:**

هو ٻڌر ۾ هو تہ اها ڳالهہ قبوليان يا نہ قبوليان. مون آخر ۾ ڪيس چيو تہ منهنجي ديهانت (لاڏاڻي) کان اڳي مان ڏسڻ چاهيان ٿو تہ منهنجي ڀاشا کي وڌان ۾ تسليم ڪيو وڃي. پنهنجي متر جي اهڙي اپيل جو مٿس گهرو اثر ٿيو ۽ سندس اکيون پاڻيءَ سان پرجي ويئيون! هن مون کي چيو تہ "جئرامداس! مان اوهان جي ڳالهہ مڃيندس!"

**16 آڪٽوبر جو ڏينهن:**

اهو 16 آڪٽوبر جو ڏينهن هو ۽ مون ان ڏينهن ئي پرڌان منتريءَ (وزيراعظم ) کي لکيو تہ گرهہ وڀاڳ (گهرو کاتي) بہ منهنجي اپيل اونائي آهي. هرهڪ ميمبر سان ملاقات جي نتيجي کان مان هر روز پرڌان منتري اندراگانڌيءَ کي واقف ڪندو هوس.

**مشڪلات آئي، ويئي!**

گرهہ منتري (گهرو وزير) شري نندا اڳيان هڪ مشڪلات هئي. سنڌي ڀاشا تسليم ڪرڻ وارو بل مخالف ڌر طرفان پيش ڪيو ويو هو، جنهن کي



بحاليءَ لاءِ ڪافي ووٽ هئا ئي ڪونہ. سرڪاري ڌر جي ووٽن سان ئي بل پاس ٿي سگهيو ٿي. گرهہ منتريءَ پوءِ فيصلو ڪيو تہ اهو بل سرڪار طرفان چونہ پيش ڪيو وڃي، جو بل جي بحاليءَ لاءِ گهربل بہ ڀاڱي ٽي حصو ووٽ تہ سرڪار ئي ٽي ڏئي. اهڙيءَ طرح هن اها مشڪلات دور ڪئي.

**وزارتي فيصلي لاءِ مسودو:**

وزارت ڪنهن سوال جو فيصلو ڪندي آهي تہ اهو مسودو واسطو رکندڙ منتري (وزير)، وزارت جي اڳواٽ ويچار لاءِ لکت ۾ سيني کي موڪليندو آهي. سو شري نندا جي قبوليت بعد، ٿورا ڏينهن پوءِ، سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ اهڙو مسودو وزارت جي سيني ميمبرن وٽ ويو تہ سڀاڻي شام جو ان بابت وزارت جو ميڙ آهي.

**هڪ وزير دوست جو نياپو:**

منهنجي هڪ وزير دوست، شري منوُ ڀائي شاهہ، انجام ڏنو هو تہ سنڌي ڀاشا لاءِ ووٽ ڪندس ۽ خبر پيم تہ وزارت ۾ ان جي سمرٿن (حمايت) ۾ ڳالهايو بہ هئائين. سو اهو مسودو پهچنديئي مون کي گهر ۾ 26 آڪٽوبر تي فون ڪيائين. گهران چيائونس تہ فلاڻي هنڌ شاديءَ تي ويو آهي. سو وري اتي فون ڪيائين تہ "جئرامداس! سنڌي ٻولي وڌان ۾ تسليم ٿئي ٿي. سڀاڻي لاءِ مسودو اچي ويو آهي!" چيومانس تہ "صبح جو اچي ڏسندس". سو صبح جو ويو سانس. مسودو ڏيکاريائين، پڙهيم. شري نندا کي هڪ مسودو وزارت لاءِ ٺاهي موڪليو هوم. ڪجهہ ڦيرگهير هئي، پر تسليميءَ جي قبوليت صاف هئي.

**شري پاٽل جو هوائي اڏي تان فون:**

وزارت ان ئي شام جو 27 آڪٽوبر، 1966ع تي، يڪراءِ سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي بحال ڪئي. وزارت جي ميڙ بعد شري ايس. ڪي. پاٽيل، جو بہ تن ڏينهن وزارت جو ميمبر هو، ان گهران فون ڪيو. چيائونس "ٻاهران موٽيو ڪونهي." چيائين تہ "اچي تہ چئجوس تہ مون فون ڪيو. اڄ بمبئي ٿو وڃان. سو هوائي جهاز جي اڏي تي مون کي فون ڪري."

مان گهر موٽيس تہ نياپو مليم. مان فون ڪريان ئي ڪريان تہ شري

پاٽل هوائي اڏي تان فون ڪيو تہ ”جئرامداس! اڄ اسان وزارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وڌان ۾ تسليمي بحال ڪئي آهي. واڌايون“. هڪ سال اڳ مون ساٽس ڳالهيون ڪيون هيون. سردار پٽيل جي ڪري ساٽس گهاٽو رستو هوم. مون کي چيو هئائين تہ مان سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي قبول ڪندس. ٻيو پيرو چوڻ جي تڪليف بہ نہ وٺج.

**رڳو پنجاھہ حاضر! ڪڏهن:**

وزارت جي قبوليت بعد، نومبر 1966ع ۾، جڏهن شري ترويديءَ پنهنجو بل لوڪ سڀا ۾ پيش ڪيو، تڏهن ڪُل 500 کان مٿي ميمبرن مان رڳو 50 کن ميمبر مس حاضر هئا. سرڪاري منتري شري هاٿيءَ، ترويديءَ کي چيو تہ تون بل واپس وٺ ۽ سرڪار پاڻ سرڪاري بل پيش ڪندي. ترويديءَ اها ڳالھہ قبولي پنهنجو بل واپس ورتو.

**9 ڊسمبر تي بل:**

اسان جو بل پوءِ 9 ڊسمبر 1966ع تي اول راجيہ سڀا ۾ پيش ٿيو ۽ سڄي راجيہ سڀا سيني ڌرين جي ميمبرن سان پري پيئي هئي. سيني ڌرين جي اڳواڻن بل جي حمايت ڪئي. سرڪاري منتريءَ ۽ مون بہ ڳالهايو.

**جنسنگھہ اڳواڻ جا چيو:**

راجيہ سڀا ۾ جن سنگهہ اڳواڻ، شري اٽل بهاري واجپائي، اڳي سنڌيءَ جي تسليمي لاءِ غيرسرڪاري بل پيش ڪيو هو، ان بہ هن موقعي تي ڳالهايو. سنڌي ٻوليءَ لاءِ سندس تقرير ڪري آخر ۾ چيائين:

”مئن ايڪ بات اؤر ڪهہ دوُن. يہ غير سرڪاري بل ميرا ٿا، ليڪن سنڌي ڀاشا ڪو وڌان ۾ لاني ڪا شريہ هماري آدرڻيہ شري جئرام داس دولترام ڪو جانا چاهيئي. اُنهون ني پريتن ڪرڪي، منتريون سي وارتا ڪر ڪي، مل ڪر ائسي زمين بنائي، سڀ ڪو تيار ڪيا، اور ان ڪي صلاح مئني ڀي ماني ڪ اپنا بل لاني ۾ مين جلدي نہ ڪرون. اؤر آج انڪا پريتن سڦل هو رها هي. اسڪي ليئي ڀي همين بڙا آنند هئہ. وي هماري راشٽريہ نيتائون مين سي ايڪ هئن، وي سنڌ ڪي هئن. سنڌ چلاگيا. سنڌي ڀاشا ڪو رهنا چاهيئي.“



**ويو لوڪ سڀا ۾:**

”راجيہ سڀا يڪراءِ اهو بل پاس ڪيو. پوءِ بل ويو لوڪ سڀا ۾. اتي اٽڪي پيو! لوڪ سڀا جي آخرين بئٺڪ پوري ٿيڻ تي هئي. پنج سال سندن جيون جا ختم ٿي ٿيا! فيبروري 1967ع ۾ نيون پنج سالي چونڊون ٿيڻيون هيون. سو قاعدي موجب لوڪ سڀا اڳيان جيڪي بل اچٽا هئا، سي سڀ بل اڌ تي ئي ختم! وري نئين سر ڄمڻ!

**”منڍي بدڪ“**

اڳي رواج هو تہ تمام ضروري خرچ پڪي لاءِ نين چونڊن کان اڳ هڪ هفتي لاءِ مرٽينگ لوڪ سڀا جو ميڙ ڪوٺائيندا هئا. ان لوڪ سڀا جي ميڙ کي چوندا هئا ”منڍي بدڪ“. هن ڀيري لوڪ سڀا ”منڍي بدڪ“ ميڙ لاءِ ميمبرن کي ڪوٺ ڪانہ ٿي! منهنجي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. هي تہ وري نئين سر ڪٽرا ڳ! ڊڪ ڊوڙ لاءِ ٽنگون هلائڻيون پونديم. گرھہ منتري چيم: ”مهينو بہ وڏيڪ لڳندو، ٻيو فڪر نہ ڪر.“

**باقي ڇهہ ڏينهن!**

نئين پنج سالي چونڊ بعد پارليمينٽ ڪوٺائي وئي. 4 اپريل 1967ع تي وري راجيہ سڀا ۾ بل پيش ٿيو ۽ پارليمينٽري ڪاتي جي وزير سان بندوبست ڪيو هوم، تہ اسان جو بل جلدي پيش ڪرائجي. مشڪي چيائين ”تنهنجو ڪم اول“. چيومانس ”اجا لوڪ سڀا ۾ اچٽو آهي. اسان جو چيتي چنڊ بہ سر تي اچي رسيو آهي.! اپريل 10 ۾ ڏينهن باقي ڇهہ!“

**اڌ ڪلاڪ ۾ سڀ خلاص:**

پوءِ تہ راجيہ جي چوڏهن ڌرين جي اڳواڻن سان بندوبست ڪيم تہ اڳئين ڀيري اوهان جي ڌرين ڳالهايو آهي. سمرٿن (Support) ڪيو آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪو هروڀرو ڳالهائي تہ منٽ اڌ ۾ رڳو سمرٿن ڪري. سندن وڏو سهڪار ٿيو. اڌ ڪلاڪ ۾ سيني سرڪاري وزيرن ۽ ڌرين بہ چار لفظ ڳالهائي بل پاس ڪيو. پارليمينٽري وزير، لوڪ سڀا ۾ تڪڙي بجيٽ جا ڪي بل جلد جلد پاس ڪرائي، اسان جو بل 7 اپريل تي رکايو.

**وراندي ۾!**

7 اپريل هو جمعي جو ڏينهن! لوڪ سڀا ۾ سرڪاري ڪم لاءِ رکيو اڌ ڏينهن ملندو آهي. باقي اڌ ڏينهن غيرسرڪاري بلن لاءِ. سو اتي به لوڪ سڀا جي سڀاپتي (صدر) ۽ ڏرين سان بندوبست رکيم ته اسان جي بل جو ڪم ترت لاهجو. پر اتي هرهڪ کي لڳي هئي پنهنجي ٻوليءَ جي. سو هرهڪ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ اتي حق گهريا. لوڪ سڀا هلندي راجيہ سڀا جو ميمبر اندر وڃي نه سگهي. مون اندرين غاليچي پيل "لابي" (ميمبرن لاءِ محفوظ وراندي) ۾ پئي ڏرين وارن تي زور ڀڏو ته گهڻو نه ڳالهائجو، نه ته اسان جي مکيہ پوتر ڏينهن هن بل تي راشٽرپتيءَ (صدر) جي صحيح پئجي نه سگهندي. مڃائيندي مڃائيندي به بحث ۾ اچي ساڍا چار لڳا. ان وقت مسين مسين لوڪ سڀا بل يڪراءِ پاس ڪيو.

**ٻهريون مثال:**

پارليمينٽ جي اتهاس ۾ هيءُ ٻهريون مثال هو، جو وڏان ۾ درستي ڪرڻ وارو بل يڪراءِ سيني ڏرين پاس ڪيو. پوين ڏهن سالن ۾ وري اهڙو مثال نه ٿيو آهي.

**راشٽرپتي (صدر) جي قبوليت لاءِ نئون ڇاپو!**

راشٽرپتي (صدر) ڪنهن به بل لاءِ تيستائين قبوليت نه ڏيندو آهي، جيستائين سرڪاري پريس، خاص ٿلهي سائي رنگ جي پني تي اهو بل وري ڇاپي، جو سدا سلامت رهي. مون اول اهو بل ڇاپڻ لاءِ پربنڌ (بندوبست) ڪيو، جيئن اهو دير ۾ دير 9 اپريل شام جو راشٽرپتيءَ (صدر) کي ملي.

**بل تي صحيح ڪيئن ملي:**

پر بل ته 7 اپريل تي شام جو پاس ٿيو. اهو جمعي جو ڏينهن هو! 8 تاريخ ته مهيني جو ٻيو ڇنڇر هو. سو سرڪاري آفيسون ۽ پريسون بند! 9 تاريخ آرتوار هو! 10 تاريخ هو چيٽي چنڊ اسان جو! ڪيئن سومر 10 تاريخ صبح جو ئي راشٽرپتيءَ بل تي صحيح ڪئي، سا هڪ عجيب ڪهاڻي آهي.

لوڪ سڀا جا ڪرمچاري به منهنجي رکندا هئا. پريس کي فون



ڪيائون ته پريس بنهه بند نه ڪريو. هڪ ڪمپازيٽر ۽ هڪ پرنٽر، هڪ پروف ريڊر ترسايو. بنهه ضروري ڪم آهي. اسڪوٽر تي هڪ نديو بل ٽا موڪلين سنڌي ٻوليءَ بنسبت. راشٽرپتيءَ (صدر) جي صحيح يڪدم وٺڻي آهي. ٿلهي سائي پني تي سنيالي صحيح نموني ڇپي اڌ ڪلاڪ اندر موڪليو ته جيئن اسڪوٽر وارو موٽي ڪٽي اچي لوڪ سڀا جي منتريءَ کي ڏئي. هو ترسيل آهي. اسڪوٽر وارو چڙهيو، اسڪوٽر اڏائيندو ويو. بل وري ڪمپوز ٿيو، پروف پڙهيا ويا، ٿلهي پني تي ڇپيو ويو. وڏي لفافي ۾ وجهائي ويهن منٽن ۾ اسڪوٽر واري موٽ ڪاڏي. منتريءَ ڪاغذ تيار ڪري راشٽرپتي ڀون (صدارتي محل) ۾ جمعي رات 8 بجي پهچايا!

مون ان بابت راشٽرپتي ڊاڪٽر راڌاڪرشنن سان اڳ ئي ڳالهه ڪئي هئي ته ان سال 10 اپريل تي اسان جو چيٽي چنڊ هو ۽ ان ڏينهن ڪيس بل تي صحي ضرور وجهڻ کپي.

ان ڏينهن صبح اندر، هن منهنجو صحيح وجهڻ لاءِ عرض قبوليو ۽ اهڙيءَ طرح اسان جي ڀاشا 10 اپريل 1967 ع تي راشٽريہ ڀاشا (قومي ٻولي) ٿي.

**آل انڊيا ريڊيو:**

يڪدم آل انڊيا ريڊيو اهو سوال هٿ ۾ ڪنيو ۽ واسطيدار وڏي آفيس، شري گلاب ميرچنداڻيءَ، مون سان صلاح ڪئي ته سنڌي ٻولي هاڻي وڏان ۾ آئي آهي. هاڻي مون رٽ ٺاهي آهي ته سنڌي ڀاشا ۾ به روز دنيا ۽ ڀارت جون خبرون ڏينداسين. پوءِ ويچار ونديائين ته روز گهٽا پيرا خبرون ڏجن، ڪهڙا وقت سولا ٿيندا. پوءِ ريڊيو سروس ۾ سنڌي ڀاشا جو پروگرام هر روز ڪٿي ٿي، ڪٿي به پيرا پيو ڏنو وڃي.

**سنڌي ڀاشا لاءِ هڪ ڪروڙ روپيا:**

ٻي اهم ڳالهه اها ٿي، جو سنڌي ڀاشا جي وڪاس (اوسر) لاءِ هڪ ڪروڙ روپين جو پربنڌ (بندوبست) ٿيو.

**هڪ لک جو انعام:**

گيان پيٺ وارن سنڌي ڀاشا لاءِ هڪ لک روپين جو انعام ڏيڻ قبوليو.

ان جي پريزيڊنٽ راماڀائي جين سان، ان بابت منهنجي اڳيئي لکپڙهه جاري هئي.

10 اپريل کان اڳ ئي لکي موڪليائين ته پنهنجي بورڊ اڳيان تنهنجي رٿ رکان ٿي. ان وچ ۾ اسان جي ٻولي وڏان ۾ اچي وئي. سو ان جي نيمن انوسار (قاعدن پٽاندڙ) سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ لک روپين جو انعام ڏيڻ قبوليو ويو. ٻه پيرا نارائڻ شيام جو نالو رٿيم. سنڌي ڪاميٽيءَ جي ٻين مترن (دوستن) پنيرائي نه ڪئي. ٿيون پيرو هري "دلگير" جو نالو موڪليوسين. نيمن جي ارچڻ (مشڪلات) ڪري بورڊ تائين وڃي نه سگهيو. ڇي: جن ٽن ڄڻن جي ڪاميٽي، جن جون اڙدو يا ڪشميري يا پنجابي ماتر ڀاشائون (مادري ٻوليون) آهن، پر منجهن هڪ سنڌي ڀاشائي ماهر آهي، اها ڪاميٽي جڏهن "دلگير" جو ڪتاب هند جي ٻولين جي اوچ ڪوٽيءَ جي ڪتابن جهڙو لائق سمجهندي، ته پوءِ هنديءَ ۾ انواد (ترجمو) ڪرائي، ڪيندري بورڊ اڳيان سوال جواب ڪرڻ بعد ئي ڪو فيصلو ڪري سگهبو، نه ته نه. هڪ گجراتي ودوان جو نالو ڏنوسين، جو سنڌيءَ جو ماهر هو. قبول نه پيو.

## فلمون ۽ ٽي وي:

سنڌي ڀاشا کي، فلمن ۽ ٽي. وي پروگرامن ۾ پڻ وجهه مليو آهي.

اهڙيءَ طرح ٻيا فائدا پڻ ملندا رهندا.

## سنڌي جاتيءَ جو فرض:

سنڌي ڀاشا جي ڀارتي وڌان (آئين) ۾ تسليميءَ جي پاڙ پڪي ٿي ويئي آهي. پر سنڌي جاتيءَ جي هر فرد جو، اهو فرض ۽ جاتي ڌرم آهي ته ان ٻوٽي کي پاڻي ڏيندا اچن. جيڪو سنڌي ڪٽنب، گهر ۾، سنڌي ڀاشا کي جاءِ نٿو ڏئي، سو پنهنجي جاتيءَ جو ويري ڇئبو. هو گهٽگهرو ڪيئن ڇئبو؟ پنهنجي ڀاشا کي پاڻ خنجر نه هڻون. جيڪو سنڌي، پنهنجي ڀاشا کي ٻين ڀاشائن کان گهٽ سمجهي، سنڌي ڳالهائيندي لڄي ٿو ٿئي، اهو جاتيءَ (قوم) کي ڇيهو ٿو رسائي. جيترو اسين پنهنجي ٻوليءَ کي مان ڏينداسين، اوتروئي دنيا ڏيندي.



## سنڌي جاتيءَ کي اپيل:

مان هند جي سيني شهرن ۽ ڳوٺن ۾ رهندڙ سنڌين، پئنچاتن، سماجڪ ۽ تعليمي سنستائن ۽ سيني نوجوانن کي اپيل ڪندس ته جيڪي ڏهين اپريل تي سنڌي ٻولي تسليميءَ جا اتسو (ميڙاڪا) رٿيندا اچن، تن ۾ اوهين شامل ٿيو.

هند ۾ اسان جي جاتيءَ لاءِ اهو تمام اهميت وارو ڏينهن آهي.

(روزاني هندستان: 9 اپريل 1976ع)

# پراچين (قديم) سنڌ جو اتهاس: جين ڌرم جو ڦهلاءُ

سنڌ جي پراچين اتهاس جي پوري کوج تڏهن ٿي سگهندي ۽ سنڌين جي آڳاٽي سمي جي جيون تي سوجهرو تڏهن ئي پوندو، جڏهن سنڌ جي هڪ سؤ کان بہ وڌيڪ ڊهيل شهرن جي کوٽائي ٿيندي ۽ قابل ڄاڻو انهن کنڊرن جو اڀياس ڪندا. پر اهو جڏهن ڪہ ٿئي. حال تہ اڳ جون حقيقتون جتان بہ هٿ اچن ٿيون، اتان ڪڍي عام اڳيان رکڻيون پون ٿيون تہ جيئن سندن چڪاس ٿي سگهي.

سنڌ سنتن فقيرن جو ملڪ پئي رهيو آهي. 13 صديءَ کان 20 صديءَ تائين ان جا چٽا آثار ملن ٿا. پر سنڌ جو ڌرمي اتهاس ان کان گهڻو پراڻو آهي. سک پنٿ، ويدانت، صوفي طريقي، سناتن ڌرم، ٻڌ ڌرم سڀني پنهنجو پنهنجو اثر سنڌين جي زندگيءَ ۽ سڀيتا تي وڌو آهي. موهن جي دڙي جي کنڊرن جي کوج اهو ثابت ڪيو آهي تہ اڄ کان ساڍا چار هزار ورهيہ اڳ سنڌ ۾ ويدڪ ڌرم جو پرڀاءُ (چلتو) هو ۽ رگ ويد جي منترن پٽاندڙ پوڄائون ٿينديون هيون. ڏسجي ٿو تہ هر زماني ۾ سنڌين ڪي نہ ڪي مهاپرش (عظيم ماڻهو) پيدا ڪيا، جن عام جي جيون تي گهرو اثر وڌو آهي.

موهن جي دڙي ۽ ٻڌ ڌرم جي زمانن جي وچ وارن 18 سؤ سالن جو اتهاس اڃا پوري اڀياس هيٺ ڪين آيو آهي. هتان هتان اتهاس جا ذرڙا پيا نظر چڙهن، جن کي گڏي سوڌي ڪي وزنائتا انومان شايد ڪڍي بہ سگهجن. پوري کوج اڃا وقت لهڻي.

هند ۾ گوتم ٻڌ جي ڌرمي لهر کان اڳ جين ڌرم جو ڦهلاءُ ٿيل هو. جين ڌرم، جين سڀيتا، جيني ساهت، جيني ساهت جي ٻولي، انهن سڀني وشين (موضوعن) تي اڄ اونهي کوج چالو آهي. جئني واپارين، مندرن بدران، انهيءَ کوج لاءِ لکها روپيا دان ڪيا آهن. سوين پراڻا پستڪ ڇپجي تيار ٿيا آهن. ڪيترائي ماهر پگهار تي رکي هنن پنهنجي سڀيتا کي نئون جيون ڏنو آهي. سندن کوج



سنڌين لاءِ بہ ڪي انوکيون ڳالهيون ظاهر ڪيون آهن، جن ڏانهن سنڌ جي ڄاڻن جو ڌيان ڇڪجڻ جڳائي.

جِيئن ڌرم جا ڪل 24 تير ٽَنڪار يا ڌرم نيتا (مذهبي اڳواڻ) ٿي گذريا آهن، جن مان پويون هو مهاوير، جو گوتم ٻڌ جي زماني جو هو. انهن 24 ڌرم نيتائن (مذهبي اڳواڻن) جا هيٺيان نالا آهن:

(1) رشڀ ناٿ، جنهن کي آدي ناٿ، يگريش، رشڀ ديو، آديشور ۽ ٻين نالن سان بہ سڏين ٿا. هيءُ اِڪشو اکو ڪُل (نسل) جو هو ۽ ناڀيءَ جو پٽ هو.

(2) اجيت ناٿ. هيءُ اَيوڌيا ۾ ڄائو.

(3) شامڀوَ. هن ساونت ۾ جنم ورتو هو.

(4) اَڀينندن. هيءُ اَيوڌيا جو هو.

(5) سُمَتِي. هيءُ بہ اَيوڌيا ۾ ڄائو.

(6) پدم پرڀا. هيءُ ڪوَسَمبي ۾ ڄائو.

(7) سُپر شوَ. هيءُ بنارس جو هو.

(8) چندر پرڀا. هن چندرپور ۾ جنم ورتو.

(9) پشپَدَنت. هيءُ ڪڪيندر پُريءَ جو هو.

(10) سيتل. هن ڀدَلپور ۾ جنم ورتو.

(11) شري اَنشانات، جنهن کي شري اَنش بہ ڪوٺين. سنڌ سندس جنم ڀومي هئي.

(12) واسو پُوجيہ، جنهن کي واسو پاديہ بہ چون. هن چمپاپريءَ ۾ جنم ورتو.

(13) وِمل. ڪمپالپري ۾ ڄائو.

(14) اَننت، يا اَننت جيت. ايوڌ يا سندس جنم ڀومي هئي.

(15) ڌرم. رتناپريءَ جو هو.

(16) شانتي. هستناپور ۾ ڄائو.

(17) ڪنٿوُ. هيءُ بہ هستناپور جو هو.

(18) ارا. هيءُ بہ هستناپور ۾ ڄائو.

(19) مَلِي. هيءُ مٿِلا (بهار) جو هو.

(20) مُني سُورتَ. راجگڙهہ (بهار) جو هو.

(21) نمِي. مٿِلا (بهار) ۾ ڄائو.

(22) نيمي. ڪاٺياواڙ جو هو.

(23) پارسؤنات.

(24) ورڌمان ـ جو مهاوير جي نالي مشهور آهي. هيءُ چترڪوٽ ۾ ڄائو. هن جو ديهانت اٽڪل روءِ عيسوي سن کان 536 ورهيہ اڳ ٿيو.

هنن 24 ڌرم نيتائن (مذهبي اڳواڻن) ۾ جيڪو يارهون نمبر آهي، ان ڏانهن سنڌين جو ڌيان وڃڻ گهرجي. جين پستڪن جو اونهو اڀياس ٿيڻ گهرجي. سندس نسبت جيڪي بہ لکيل آهي، ان تي وڌيڪ کوج، چڪاس هئڻ گهرجي. ڪي نہ ڪي حقيقتون انهيءَ ڇنڊڇاڻ مان اسان کي ملي سگهن ٿيون، جي سنڌين جي پراڻي اتهاس جا ڪي خال شايد پريندئون. ڪن پستڪن مان پتو ٿو پوي تہ اَنشانات ڪتري هو ۽ سري رامچندر واري ساڳي اڪشو اڪو ڪُلَ (نسل) مان هو. سندس پتا (پيءُ) جو نالو وشڻُ (وشنو) ماتا (ماءُ)جو نالو وشڻَ (وشني) هو. شڪل ۾ سون رنگو هو. سندس جهنڊي تي گينڊي جي شڪلَ هوندَي هئي. سندس ديهانت (وفات) سنڌ کان گهڻو پري اوله بينگال ۾ سَميت شِکَر (پهاڙ جي چوٽيءَ) تي ٿيو، جتي ڪيترائي جيني ڌرم نيتا (مذهبي اڳواڻ) پڇاڙيءَ جو مها اُپواس (وڏو روزو) رکي سنسار مان پڌاريا هئا.

ڏسجي ٿو تہ اَنشانات، سنڌ جو وڏو مهاپرش (عظيم ماڻهو) هو، جنهن سڄي ڀارت ۾ جين ڌرم جي پوئلڳن جي اڳواڻي ڪئي ۽ ڪيس پنهنجي زماني ۾ اُهوئي پد (مرتبو) حاصل هو، جو مهاوير کي پنهنجي سمي (دؤر) ۾ هو. انشانات جو ڪهڙو زمانو هو؟ ڪن ڄاڻن جو ليکو آهي تہ رشڀ ديو عيسوي سن



کان اٽڪل 2200 يا 2400 ورهيہ اڳ جو آهي ۽ جيئن ئي موهن جي دڙي جو سمو پورو ٿيو، تيئن ئي جين ڌرمَ جي شروعات ٿي. جي اهو رايو پروسي جهڙو آهي تہ پوءِ انشانات عيسوي سن کان اٽڪل 1500 ورهيہ اڳ جو چئبو. ڪيس اڄ اٽڪل ساڍا ٽي هزار سال ٿيا. سندس رهڻيءَ ڪهڻيءَ جو سنڌين جي جيون (زندگي) تي بہ گهاٽو اثر ٿيو هوندو. پر سنڌ جو اهو پراچين (قديم) چِٽُ اڃا تہ چٽجي نہ سگهيو آهي. اهو انوکو درشن پردي اندر ڍڪيل آهي. جڏهِنڪ پردو چيرجي. پر جيڪا بہ جهڪي جهلڪ اکين تائين رسي ٿي، سا وڌيڪ کوج لاءِ اُتساهہ جاڳائي ٿي.

# سنڌين جو آڳاٽو اتهاس:اُلهندي سؤراشٽر ۾ راڄ

سنڌين جي اتهاس ۾ ڪيترائي خال آهن. جن کي پرڻ جي گهڻي گهرج آهي. موهن جي دڙي جي زماني کان وٺي سڪندر جي ڪاهه تائين وڏو شاهي خال آهي. شَڪن جي راڄ کان وٺي راءِ گهراڻي تائين ٻيو خال آهي. عربن جي فتح کان پوءِ سمن جي راڄ تائين عربي گورنرن ۽ سومرن جي راجائن جا رڳو ڪي نالا ملن ٿا ۽ سندن بلڪل جزوي حقيقتون. اهي خال ڪيئن به محنت ڪري پرڻ گهرجن. ڪنهن به جاتيءَ جو آئيندو چمڪندڙ نه ٿيندو. جي ان جي سنتان (اولاد) کي پنهنجي آڳاٽي اتهاس جي پوري ڄاڻ نه هوندي ۽ ان تي فخر نه وٺي سگهندو. سنڌي جاتيءَ جي اُنتيءَ (مستقبل) لاءِ اهو ضروري آهي ته اهڙي ڄاڻ اسين پرايون ۽ جي جڳائي ته پوءِ فخر وٺون. ان لاءِ اڻٿڪ کوجنا جي ضرورت آهي.

**نوان راڄ قائم:**

جڏهن 712ع ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي ۽ سنڌ جا راجا عربن جي فوجي انتظام ۽ نَوَن جنگي هٿيارن جي سامهون بيهي نه سگهيا، تڏهن سنڌ جي ڪن ڪِتري جاتين وڃي نوان ملڪ وسايا. انهن ملڪن ۾ هو شان مان سان رهندا آيا ۽ نيٺ اتي اُسري، نئين سر راڄ قائم ڪري، پنهنجي اتهاس جو سلسلو جاري رکيائون. انهيءَ اتهاس تي سنڌ جون تاريخون ڪا به روشني ڪونه ٿيون وجهن. پر ڪُجهه سوجهرو پروارن ڏيهن جي اتهاس مان ملي ٿو.

ڪاٺياواڙ (سؤراشٽر) جي الهندي ڀاڱي ۾ پوربندر کان 25 ميل اتر اوڀر ڏي هڪ پراڻو شهر، گهملي، نالي آهي. ان جو اصلوڪو نالو ڀُوتامبلڪا، جنهن مان ڦري ٿيو ڀوملڪا ۽ ان مان ٿيو ڀؤنيلي ۽ پوءِ گهملي. اَمبلڪا آهي ديوي ماتا جو ٻيو نالو. ڀوتامبلڪا جي کنڊرن مان سمجهجي ٿو ته ان نگريءَ جون پکيون جايون هڪ ميل ڊيگهه ۽ اڌ ميل ويڪر جي پکيڙ ۾ نهيل هيون.



اٽڪل 15 هزارن کان وڌيڪ آدم رهندو هوندو.

**مهاراجا پشيديوَ:**

انهيءَ گهملي راڄ جي کنڊرن مان ڇهه ٽامي جا پترا لڌا ويا آهن. اهي پونءِ دان جا پترا آهن. وقت جي راجائن ڪن برهمڻن کي زمين ۽ زمين مان اُپت دان ڪئي هئي. انهن پترن تي راجا جو نالو، ۽ سندس وڏن جا نالا، برهمڻ جو نالو ۽ پتري تي سڄو بيان لکندڙ جو نالو_ اهو سڀ ڄاڻايل آهي. لکت سنسڪرت ۾ آهي. انهن پترن ۾ لکيل آهي ته دان ڪندڙ راجا "سئِنڌَوَ" (يعني "سنڌ جي") ڪُل جا آهن ۽ جئدرٿ جي نسل مان آهن ۽ سندن راڄ پرمپرا (روايت)، وچ ۾ ڪنهن به پِنگ (وٿيءَ) بنا، جئدرٿ جي ڏينهن کان پئي هلندو آيو آهي. گهملي جي جنهن "سئِنڌَوَ" راجا جو اول ورنن (ذڪر) ڪيل آهي تنهن جو نالو لکيل آهي. پُشيديوَ (Pushyadeva). هن جو راڄ 734ع کان 754ع تائين هليو. ڪن تاريخدانن جو رايو آهي ته عربن جي 712ع واري ڪاهه کان پوءِ انهيءَ راجائي ڪل وارا سنڌ ڇڏي اچي سؤراشٽر جي اُلهندي ڀاڱي ۾ رهيا. شايد سمنڊ رستي اچي، ڪناري کان 25 ڪن ميل اندر گهڙي بَرڊا ٽڪرين جي وچ ۾ نيٺ گهملي شهر وسايائون.

**ڏهه سنڌي راجائون:**

اُتي 734ع کان 920ع تائين، گهٽ ۾ گهٽ، اٽڪل 200 ورهين تائين سندن راڄ جي پڪي ثابتي انهن پترن مان ملي ٿي. سندن ڪل جي مکيه شاخ مان ان عرصي اندر ڏهه راجائون ٿيا، جن جا نالا ۽ تخميني طور راڄ جا سال هيٺ ڏجن ٿا:

**اَهيورمن**

(Ahivarman)

| | | |
|---|---|---|
| (1) | پشيديوَ | (734_ 754ع) |
| (2) | ڪرشن راڄ (1) | (754_ 774ع) |
| (3) | اَگڪَ ديوَ (1) | (774_ 794ع) |
| (4) | راڻڪ ديوَ | (794_ 814ع) |
| (5) | ڪرشن راڄ (2) | (814_ 824ع) |
| (6) | اَگڪَ ديوَ (2) | (824_ 834ع) |

| | | |
|---|---|---|
| (7) | جائڪ ديوَ (ڇهين نمبر جو چاچو) | (834_ 849 ع) |
| (8) | چامونڊ راڄ | (849_ 874 ع) |
| (9) | اَگَڪ ديوَ (3) | (874_ 899 ع) |
| (10) | جائڪ ديوَ (2) | (899 _919 ع) |

**اَهيورمن**، شايد سنڌ ۾ ئي راڄ ڪيو ۽ سندس پٽ **پشيدَيوَ** سؤراشٽر ۾ پهريون سنڌي راجا ٿو پانئجي. اَهيورمن عربن سان لڙندي مارجي ويو. يا پشيديوَ سنڌ ۾ ئي ڪجهه وقت راڄ ڪيو ۽ هن ئي عربن سان جنگ جوتي، تنهن جو پتو ڪونہ ٿو پوي.

**جئدرٿ ڪان وٺي لڳاتار راڄ:**

هنن ڇهن پونءِ دان جي پترن ۾ جو ڄاڻايل آهي تہ سؤراشٽر ۾ سنڌي راجائن جي، ائين صديءَ ۾، ستنتر راجائي (آزاد حڪومت) قائم هئي، ان جي تصديق سوراشٽر جي اتهاس مان بہ ملي ٿي. سؤراشٽر جي ڏکڻ ۾ جيڪو وَلا، يعني پراڻي **وَلِيي**، جو مشهور شهر آهي، ان مان هڪ مهر لڌي ويئي آهي، جنهن تي هي اکر اُڪريل آهن:

''आ जयद्रथाद् - अव्यवच्छिन्ना - राज - वंशस्य श्रीर...म महाराज अहीवरमण : - शूनो[र] - महाराजा महा[सेना]पती - पुष्येण [स्य]''

يعني "آجيَد رَٿاد_ اَويَوَڇِنا_ راڄ وَنشَسيہ_ شريَر..... مهاراڄ اَهيو رمڻ شُونور.... مهاراجا مها سيناپتي_ پَشيِيڻسَيہ"

جيڪي اکر چؤرس ليڪن ۾ ڏنل آهن، سي اصل ڊنل آهن. مٿين لکت مان ظاهر آهي تہ هيءَ مهر، جئدرٿ جي لڳاتار چالو راڄ ونش جي مهاراجا اَهيورمن جي پٽ مهاراجا سيناپتي پشيِيڻ جي آهي. گهملي مان لڌل پتري ۾ ڄاڻايل پُشيديوَ ۽ وَلِيي مان لڌل مهر ۾ ڄاڻايل پشيِيڻ ساڳيو ئي ماڻهو آهي. سنسڪرت ۾ "اِڻَ" ۽ "ديوَ" ٻنهي اکرن جي معنيٰ آهي راجا يا ڏڻي. پُشيہ ديوَ وڏو سيناپتي (سپہ سالار) بہ هو ۽ پوءِ راجا بہ ٿيو. ڪن پونءِ دان پترن ۾ پشيديوَ کي جئدرٿ ونش جو "ڳهڻو" ڪري بيان ڪيو اٿن.



گهملي جي سنڌي راجائن جو سؤراشٽر جي اولهہ سمنڊ تي چڱو اثر هو ۽ ان پاسي ساموندي لڙاين ۾ پڙ هئا. سندن جهنڊي تي مانگر مڇ جي شڪل هئي (Makardhvaja). مهاڀارت جي يڌ (جنگ) ۾ جئدرٿ جي جهنڊي تي "وَراهہ"، جهنگلي سوئر جي شڪل هئي. ڏسجي ٿو تہ زماني جي پوئين دؤر ۾ سندس ونش جا راجا سنڌ جي ساموندي علائقي ۾ اچي رهيا ۽ سمنڊ سان واسطو رکندي هنن پنهنجي جهنڊي جو نشان ڦيري "مڪر" (مانگر مڇ) جو ڪيو. سنڌونديءَ جي ڇوڙ واري هنڌ ۽ سمنڊ جي ڪناري ويجهو مانگر مڇ گهڻا ٿيندا آهن.

**زبردست ساموندي طاقت:**

جيتوڻيڪ سنڌ ڇڏي آيا هئا، تڏهن بہ هنن سنڌي راجائن جي عربن سان ويڙهہ چالو رهي، جو سنڌ ڪان پوءِ عربن گجرات ۽ سؤراشٽر تي ڪاهون ڪيون. پر اتي هي جئدرٿ ونشي سنڌي راجا چڱو لڙيا ۽ سوڀ پاتائون. اٽڪل 760 ع ڌاري سنڌ جي عرب حاڪم هشام ٻيڙن ۾ لشڪر چاڙهي اَمرو بن جمال جي مهنداريءَ هيٺ سمنڊ رستي موڪليو تہ **بردا** تي وڃي ڪاهہ ڪريوَ. پر هو گهملي کي فتح نہ ڪري سگهيا ۽ سنڌي ويڙهاڪن ڪان هار کائي موٽيا. وري ويهن سالن پڇاڙان بي ڪاهہ ڪيائون. مسلم تاريخ نويسن موجب عرب فوج **بردا** تي قبضو ڪيو، پر هڪ اوچتي بيماريءَ وگهي ذري گهٽ عربن جي ساري فوج ناس ٿي ويئي ۽ جيڪي بچيا، سي وري سمنڊ هينان ڳجهن پهاڙن تي لڳڻ ڪري جهازن ٽٽڻ تي ٻڏي مُئا. عربن جي دلين تي ٻنهي واقعن اهڙو ڌپ وهاريو، جو هنن وري بردا ۽ گهملي تي چڙهائي ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏيو. ٻيا تاريخ نويس لکن ٿا تہ سچ پچ بيماريءَ وگهي عرب موٽ کائي ويا، يا سنڌي لشڪر جي بهادريءَ ڪين هٽايو، سو چئي نٿو سگهجي. سنڌي، سمنڊ تي لڙڻ ۾ مشهور هئا ۽ گهڻن پونءِ دان پترن ۾ ائين چيل آهي تہ گهمليءَ جا راجائون سمنڊ جا ڌڻي هئا.

''अपर समुद्रअधिपती''

يعني "اَپَر سَمُدرَ اَڌِپتي". عربي اتهاسڪارن (تاريخدانن) بہ قبول ڪيو آهي تہ

سؤراشٽر جي ڪناري جي قومن جو سمنڊ تي گهڻو ڌاڪو ڄميل هو. سمنڊ جي طاقت هٿ ۾ رکي گهملي جي سنڌي راجائن گهڻي دوانديشي ڏيکاري، هو گجرات ۽ هندستان جي پرواري علائقي جو بچاءُ ڪيو ويندا هئا.

هي جٿدرٿ ونشي سنڌي راجا، جي سمنڊ تي بهادر ويڙهاڪ هئا ته سڪيءَ تي به سندن دليريءَ جون ثابتيون ملن ٿيون. سندن ڏهن راجائن مان لڳاتار ڇئن راجائن جي پروارن راجائن سان چڪري چالو هئي. **وَڊوان** ۽ **اٿهلپاٽڻ** جي حاڪمن سان سندن يڌ (جنگ) جاري رهي.

**گهُملي** جي راجڌانيءَ مان هن سنڌي گهراڻي جو راج سڄي اُلهندي سؤراشٽر تي هلندو هو. ڪن پترن ۾ سندن راجائن لاءِ لکيل آهي:

“अपर सुराष्ट्र मन्डल मण्डन”

”يعني اَپَرَ سُراشٽر مَنڊَل مَنڊَنَ“

پترن ۾ جيڪي دان ڪيل زمينون ڏيکاريل آهن. سي سڀ اُلهندي سؤراشٽر ۾ آهن. سو جيتوڻيڪ سندن هٿ ۾ سؤراشٽر جو رڳو ٿورو ڀاڱو هو ته به سندن ڌاڪو ۽ اثر گهڻو پکڙيل هو. بهادر جاتي ڪري ليکبا هئا. خاص ڪري سمنڊ جي لڙائيءَ ۾ نالو ڇڙهيل هون.

**پترن جي ٻولي ۽ لپي:**

ڇهه ئي پترا سنسڪرت ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. آڳاٽي ديوناگري لپي ڪم آندل آهي. راجا **آڳڪ ديوَ ٻئي** (824– 834ع) جي دان پتر جي ٻولي ڏاڍي سندر آهي. لکنڌڙ تجنيس ڪان گهڻو ڪم ورتو آهي. شايد اهو رواج سنڌي ساهتڪارن ۾ عام هو. نَوَ صديون پوءِ شاهه عبداللطيف به انهيءَ فن ۾ بي نظير هو. ڪيترائي ٻتا اڪر انهيءَ پتريءَ ۾ ڪم آندل آهن. تشبيهن ۽ استعارن (similes & metaphors) سان ڀريل آهي. لکڻي اهڙي مني آهي، جو نثر ۾ هوندي به نظم جو مزو پيو اچي. سيئي پترا سني ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. سندن لکنڌڙ سنسڪرت جا قابل ڄاڻو ٿي ڏنا. ان مان سمجهجي ٿو ته انهن سنڌي



راجائن پنهنجي درٻار ۾ هوشيار ماڻهن جو قدر ٿي ڪيو. مشهور ڪوي سندن نوڪريءَ ۾ هئا.

**ڀومي دان جون حقيقتون:**

پهريون پترو شڪ جاتيءَ جي هڪ ڪَويءَ **ڪپل**، وڪٽَ جي پٽ جو لکيل آهي. سنڌ پنجاب تي شڪ قوم جو ٽي صديون راج رَهيو. ڪيترا شَڪ سنڌ پنجاب جي مڪاني سماج ۾ جذب ٿي ويا هئا. جنهن ماڻهوءَ کي ان پتري جي زمين دان ڪيل هئي، سو هو **سوميشور** (سومنات) ڪان آيل هڪ رگ ويدي برهمڻ. نالو هوس **ماڌوَ**. پتا (پيءُ) جو نالو هوس **ڪلياڻ**. گوتر (نُک) هئس **سانڪرتيه**. اُتراڻ جي موقعي تي ڪيس زمين دان ڪيل هئي.

ٻئي پتري جو لکنڌڙ به ساڳيو سنسڪرت ڪوي **ڪپل** هو. زمين ڏنل هئي، هڪ سام ويدي برهمڻ کي. نالو هوس **ڀٽَ سواميڪ**. پتا جو نالو **ڪلچندر**، **گوتر وَتس**. وراهه مهر (عيسوي سن جي 5 صديءَ) جي لکيل مشهور پستڪ (ڪتاب) **”برهت سنهتَا“** ۾ ڄاڻايل آهي ته ديس تان آپدا ٽارڻ لاءِ ۽ سڪار آڻڻ لاءِ ”پشيسنان“ جو ڪريا ڪرم ڪرڻ گهرجي. مٿئين برهمڻ کي انهيءَ موقعي تي زمين ڏني ويئي هئي.

ٽيون پترو اڻپورو هٿ آيو آهي. ان ۾ جنهن هنڌ تي لکنڌڙ ۽ دان وٺندڙ جا نالا هئڻ کپن، سي موجود ڪونهن.

چوٿون پترو هڪ ڪويءَ جو لکيل آهي، جنهن جو نالو هو **وَڪل**. سندس پتا جو نالو هو **ونڪ**.

پنجين پتريَ جي سنسڪرت ٻولي تمام سينگاريل آهي. لکنڌڙ هو **ماڌوَ** جو پٽ **جهوجها**. تشبيهن ۽ استعارن جا نوان نمونا وڌا اٿس. ٻن يجر ويدي برهمڻن– **گهيشوَر** جي پُٽن– **رُدرَ** ۽ **ساگر** کي زمين دانَ ڪيل هئي. مڪاني برهمڻن واسطي ڪنهن پاٺشالا يا مندر لاءِ ڏنل هئي.

ڇهين پتري ۾ ڄاڻايل زمين ڏنل هئي **”ساهي جَناردَن ۽ ٻين“** کي. پتري موجب **ڇمپڪَ** ڳوٺ جي پيدائش هڪ ”نَنا مَنڪا“ واسطي خرچ ٿيڻي هئي. ننا هڪ واپاريءَ جو نالو هو، جنهن هڪ ”مَٺُ“ (مَڙهي، خانقاهه) کوليو هو.

پاڻ راجستان جي پراڻي راڄڌاني **پينمال** شهر جو هو. پر مَٿُ **گهملي** راڄ اندر كوليو هئائين. مٿ سان گڏ پانشالا به عام ريت كولي ويندي هئي. پيدائش جي چوٿين پتي وديارٿين (شاگردن) لاءِ ۽ ٿي پتيون مٿ جي خرچ لاءِ هيون.

**سنڌي راڄ جي پرتا (جوڙجڪ):**

اولهه سؤراشٽر جي سنڌي راجائن وٽ يا سنڌ ۾ سندن وڏن وٽ ڪهڙي راڄ پرتا (جوڙجڪ) هئي ۽ ڪهڙي انتظام سان ڪاروبار جي ورهاست ڪيل هئي، سو پهرئين پتري مان ظاهر آهي. انهيءَ باري ۾ راڄ جي انهن ڪاروبارين ڏي اشارو ڪيل آهي، جن کي فهمايش ڪيل هئي ته جيڪو حڪم راجا زمين جي باري ۾ ڪيو آهي، ان جي پوري مجتا ۽ تعميل ڪئي وڃي. هيٺين ڪاروبارين جو ورنن (ذڪر) ڪيل آهي:

(1) منتري (2) پروهت (3) اَماتيه (4) جَنپَدَ (5) يوَراج (6) راجستانيه (7) پرماتري (8) بلاڌڪرت (9) اُپرڪ (10) وشيپَتي (11) شؤلڪِڪَ (12) دُساڌَ_ ساڌنڪ (13) چوروڌَرَٽڪَ (14) وَئڪشاپڪ (15) چارَ (16) ڀٽُ.

"اَماتيه" معنيٰ راجا جو ساٿي يا صلاحڪار. "جنپد" جنتا جي سيا کي به چوندا آهن. انهن ڏينهن ۾ شايد هڪ اهڙي سيا هئي، جنهن کان راجا رايو وٺندو هو. "راجستانيه" معنيٰ راجا جو عيوضيءَ جڻ "وائسراءِ". "بلا ڌڪرت" سيناپتيءَ (سپه سالار) کي چوندا هئا. هڪ پتري ۾ "سيناپتي" اکر ڪم آندو ويو آهي. ٻئي ۾ ديشاڌ پتي نالو ڏنل آهي. "اُپرڪ" هو مئجسٽريٽ. وشيه ضلعي کي چوندا هئا. **"وشيپتي"** ٿيو ضلعي جو حاڪم. "چورو ڌَرَٽڪَ" اهي ڪاروباري هئا، جن جو ڪم هو چورن کي گرفتار ڪرڻ. "دسا ڌَ سا ڌَنڪَ" اهي عملدار هئا، جن تي بوجو هو ته وڏن ڌاڙيلن ۽ خوفناڪ ڏوهين کي هٿ ڪري سزا ڏيارين. ڪن پترن ۾ ٿورن ڪرمچارين جا نالا آهن. شايد سيني راجائن جي راڄ ۾ ساڳيوئي دٻدٻو ۽ انتظام نه هو.

**سنڌي راڄ ۾ ڏلون:**

راڄ جي ڳوڻن جي پيدائش بابت لکندي هڪ دان پتري ۾ ڏلن سان لاڳاپو رکندڙ ڪيترا اکر ڪم آندا ويا آهن. جن مان راڄ جي ڏلن جي پرتا جي به



ڪجهه ڄاڻ ملي ٿي. اهي هي اکر آهن

(1) "وَئٽنڪي" (2) "چنگولا" (3) "ڀاگ ڀاگ ڪَر" (4) "ڌَتَ پراڌ دنڊ" (پوين ٻن قسمن جي ڏلن جو ورنن (ذڪر) گهڻو ڪري سيني ڀومي دان پترن ۾ اچي ٿو). (5) "داني" (آڳاٽي گجراتي ٻوليءَ ۾ به ملڪ جي حد تي "ڪسٽمس" ڏل اُڳاڙيندڙ کي "دانِي" (customs officer) چوندا هئا). (6) "سَروَ_ پاٽ_ آپياگام_ دانيہ" (هن جو مطلب شايد هو اَڪَٽَ جي ڏل) (7) "پوترا" (پوتر معنيٰ ٻيڙين رستي جيڪو مال ايندو هو. ان تي ڏل). (8) "مارَگڪ" (رستي تي گم ٿيل شين جي واپس ملڻ تي ڏل يا شايد رستي تي ئي ورتل مال تي ڏل). ڏسجي ٿو ته ڏلون، مکيه ريت، زمين ۽ واپار تي هيون.

**سنڌ اندر راڄ جي جهلڪ:**

جيڪي سڀ مٿي ڄاڻايو ويو آهي، تنهن مان اسان کي اولهه سؤراشٽر ۾ اوائلي سنڌي راجائن جي ۽ سندن راڄ جي انتظام جي ڪجهه خبر پوي ٿي. نه رڳو ايترو پر جيڪڏهن هي جئدرٿ ونشي راجائن جو گهراڻو تازو سنڌ مان لڏي آيو هو ته پوءِ جيڪو راڄ جو نمونو سنڌ ۾ چالو هو، اُهوئي سؤراشٽر ۾ جاري ڪيو هونداءُن. اهو سڀاويڪ آهي. جي اهو انومان صحيح آهي ته پوءِ چئي سگهجي ٿو ته عربن جي اچڻ کان اڳ سنڌ جي ڪن راجائن جو راڄ ڪهڙي نموني هلندو هو. ان جي سڌ اسان کي هنن ڇهن دان پترن مان ملي ٿي. هيل تائين علي ڪوفيءَ جو 1216ع ۾ لکيل "چچنامو"، اسان جي لاءِ هڪ ئي ڪتاب هو، جنهن مان عربن کان اڳ جي هندو راجائن جي ۽ سندن راڄ جي ڄاڻ ٿي ملي. پر ان مان وڌيڪ جنگين جو پتو ٿي پيو، ۽ نه سندن راڄ پرتا (راڄداريءَ) جو. اها راڄ جي جوڙجڪ ڪهڙي هئي، ان جي هاڻي، ڏسجي ٿو ته اسان کي ٿوري جهلڪ ملي آهي.

**اتهاسڪ نتيجا:**

اسين هيٺين نتيجن تي هاڻي اچي سگهون ٿا:

(1) جئدرٿ جي گهراڻي جو راڄ پرم پرا سنڌ ۾ مهاڀارت جي زماني کان

وڃي 712ع تائين تہ رهيو. شايد پڇاڙيءَ جي زماني ۾ سنڌ جي ڏاکڻي پاڱي ۾ سمنڊ جي پير ۾ ئي رهيو.

(2) سنڌ ۾ راڄ وڃائڻ بعد ستت ئي (ويهن کن سالن اندر) ان گهراڻي جي سنڌي راجائن سؤراشٽر ۾ اچي پنهنجو نئون راڄ قائم ڪيو ٿو ڏسجي.

(3) عربن سان ڪيتري مدت تائين سندن لڙايون پئي لڳيون، پر عرب مٿن ڪابہ پڪيءَ ريت سوڀ پائي نہ سگهيا. پاڻ ڪن موقعن تي عربن هار کاڌي.

(4) هيءُ سنڌي راڄ هڪ زبردست سامونڊي طاقت ڪري ليکيو ويندو هو.

(5) سندن دربار ۾ هوشيار پنڊت ۽ سنسڪرت جا ڪوي ۽ ٻيا ڄاڻو رهندا هئا.

(6) ڪن سرڪاري ڪمن ۾، جيئن تہ پومي دان جي لکتن ۾، سنسڪرت ٻوليءَ جو واهپو هو. تنهن ڪري اهي لکتون آڳاٽي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيون ويندي يون هيون.

(7) سنڌ جي راجائن جي راڄ جي پرٽا (جوڙجڪ) چڱي نيم پٽاندڙ ٿي ڏني ۽ راڄ جي ڌار ڌار ڪمن لاءِ نرالا کاتا ۽ ڪرمچاري (ڪارڪن) هئا.

(8) ڊلون اڪثر ريت زمين ۽ واپار تي هيون.

## 1947ع تائين جٺدرت گهراڻي جو راڄ؟

مٿئين جٺدرت جي نسل وارن سنڌي راجائن جي پرم پرا راجائي، ڪڏهن زور ڪڏهن ضعيف، شايد هندستان جي آزاديءَ جي زماني (1947ع) تائين چالو هئي! پوربندر جا راڻا، ڪن اتهاسڪارن (تاريخدانن) جي راءِ موجب، انهيءَ ئي "سئنڌو" گهراڻي جا آهن. پوربندر جي راڻن جي، پَٽَن جي ڪوتائن ۾ سندن گهراڻي جي لڳاتار 178 راجائن جا نالا آهن، جن جون ڌار ڌار وقتن تي نراليون راڄڌانيون هيون. ڊاڪٽر آلتيڪر رايو ڏنو آهي تہ پوربندر جي راڻن جي، گهراڻي جو نالو "جيٺوا" يا "ڄيٺوا" جٺدرت اکر مان ئي ڦري ٺهيو آهي. سنسڪرت جا اکر جن نيمن پٽاندڙ ڦري پراڪرت روپ وٺندا آهن، انهن نيمن موجب "جٺدرت" ڦري ٿيندو "جٺرت" ۽ پوءِ "جٺٺ" ۽ ان مان "جيٺ يا ڄيٺ"، ۽ چاڪاڻ تہ سڄي جاتيءَ ڏي اشارو آهي، ان ڪري "جيٺ" مان ٿيو آهي "جيٺوا". هن راءِ کي تصديق ان مان ٿي ملي، جو پوربندر جا راڻا، جيڪي "جيٺوا" گهراڻي جا آهن، تن جو اهوئي اتهاس آهي تہ سندن وڏا صدين کان گهُملي ۾ (جتي "سئنڌو" راڄ هو) اتي راڄ ڪندا هئا! (Epigraphia Indica Vol xxvi, 188)

هيءَ هڪ تمام دلچسپ حقيقت ٿي ڏسجي ۽ اونهي کوج جي لائق آهي ۽ ان بعد سنڌين جي اتهاس جو هڪ نئون باب ٺهي سگهي ٿو.

سنڌ تي عربن جي ڪاهہ کان پوءِ، ڪڇ ۽ سؤراشٽر جي ٻين بہ ڪيترن ئي پاڱن ۾ سنڌين جو راڄ ٿيو. اُهي سنڌي راجا سنڌ جي يادَوَ گهراڻي يعني سري ڪرشن جي جاتيءَ وارن جي نسل مان پيدا ٿيل سما گهراڻي جا هئا. اها ڪهاڻي نرالي آهي ۽ اميد تہ ٻين ليکن ۾ ڏني ويندي.

# سنڌين جو شان: ننگر، ممت، ڏُونگر

جڏهن علاءُ الدين خلجي دهليءَ جي تخت تي هو، تڏهن سنڌ تي سومرن جو راڄ هو.تيرهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري، ڀاءُ دودي تي دانهين ٿي، چنيسر دهليءَ چڙهي ويو. علاءُ الدين پنهنجي فوج سنڌ تي ڪاهه لاءِ موڪلي.

دودي سومري جي اڳواڻيءَ هيٺ لڙندي، سومرن سرَ ڏنا، پر آڻ نه مڃي. گهاٽي جي لٺ ڪٽي، ٻنهي پڇاڙين تي چار چار ترارون لوهيَ تارُن ۾ ٻڌي ڇڪي تاڻي، ڪرشن جي چڪر وانگر هٿ ۾ ڦيرائيندي ڦيرائيندي خلجين جا سوين سرَ ڪپي، علاءُ الدين جي سپاهين ۾ تاڪوڙو وجهي ڇڏيائين. نيٺ دشمن تيرَن سان جهنجهي، سسي وڍي ڇڏيس. اهڙي دم سان دودو حملو ڪندو تي ويو، جو سرُ ڪپجي ڌار ٿي ويس، پر سندس ڌڙُ رتَ وهائيندو ٻانهون هلائيندو اٺ ڏهه قدم اڳتي هلي پوءِ ئي ٻي وس ٿي زمين تي ڪِريو!

**وڄ جي دل:**

خلجين چيو ته جي دودي جي ڀيڻ ٻاڳِي/ٻاگهيءَ جي ٻانهن علاءُالدين لاءِ ڏيو ته اسين موٽي وڃون. دودي جو ننڍو ڀائٽيو ننگر اهو ٻڌي جلي ويو. اڃا مڇن جي ريکه به ڪانه آئي هيس. ڳڀرو جوان هو، پر وڄ جي دل هيس. چمڪاٽ ڏيندي اُٿي، چي، "ترار جي ڌار تان سومرن جي راجڪَماري ملندي! مُئي مارائي پوءِ ئي ڪو ڪيس هٿ لڳائي!" مياڻ مان سندس تلوار تڙقندي نڪتي. سيني کي للڪاري اُڀي ٿي بيٺي. تراروَن ڪريون ترارن تي، سرَ پٽن تي، ڌَڙَ ڌڙن تي. نيٺ اڪيلي کي ٽيهه ويڙهي ويا، ڇئني پاسي ترارون ئيَ ترارون. نه مُڙيو نه ٽهيو، نه هيسيو، نه ڪنبيو. چوگرد ڦري پنهنجيءَ ڏگهيءَ ڪَڙڳ (تلوار) سان ننگر ڏهن دشمنن جون سسيون ڌڙان ڌار ڪري ڇڏيون. پر اڳيان به پڪيءَ عمر جا جنگي جوڌا هئا. نيٺَ رتوڇاڻ ٿي پيو. هٿ زخمي، منهن زخمي، اکيون رت آليون. لڙي لڙي وري به لڙيو. جيسين ڦڙن ساهه پي ڪنيو. جڏهن ڪريو، تڏهن دشمن به هن جي سورهيائيءَ جي ساراهه مان نه پئي ڌاپيا.



**"سرُ مهانگو ڏيندس"!**

سومرن ٻاڳِيءَ/ٻاگهيءَ ۽ ٻين سومرين کي پنهنجي دوست ابڙي ڏانهن ڪڇ ۾ روانو ڪيو. ابڙي چوائي موڪليو هون ته سومريون مون وٽ موڪليو. سندن مٿان سرُ ڏيندس. ٻاڳِي/ٻاگهي ويئي آهي ابڙي جي ملڪ. اهو سُٽي علاءُ الدين جي لشَڪر ابڙي تي چڙهائي ڪئي. هوڏانهن ابڙي جي فوج وڏي آئي دشمن سان ٽڪر کائڻ. ابڙي جي ويڙهه ملڪان ملڪ مشهور آهي. قرباني به حد جي ڪيائين. ٻين جي ڏيئڻ، پيرن ۽ زالن لاءِ پاڻ سهسايائين. رڻ يوميءَ ۾ رتوڇاڻ ٿي، پرڻ پاڙي سر ڏنائين، پر سومرين جي ٻانهن نه ڏنائين. ڪانئس اول سندس جوانڙو پٽ ممت ترار ڦڙڪائي ڏوکي پيو دشمن جي وچ ۾. پندرهن ورهين جو نينگر هو، پر ڪيڏي نه سندس ڇاتي، جو هيئن ڪاهي پوي تيرن، ترارن ۽ ڀالن جي جهنگ ۾! ڪَٽيندو ويو، ڪَپيندو ويو سرَ هٿ ۽ ٻانهون، جيڪي به اڳيان آيا. پيءُ جو پرڻ پاڻ تي پاليائين. مَن ئي من ۾ چيائين، "سائين، مون کي وجهه ڏيو ته راڄپوتي ڌرم پاليان. سومريون شرن (پناهه ۾) آيون آهن. مان به ته سندن ننڍو ڀاءُ آهيان. سرُ ڏيڻ منهنجو به ته ڪم آهي. پر سرُ مهانگو ڏيندس." سو ڪيئي سرَ ڪپيَ، پاڻ پوءِ ئي سر ڪپجڻ ڏنائين!

**"تنهنجي قدمن ۾ مرندس"!**

ابڙو آيو ميدان ۾. پٽ ڪان ٻه رتيون وڌ! سندس جهڙو وير ورلي سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ڏنو. جنگ چڙهي چوٽ تي. خلجين جا سرَ ڪريا، جيئن ڪٽڪ جا سنگ ڪرن ڏاٽن هيٺ. پر علاءُالدين جو موڪليل لشَڪر اٿاهه هو. ابڙا ٿورا هئا. ابڙي ٻاڳِيءَ/ٻاگهيءَ سان پرڻ ڪيو هو ته مرندس ته تنهنجي قدمن ۾ مرندس. توکي ڪو ڇهي سگهي، ان کان اڳ منهنجي لاش کي اورانگهي! سو ٻاڳِيءَ جي محل جي اڱڻ ڪمري جي در آڏو، سر ترِيءَ تي رکي، ننگي تلوار آگرين ۾ پڪوڙي، دشمن جي چڙهائيءَ لاءِ تيارَ ٿي بيٺو. وڙهيو جيئن پيم وڙهيو. پر گهٽا نيٺ به گهٽا. زخمجي زخمجي، ته به لڙي لڙي ورَي به لڙيو، تانَ جو مرٽينگ حالت تي پهتو. ساٽي اندر ڪٽي ويس.

**آڳ جا اُلا!**

خِلجي سردار جو حڪم هو تہ پاڳي نہ ملي تہ ابڙي جو جيئري سِرُ آڻجو. خلجي گهڙيا محل اندر. ابڙو ڏٺائون. ڪٽ تي مرڻ جي ڪنڌيءَ تي هوندَي بہ ابڙي جي اکين مان اُهي آڳ جا اُلا ٿي نڪتا ۽ چهرو ڪروڌ سان اهڙو تامڙيل ۽ هيبتناڪ هو، جو خلجي ڏهلجي پويان پير ڪري موٽيا. پر مهندار جو حڪم، حڪم هو. سو وري نئون حڪم سُڻي محل ۾ آيا.

**واهہ، شير ڏُونگر واهہ!**

اجا ڪمري ۾ پير پاتائون تہ ابڙي جي پر ۾ ٻيءَ ڪٽ تي سُتل سندس پنجن ورهين جي پٽ ڏُونگر جي اک کلي. دشمن اندر گهڙندا ڏسي، ٽپ ڏيئي چيلهہ ۾ ٻڌل ٻاراڻي تلوار ڪڍي پيءُ جي رکشا (حفاظت) لاءِ سندس ڪٽ ۽ خلجين جي وچ ۾ ٿي بيٺو. تنگون ٽيڙيل، تلوار اُڀي! هيڏڙي ٻار کي ڪيئن ماري، ابڙي جو سِرُ وڍيون؟ خلجي واپس ويا، پر وري موٽيا. ڇَلُ ڪري ٻي هٿيار هڪ جٿو اندر گهُڙيو، چي اسان جي مهندار سلام ڏنا آهن. توسان گڏجڻ تي دل اٿس. ان وچ ۾ ابڙي پراڻ (دم) ڏنا. پرڻ پاڙيائين. پاڳي ۽ سومريون پٺئين در کان جهنگ مُنهن ڏيئي پرواري ملڪ ڏي ڏوڪينديون ويئون. چون ٿا اُن وقت قدرتاً ڪڇ ۾ ڀونڪمپ (زلزلو) ٿيو. سموريءَ ٻيءَ خلق سان گڏ پاڳي ۽ سومريون بہ ڌرتي ماتا جي گود ۾، سوَمان ـ سلامت، رسي ويئون.

هوڏانهن ڏُونگر خلجين جي مهندار جي دربار ڏي نيو ويو. ٻار جي نڊرتا ۽ دليريءَ تي عاشق ٿي مهندار حڪم ڪيو تہ سنڌ جي تخت تي ڏُونگر کي وهاريو. چنيسر راڄ جي لائق نہ آهي.

ننگر، ممت، ڏُونگر اهي سنڌي جوانن جو شان آهن. نبَلَن لاءِ سِرُ بہ ڏيڻ وِيرن جو ڪم آهي. اها آهي سچي بهادري.



# سنڌيءَ جي "ڪوئل"؟ يارهين صديءَ جي پريم ڪهاڻي

تازو پنهنجا پراڻا نوٽ بُڪ اٿلائڻ جو موقعو مليم. پهرين جيل کان پوءِ 1924ع ۾، سنڌ جي اتهاس ۽ ساهت تي ثمر هٿ ڪرڻ جو وجهہ مليم، جو گشت ڪندي گهڻن ئي قسمن جي ماڻهن سان گڏجاڻي ٿيندي هئي ۽ جيڪو ساهت اڃا وات وهيٺو هو، ان کي جهٽڻ جي ڪوشش ڪندو هوس.

هڪ ڀيري، 1924ع جي مئي مهيني ۾، شهدادپور پاسي وڃڻ ٿيو. هڪ سُرندائي گڏيم، جنهن "ڏيپچند ۽ ڪوئل" جا بيت پئي چيا. ڪيس ويهاري اُهي لکيم. پر اُهي اڻپورا ٿي ڏنا. انهن ڏينهن ۾ جيئن ئي مون نوٽ بڪ ۾ لکيا، تيئن ئي مان هيٺ ڏيان ٿو. انهيءَ ويچار ڪري تہ جن دوستن کي هنن بيتن نسبت وڌيڪ خبر هجي، سي مهرباني ڪري مون کي سمورا بيت موڪلين ۽ انهن بيتن پٺيان ڪا اتهاسڪ (تاريخي) ڪهاڻي هجي، تہ ان کان بہ واقف ڪن. ان لاءِ مان سندن ٿورائتو ٿيندس.

ڏسجي ٿو تہ هيءَ ڪهاڻي سلطان محمود غزنويءَ جي ڏينهن جي آهي. سلطان محمود سنڌ ۾ 1026ع ڌاري آيو ۽ سنڌ تي يا ان جي ڪجهہ حصي تي قبضو ڪيائين. 1030ع ۾ سندس موت ٿيو. سندس پٽ محمد رڳو ست مهينا تخت تي ويٺو. سندس ڏينهن ۾ ڪي بہ حشمت جا ڪارناما ڪونہ ٿيا. ان ڪري پانئجي ٿو تہ پهرئين بيت ۾ سلطان محمود ڏي ئي اشارو آهي. جي هيءُ انومان صحيح آهي تہ چئبو تہ "ڏيپچند ۽ ڪوئل" جي ڪهاڻي يارهين صديءَ جي پهرئين اڌ جي آهي. پر بيتن جي ٻولي تہ گهڻو پوءِ جي ٿي ڏسجي.

جيڪي بيت مون کي شهدادپور جي سرندائيءَ کان مليا هئا، سي هي آهن:

**(سُر – راڻو)**

(1) گجي ٿو گجنيءَ ۾، سلطان محمد شير
ڏينهان ڪري راڄڙو، راتيان ڦري فقير،
پوتا پايو چَمَر جا، ڪٽي ڪونہ وزير،
سُڪي ٿي ساري پرٿمٽي، سَتيُن پاڙيو سيرُ.

(2) ڪٽي پڙهڻ وهاريا، اڄ پنجين ورهين پيئي،
گڏ اُٿن، گڏ وهن، گڏ گهمن سي ٻيئي،
پڙهڻ سان ٻنهَيءَ جي، پريت اچي پيئي.

**ڏيپچند:**

(3) اَڪُ نہ ڪيجي ڏَندَ وَڻون، سَپُ نہ ڪائجي ساڳُ،
اُت نہ لائجي دوستي، جاتي جيءَ وڻاءُ،

**ڪوئل:**

(4) اَڪ بہ ڪِيجي ڏندَوَڻُون، سَپُ بہ ڪائجي ساڳُ،
اُتِ بہ لائجي دوستي، جاتي نيڻن سندو گهاءُ.

(5) چوَڏس ڪِڙي ٿم چانڊِري، ٿِيڙو چَندُ سُهاءُ،
پُٽ سوداگر سونهن سان، ڏٺائين ڏُوران،
جتي محل وزير جا، آيم تَنهن ماڳهان،
پوءِ ماڙيءَ جي هيٺان، جتِ وهي وزير ڏيءُ.

**ڏيپچند:**

(6) سُڻ ڪوٽار بادشاهہ جا، مون ڪهڙو ڪيو آه ڏوهہ؟

(7) زاري ڪريان تو جوان کي، اڄ ڳِچيءَ لاهي ڏور،
راضي ٿيءُ رضا منجهان، سڪ مان سَڳو سور،
مُنهن تي چڙهي ڏوُڙ، تون راَضي ٿيءُ رضا منجهانَ



(8) تاڙي لڳي تاڪ کي، ٿي سوداگر سار،
پائي مُنهن ماڙيءَ مان، پڙَس پچو تنهن وار،

**چند**

(9) آءٌ نہ ٻيلي پٽ جو، ڊڄان ٿو سلطان،
جڏهن ڪڏهن چور جي، هُئي وهائي رات.

**ڏيپچند:**

(10) ٻَلا پائرُ پانهنجا، جي وقت پئي اچن،
وارُ ونگو ئي نہ ٿئي، شابس تن اَدَن.

**ڪوٽار**

(11) پيءُ نہ ٻيلي پُٽ جو، جت پاءُ نہ ڪنيو بار،
پُٽ پرائي پيءُ جو، سو ڪئن ڏئي قرار.

**ڏيپچند:**

(12) سوَڪِيءَ ويلي سيڪو، اؤڪيءَ اچي نہ ڪو،
سرَ جو سوٿو جو ڪٽي، يار بہ چئجي سو.

**ٽورنگَ:**

(13) سُڻ ڪوٽار بادشاهہ جا، تنهنجو ڪيرَئين ڪهڙو ڏوهہ
چڙ تہ منهنجي يار کي، نہ تہ جِنب ڪڍئين ٿو تو.

**ڏيپچند:**

(14) ننڊيا هواسين نينگرا، ڪئي سون پڙهڻ جي تات،
وڏي ڏيءَ وزير جي، جيڪا مهل ڪوٺائي رات.

(15) قهر چڙهيو ڪوٽار راوت پَسي رَند،
سلطان سندي راڄ ۾، نہ چوريءَ سندو چِٽُ.

**ڪوئل:**

(16) ڪريان ٿي عرض ادب سان، هُتِ بہ ماريين زور،
آءٌ تنهنجي حق ۾، جيئن پاَوين تئن پور.

**ڏيپچند:**

(17) آڳ نہ لايان ڏرمہ کي، پاپُ نہ کريان پچار،
ٻن گھڙين جي واسطي، ڏوھي ٿيان درٻار.

**ڪوئل:**

(18) آءُ بہ ايندس تو وٽ، نيرو ويس ڪري،
ڏيندس سرُ جُتيءَ تي، جانب تو ڏري،
(19) مُھرون آڇَئين دربان کي، جيڪي ڏِنئين.

**سلطان:**

(18) عقل وند تاليہ وند، وک ڪون واسور،
ڪوئل آءُ قربان انھن تانَ، جيڪي ڏنا ڏور.

مٿيان بيت اڻپورا آهن. ڪي پد ڪٽل ٿا ڏسجن. ڪن جو قافيو ملي ئي ڪونہ ٿو. شايد هڪ ٻن هنڌن صحيح لفظ ڪونہ لکيل آهن. هن ڏيپچند ۽ ڪوئل جي لوڪ ڪهاڻيءَ جي روپ ريکا ڪجھ ڌُنڌلي پيئي ڀاسي. چمڙاپوش سلطان اڳيان، وزير جي ڌيءُ ڪوئل جي سوداگر جي پٽ ڏيپچند لاءِ پريم جو ڳجھ کلي پيو. ڪوٽار ڏيپچند کي پڪڙي ورتو. نہ ڀيءُ نہ ڀائر ڏيپچند جا واهرو ٿيا. سندس يار نورنگ سر جو جوکو ڪٽي وچ ۾ پيو: پريم وس ٿي ڪوئل ڏيپچند کي ڀڙڪائي ٿي؛ ڏيپچند انڪار ٿو ڪري. سلطان پاڻ کي ظاهر ڪري ڏيپچند کي ساراهي ٿو. سڄي ڪهاڻيءَ ۾ ڪوئل جو چٽر، مومل ۽ ڪُنئروءَ جي رنگ ۾ چٽيل آهي. راجپوت اتهاس ۾ ناري پريم جي آڪرسڻ جي انگ جا ٻيا بہ مثال آهن.

ٻوليءَ جي لحاظ کان هنن بيتن ۾ ڪي لفظ ڪم آندل آهن، جن ڏيان لهڻو. جيئن تہ: "چم جا پوتا"، "پرٿمٽي"، (پرٿوي)، سيرُ (سيلُ)، ڏندوَڻون (ڏندڻ) "چانڊري" (چانڊوڪي)، سوٿو (جوکم)، رَند (رستو) "پاوَين" (وٽيئي)، "سَپُ" (نانگ).



هيءَ ڪهاڻي سنڌ جي آهي، ڪين ٻاهرين آهي ۽ رڳو سنڌي بيتن ۾ چيل آهي،اُن سوال ويچار لهڻو. "ڏيپچند" نالي مان انومان نڪري سگھي ٿو تہ ڪهاڻي سنڌ جي آهي، جو "ڏ" اکر سنڌي آهي، جيتوڻيڪ سرائڪي، لهندا ۽ گجراتي ٻولين ۾ بہ اهو اکر اچي ٿو.

هيءَ ڪهاڻي گجنيءَ (غزني) جي شهر جي آهي، ڪين سنڌ جي ڪنهن شهر جي؟ غزنيءَ ۾ سلطان محمود چمڙا پوش ٿي نڪتو هو. ڪين سنڌ جي ڪنهن شهر ۾؟ سنڌ ۾ هو گهڻو رهيو هو ڇا، جو ٺاٽيڪو ٿي ويهي ڪٿي راڄ ڪيائين. سنڌ جي ان وقت جي گادي منصوره ۾ تہ ٻئي ڪنهن شخص کي تخت تي ويهاريائين. اهي سڀ دلچسپ سوال اسان اڳيان اُٿن ٿا.

# هند سنڌ جي ٻولين جو پراچين (قديم) ساهت

هند ۾ صدين کان سنسڪرت سان گڏوگڏ ڌار ڌار پرانتڪ (علائقائي) ٻولين ۾ به ساهت پئي رچيو ويو آهي. ڪن ٻولين ۾ اڳ ته ڪن ۾ پوءِ. اهو ساهت جهوني زماني ۾ ئي لکت ۾ اچي ويو. انهن ٻولين ۾ ڪتاب رچجي ويا، ڪن ٻولين ۾ ڪوتائون ماڻهن جي چپن تي ايترو چالو هيون، جو جڻ لکيل ڪتاب هئا. انهن ٻولين ۾ پراڻيون رچنائون، نظم توڙي نثر، زباني ڪي لکت ۾، سڀ اڄ موجود ڪونهي، ڪنهن زماني ۾ شايد هيون، پر اڄ ڪي عدم پيدا آهن. زماني جي دؤر ۾ غرق ٿي ويا. خبر نه آهي ته ڪوجنائن بعد وري به ڪي مٿي تري ايندا يا نه!

**تامل** (مدراس جي) ٻوليءَ ۾ پراڻي ۾ پراڻو ڪتاب، جو اڄ به موجود آهي سو آهي "تولڪڪ" اهو تامل ٻوليءَ جو وياڪرڻ آهي. عيسوي سن کان اٽڪل هڪ صدي اڳ جو لکيل آهي، هيءُ ڪتاب عيسوي سن کان ڪجهه اڳ ۽ ڪجهه پوءِ لکيل ساهت تامل ڪوتائن جو سنگهه. 36 هه ڌاري لکت ۾ آندو ويو.

**ڪنارا** (مئسور جي) ٻوليءَ ۾ سڀ کان پراڻو پستڪ (ڪتاب) جيڪو هٿ لڳو آهي، سو آهي "ڪويراج مارگ"، جيڪو نائين صديءَ جو آهي. ڪوتا ڪيئن لکجي، انهيءَ وشيه (موضوع) تي راجا نرپَ تنگ اهو پستڪ لکيو هو.

**بينگالي** ٻوليءَ ۾ اڄ به موجود جهوني ۾ جهونو ڪتاب آهي. ڏهين صديءَ جو "چاريه پدا". منجهس چاليهه بيت آهن. ان کان پوءِ جو موجود پستڪ آهي. "شري ڪرشن ڪيرتن" هيءَ هڪ وڏي بينگالي ڪوتا، چوڏهين صديءَ ۾ چندي داس جي لکيل آهي.

**اُڙيا** (اوڙيسا جي) ٻوليءَ ۾ سڀ کان ڪُهنو موجود ڪتاب آهي



"مدلا پنجي" جو اتهاس. اهو ليکڪ چولاگنگاديو يارهين صديءَ ۾ لکيو هو. اڄ تائين جگنناٿ پري جي مندر ۾ اهو پستڪ رکيل آهي. ان ۾ اٽڪل ٻارهين صديءَ ۾ مارڪنڊ داس جو لکيل "ڪيسا ڪوئلي چوئسا"، (چوٽيهه بيت) به موجود آهن.

**تيلگو** (آندرا ديس جي) ٻوليءَ ۾ پراڻو ۾ پراڻي موجود ڪتاب آهي "مهاڀارت" جو تيلگو ترجمو، هن ٻوليءَ ۾ ننيه ڀٽ اهو ترجمو ڪيو.

**ڪوڙڪيءَ** ٻوليءَ ۾ سڀ کان جهونو ڪتاب آهي "پارتي..........، شلي سُوريءَ اهو ڪتاب 1100ع ڌاري ڪوڙڪيءَ ۾ لکيو. چوڏهين صديءَ جو ترنا...... يا جو"........تيشتڪ ٻاتو ٻوڌ" ۽ ٻيا ڪتاب ۽ پندرهين صديءَ ۾ لکيل ڪتاب "پرٿويچندر سچرت" "رتمل چند"، "ڪانهددي پربنڌ"، "ومل پربنڌ" ۽ مشهور نرسي ميهتا جون ڪوتائون انهيءَ زماني کان موجود آهن.

**پنجابي** ٻوليءَ ۾ سڀ کان پراڻو اڄ به موجود ساهت آهي بابا فريد جو ڪلام، جو ٻارهين_ تيرهين صديءَ جو آهي. بابا فريد 1173ع ۾ ڄائو ۽ 1265 ۾ وفات ڪيائين. ان بعد گرونانڪ جي پنجابيءَ ۾ واڻي پندرهين صديءَ جي موجود آهي.

**ڪشميري** ٻوليءَ ۾ جهوني ۾ جهونو موجود ڪتاب آهي "مانيبه پرڪاش" ۾ شوَپنت تي، شتڪنٺ جو رچيل آهي. اهو تيرهين صديءَ ۾ لکيو ويو هو. ساڳيءَ صديءَ جي لال ڊيڊ ۽ نند رشيءَ جا پستڪ به موجود آهن. ڪشمير جي بادشاهه زين العابدين جي دربار جي ڪوي ڀٽ اوتار جي وڏي ڪوتا "بان سُور ڪتا" پندرهين صديءَ جي لکيل آهي.

**مليالم** (ڪيرالا جي) ٻوليءَ ۾ سڀ کان پراڻو موجود پستڪ آهي تيرهين صديءَ جو "رام چرتم". پندرهين صديءَ ۾ "ڪرشڻ پاٿوُ" ڪتاب لکيو ويو.

**مرهٽيءَ** ۾ 1290ع يعني تيرهين صديءَ ۾ گيتا جي سمجهاڻيءَ تي "گيانيشوري" جهوني ۾ جهونو موجود پستڪ ليکيو ويندو آهي.

**آسامي** (آسام جي) ٻوليءَ ۾ سڀ کان پراڻو ڪتاب، جيڪو اڄ به موجود آهي، سو آهي ”پرترهراد چتر“. اهو تيرهين صديءَ ۾ هيمچندر سرسوتيءَ لکيو هو. اهو سڄو ڪوتا ۾ آهي. چوڏهين صديءَ ۾ ماڌو ڪندليءَ ”رامائڻ“ جو آسامي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. پندرهين صديءَ ۾ شري شنڪر ديو ”ڀاڳوت“ جي هڪ ڀاڱي جو ترجمو ڪيو، ”ڪيرتن گهوش“ رچيو ۽ ڪيترا ئي ڌرمي ناٽڪ ۽ ڪوتائون لکيون.

**سنڌي ٻوليءَ** جو ڪهڙو پراڻو ساهت اڄ موجود آهي. اهو هڪ دلچسپ سوال آهي.

**قاضي قاضن** پندرهين ـ سورهين صديءَ جو قاضي ۽ شاعر آهي. ڳچ وقت ٺٽي ۾ هو. ارغونن جي ڪاهه وقت سندس ڪتنب کي گهڻو سهڻو پيو. سندس سنڌي شعر گهڻوئي هوندو، پر رڳو ست بيت اڄ موجود آهن. *سندس وفات 1551ع ۾ ٿي. سندس شعر به سورهين صديءَ جو چئبو. پندرهين صديءَ جو هڪ بيت محمد اسحاق جو به موجود آهي. هڪ سنڌي بيت گرنٿ صاحب ۾ به چيل آهي، سو سترهين صديءَ کان اڳ جو ڏسجي ٿو، جو محلا پنج ۾ درج ڪيل آهي.

پوءِ ته هي سڀ جزوي بيت چئبا، جن جي پيٽ ٻين ٻولين جي جهوني ساهت سان نٿي ڪري سگهجي. سنڌيءَ ۾ اڄ جهوني ۾ جهونو ڪتاب، جو موجود آهي. سو چئبو شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو سنڌي ڪلام، جيڪي اٽڪل 125 بيت آهن. شاهه عبدالڪريم 1527ع ڌاري ڄائو ۽ 1623ع ۾ وفات ڪيائين. چئبو ته سندس ڪلام سورهين ۽ سترهين صديءَ جو آهي.

منهنجو حال اهو رايو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو به پراڻو ساهت هو، جنهن جو ڪونه ڪو انگ، راجستان يا گجرات جي پستڪ ڀنڊارن مان ڪنهن وقت لڀي اچي. اها ڳالهه ويساهه ۾ نٿي اچي ته سنڌ جي هندو شاعرن عربن جي فتح کان اڳ ڪوبه شعر سنڌيءَ ۾ نه چيو هوندو، ڪوبه پستڪ نه لکيو هوندو.

---

* اڳتي هلي هيري ٺڪر هڪ سؤ ٻارهن بيت هٿ ڪيا.(رڪيل مورائي)



ڪُجهه ثابتي آهي ته سنڌ ۾ ان زماني ۾ ڪي وڏا ودوان (عالم) هئا. عربن جي دؤر بعد به سنڌي شاعر هئا، جن مان ائين صديءَ ۾ هڪ ڄڻو عَربستان ۾ فضل بن يحيٰ جي درٻار ۾ پهتو هو، جتي هڪ سٽي سنڌي بيت ٻڌائڻ تي کيس هڪ هزار دينار ۽ ٻيا انعام مليا هئا.

**ڪڇي ٻولي**، جا سنڌيءَ جي سڳي ننڍي ڀيڻ آهي، ان ۾ به ”مامئه ڏيوَ“ جا بيت آهن. ڪڇ جي ڪهاڻي آهي ته ڄام نظام الدين، جنهن کي ڄام نندو به چوندا هئا، تنهن جي ماءُ ڪڇ جي هئي. ڪڇ ۽ سنڌ جي سمن راجپوتن جو هڪ ڪڇ ۾ رهندڙ هندو ساڌوءَ ۾ وشواس هو. ڄام نندي جي ماءُ کيس ڀاءُ ڪري ليکيندي هئي، ان ڪري ڄام نندو کيس مامو ڪري سڏيندو هو. انهيءَ ”مامئه ڏيوَ“ جا ڪل اٺاويهه بيت اڄ به موجود آهن. ڀهريون بيت هيٺيون آهي:

”ڄان سمو تان سامئه، ڄان نندو تان راڄ،
سما ڇڏيندا سنڌڙي، ٿيندا آنڌي اَڪاڄ“

ڄام نندي جو سنڌ ۾ راڄ 1509ع ۾ پورو ٿيو. سندس مرڻ بعد سنڌ ۾ بدانتظامي ٿي سمن جا پاڙ ۾ تڪرار ٿيا. سٽت ئي ارغونن جون ڪاهون ٿيون. سمن جي ڪڇ ڏي لڏپلاڻ ٿي ۽ 1521ع ۾ ارغونن جو راڄ ٺٽي ۾ قائم ٿيو. مٿئين بيت ۾ انهن ڳالهين ڏانهن اشارو آهي.

سنڌ ۾ وري ”ماموئي“ جا بيت مشهور آهن. اهي ڪل ست بيت (پندرهن سٽون) موجود آهن. هي آهن ماموئي جا بيت:

1ـ هاڪ وَهندو هاڪڙو، پڄندي ٻنڌ اروڙ،
ٻهه، مڇي ۽ لوڙ، سمي ويندا سُوڪڙي.

2ـ وَسي وَسي آر، جڏهن وڃي ڦٽندو،
ٻاروچاڻو ٻار، پنجين درمين وڪبو.

3ـ ڪاري ڪاٻاري، جهيڙو لڳندو ڇهه پهر،
مرِ مڇي ماري، سک وسندي سنڌڙي.

4ـ مرِ مڇي ماري، مر مڇي کهڙا پار،
هيٺين ڪاريون پوتيون، مٿن ڪارا وار.

5_ لڳندي لاڙان، سؤ نڪو ٿيندو سري ۾،
جڏهن ڪڏهن سنڌڙي، اوڳاٽا وٺاهه.

6_ نيرا گهوڙا ڏيرا، اتر ڪون ايندا،
گهاگهيربون گسن تي، وراهي ويندا،
تهان پوءِ ٿيندا، طبل تاجاڻين جا.

7_ اچي ويهجا ماڙهئا، ننگر جي آڏار،
پراڻا پرار، نوان مَ اَڏجا نجهراءِ".

متيان ست بيت هڪ ئي وقت جا چيل ڪونہ ٿا ڏسجن. بيتن جي بناوٽ هڪ ٻئي کان نرالي آهي. منجهن ڄاڻايل تاريخي واقعا بہ نرالن وقتن جا آهن. شايد ڪن صدين جو ويڇو هجي. اروڙ جي ٻنڌ ٽٽي، تنهن کان صديون پوءِ تاجاڻين جا طبل سنڌ ۾ وڳا. تاجاڻي تاجڪن کي چوندا هئا. تاجڪ اها مغل ذات آهي، جنهن مان ارغون پيدا ٿيا، جن جو سنڌ تي راڄ 1521ع ۾ شروع ٿيو. ماموئيءَ جي بيتن ۾ انهيءَ تاريخي واقعي ڏانهن اشارو آهي. پڌرو آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ڇهون بيت سورهين صديءَ جو آهي. ٻيا ڪي بيت ڄام تماچيءَ کان ٿورو پوءِ جا آهن. ڄام تماچي پهريون، دهليءَ جي بادشاهہ علاؤالدين خلجي (1296_ 1306ع) جي زماني جو هو. سو انهن ستن بيتن مان ڪي چوڏهين صديءَ جا هجن.

متي ڄاڻايل حقيقتن مان نتيجو اهو ٿو نڪري تہ، سواءِ ٻن ٽن چوڏهين پندرهين صديءَ جي بيتن جي، پراڻي ۾ پراڻو موجود سنڌي ساهت آهي. سورهين صديءَ جا ماموئي جا چار پنج بيت مامئہ جا اٺاويهہ. قاضي قاضن جا ست ۽ شاهہ عبدالڪريم جا 125 بيت، شاهہ عبداللطيف تہ ارڙهين صديءَ جو شاعر آهي. ٻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ جو وڏو ساهت بلڪل ٿورو موجود آهي. سنڌيءَ ٻوليءَ جو اتهاس ان ڪري اڃان اڻپورو آهي. ٻاهرين پنڊارن مان شايد پورائو ٿئي.



# سنڌيءَ جو آڳاٽو شاعر: قاضي قاضن*

اٽڪل ٻہ ورهيہ ڪن ٿيا تہ هيري ٺڪر ۽ موتي لال جوتواڻيءَ مون کي ٻڌايو تہ قاضي قاضن (قاذن) جا هڪ سؤ کان بہ وڌيڪ بيت هرياڻا جي هڪ ڳوٺ جي مٺ مان لڌا آهن. اهي پراڻي ديوناگريءَ ۾ لکيل آهن. ڪنهن سنڌيءَ، جنهن کي ياد هئا، جي سنڌ ۾ ڳائبا هئا، اُن کان ٻڌي هن مٺ وارن ٻين "سنتن" جي واڻيءَ سان گڏي، ٻڌائي رکيا آهن. ڪجهہ وقت بعد راجا رام شاستري، جنهن کي مٺ مان اهي بيت مليا هئا، سو مون کي گڏيو ۽ انهن کي سوڌي ڇپائڻ جون ڳالهيون ٿيون.

نيٺ قصو اِئين بڻيو، جو هيري ٺڪر اهو بار اتساهہ ۽ اُمنگ سان، پاڻ راجا رام سان ڳالهيون ڪري، پاڻ تي هموار ڪيو ۽ شڪر آهي تہ ان پستڪ (ڪتاب) جو هيءُ پهريون ڇاپو نڪري رهيو آهي.

هيري ٺڪر کي هيءُ اُملهہ ادبي "هيرو" هٿ آيو آهي، جنهن کي پڌرو ڪرڻ ڪري، سنڌين لاءِ هت ڀارت ۾ ۽ ان کان پڻ وڌ پاڪستان ۾، سنڌي ٻولي جي اِتهاس (تاريخ) خاطر، سندس ان ڪم لاءِ ڇڱو چڱو قدر ٿيندو ۽ سنڌي سدا سندس شڪرگذار رهندا.

سنڌي ٻوليءَ ۽ شعر جي شائقن جي مناسب پڇ پڇ ۽ ڇڪ سڪ ڪري، هي اوائلي ننڍو ۽ پهريون ڇاپو تڙتڪڙ ۾ تيار ڪري، هو ڀارت ۾ رهَندڙ سنڌي شاعرن ۽ ليکڪن اڳيان، هڇڪندو هٻڪندو، پيش ٿو ڪري، ڇو جو منجهانئن گهڻن کي قاضي قاضن (قاذن) سان ايڏي واقفيت ڪانهي ۽ پنهنجي پاڪستان ۾ رهندڙ اديبن، علم دوستن، شاعرن، ليکڪن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي هيڪاند جي گهڻگهرن اڳيان نياز ۽ نمرتا ڀري ڀاونا سان، هڪ سوغات طور، سرحد جي پرائينءَ پار، اِن آس اُميد سان ٿو پهچائي، تہ اها سوغات قبول پوندي.

* هيري ٺڪر جي ڪتاب "قاضي قادن جو ڪلام" جو مهاڳ: 15 جولاءِ 1978ع.

هيري ٺڪر جي هن کوج ــ ڪشالي مان هڪ ڪان وڌيڪ ڦل ملٽا آهن، جو سنڌ هند جا سنڌي عالم، نہ رڳو سندس پورهئي جو نتيجو ماڻيندا، پر منجهائن، جن کي اِن قسم جي کوج جي سڪ چڪ آهي، سي سندس ڪتاب مان سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۽ وڪاس (ترقيءَ) جي اِتهاس تي چڱي روشني وجهي سگهندا.

سيني سنڌين کي شايد خبر نہ بہ هجي تہ اِٽليءَ جي هڪ ماهر Dr. Tessitori ڀارت ۾ ڪي سال رهي، ڀارت جي ڪن ٻولين جو اونهو اڀياس ڪيو هو، جن مان "اولهہ راجسٿاني" هڪ ٻولي هئي. سندس شاهي ليک اٽڪل پنجاهہ ڪن ٽائيپ ٽيل صفحا، جو انگريزيءَ ۾ ڇاپيو هئائين، سو مون ڪي سال ٿيا تہ ٽائيپ ڪرائي ڇڏيو. پڙهي عجب لڳم، اها 15ـ16 صديءَ جي اولهہ راجسٿاني ٻولي ڄڻ سنڌي ٻولي پئي لڳي ۽ ان جو وياڪرڻ (گرامر) ۽ اکرن جي جوڙ بيهڪ ۽ ماضي ۽ مستقبل ۽ ٻيا ور وڪڙ سڀ سنڌي ٻوليءَ سان پئي لڳا. اِئين پئي سمجهيم تہ مان ڪنهن سنڌي ڪتاب جو سٿون پيو پڙهان.

قاضي قاضن (قاذن) جي سنڌي بہ ان وقت جي آهي ۽ ان وقت جون ٻوليون سنڌي، اولهہ راجسٿاني، ڪڇي ۽ پراڻي سوراشٽر جي ۽ خود اتر گجرات جي (گوجر ذات جي حڪومت کان اڳ) پراڻي مڪاني ٻولي سڀ ڄڻ تہ ڀير ٻوليون هيون.

هيري ٺڪر جي هڪ املهہ پستڪ (ڪتاب) بعد پاڪستان ۾ رهندڙ سنڌي عالمن کي کوج ڪري، قاضي قاضن (قاذن) جي حياتيءَ جو تفصيل سان عمدو ڪتاب تيار ڪرڻ گهرجي تہ سندس رهڻي ڪرڻي کهڙي هئي. شاهہ ڪريم جي رهڻي تہ عجيب روحاني درجي واري هئي، جنهن جو ڪجهہ بيان دائود پوٽي جي مشهور ڪتاب مان ملي ٿو.

روحاني شخصيتون ڪنهن مذهب يا ڌرم جي ملڪيت نہ آهن. اُهي سڄي عالم سان واسطو رکن ٿيون ۽ تنگ خيال، مذهبي/ ڌرمي سرحدون ٽپي، پنهنجي جيون (زندگيءَ) جو واس هر هنڌ ڦهلائين ٿيون.



ڀارت جا اڳيان جوڳي، جن ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ، اهنڪار کي جيتيو هو ۽ سڀ انسان سندن ڀائر آهن، اِئين ئي هلت ڪندا هئا. جي ننگا هئا تہ پاپ ڪُڪرم کان پري، حسد ساڙي کان پري هئا. چي، "جيڪي ڪن گناهہ، سي ڏکين ٿا اُنهن کي ڪپڙن سان. اسين بي ــ پاپ، ڇا جي لاءِ ڪپڙا پايون، ڇا کي لڪائڻ لاءِ" سندن اهو ئي نشچو (اصول) هو. تہ سيني ڌرمن مذهبن، روحاني طريقن جي تهہ ۾ ساڳيو ئي سچ آهي.

گورک ناٿ، جوڳين جي هڪ مکيہ گروءَ، ستين صدي عيسويءَ ۾ ڪيترا ڀيرا چيو هو تہ "مون کي حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي اندرين روحاني روشنيءَ لاءِ عظيم ساراهہ آهي."•

سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي کوج ــ ڪلا جي سرتاج، نبي بخش خان بلوچ، "شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام" جي املهہ ڪتاب ۾ لکيو آهي:

"شاهہ لطف الله قادريءَ جي آڏو فقط سلوڪ ۽ طريقت جو هڪ مکيہ مضمون هو، جنهن جي وضاحت ڪرڻ ٿي چاهيائين. انهيءَ سلسلي ۾، حق ۽ حقيقت جي تلاش ۾ طالبن ۽ سالڪن جي جدوجهد کي تمثيل طور، سامونڊي ناکئن جو منزل مقصود ڏانهن هاڪاري هلڻ ۽ جوڳين آديسين جو سندن ياترائن خاطر ڪشالن ڪڍڻ سان ڀيٽي، تفصيلي سمجهاڻي ڏنائين. اِنهن تمثيلن ذريعي شاهہ لطف الله قادري سنڌي اساسي شاعريءَ ۾ "سامونڊين ۽ ناکئن" ۽ "جوڳين ۽ آديسين" وارا نوان تمثيلي مضمون رائج ڪيا، جي ڪائنس اڳ ٻئي ڪنهن بہ شاعر نہ آندا هئا."*

پر قاضي قاضن (قاذن) جي هنن بيتن مان صفا ظاهر آهي تہ شاهہ لطف الله قادريءَ کان اڳ، جوڳين سان سنڌي صوفين جون روحاني رهاڻيون ٿينديون هيون، جيئن شاهہ قادريءَ جي سنڌي بيتن جي "قسم ڇهين" جي بيتن مان بلڪل ظاهر آهي. جوڳين جو سلسلو ڀارت ۾ تمام پراڻو آهي، ڀارت جا

• The 'Nath Yogi Sampradaya' by A.K. Banerjea 1964, P.5

* شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام: نبي بخش خان بلوچ: ص 22

اڪثر اتهاسڪ ماهر ان راءِ جا آهن ته ”مهاڀارت“ جي لڙائي، جا عيسوي سن کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار سال اڳ ٿي هئي ۽ سنسڪرت جي پراچين (قديم) هٿ_ اکر ڌرمي پستڪن مان ثابت ٿيل آهي، ته جوڳين جو سلسلو ان لڙائيءَ کان تمام پراڻو آهي. اهي جوڳي سڄي ڀارت ۾ صدين کان پيا ڳوٺان ڳوٺ رلڻ (سفر) ڪندا هئا ۽ ٻڌندڙن کي گيان (ڄاڻ) ڏيندا هئا. خود سنڌ مان به عربن جي اچڻ کان اڳ مڪاني جوڳين هئڻ جون ثابتيون مليون آهن.

انهن جوڳين جو عقيدو هو ته ڌڻي هر هنڌ وسي ٿو، ٻاهريان مڪان ۽ شهر ڪيس رهڻ لاءِ ڪپن ئي ڪين.

”عين قصر در لک، ڪوڙين سهسين ڪڙڪيان،
جان ئي ڪرين پرک، تان ئي سڄڻ سمهان.“(قاضن).

”پهرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي سو لهي،
من اندر مهه پاءِ، توئي اندر سپرين.“(قاضن)

هٿ، ويدانت ۽ صوفي طريقو گڏجي ٿو ۽ جوڳي ۽ درويش ڀائر ٿي وڃن ٿا.

ڊاڪٽر دائود پوٽي پنهنجي ”شاهه ڪريم جو ڪلام“ ڪتاب ۾ هڪ واقعو پڌرو ڪيو آهي. اهو واقعو هنن اکرن ۾ آهي:

فرمايائون (شاهه ڪريم فرمايو) ته:

ڪنهن ڏينهن هڪڙو ملامتي* بزرگ قاضي قاذن جو وقت جي سياڻن ۽ زماني جي عالمن مان هڪڙو هو ۽ جو دربيلي ۾ رهندو هو، جنهن جو لاڳاپو بکر سان آهي، تنهن جي مسجد ۾ اگهاڙو ٿي، محراب جي طرف پير ڪري سمهي پيو. جڏهن قاضيءَ کي اِها خبر ڏنائون، تڏهن ڏڙو هٿ ۾ کڻي آيو. پيرن ڏي وڃي جان پانيائين ته ڏڙو هٽانس ته چا ڏسي ته پيرن جي جاءِ تي بزرگ جو مٿو رکيو آهي ۽ مٿي جي جاءِ تي پير. ٻيهر پيرن جي طرف ويو ته اُتي پڻ مٿو ڏٺائين. اهڙيءَ طرح جڏهن به پيرن ڏي ٿي ويو ته مٿو ٿي نظر آيس. آخر ۾ ڏاڍو حيران ۽ درماندو ٿيو. پوءِ ان بزرگ قاضيءَ جي طرف نگاهه ڪئي ۽ چيائينس

---

*ملامت= پٽ، ڏوراپو (پرمانند ميوارام جي سنڌي انگريزي ڊڪشنري 1910).



ته، پيرجيڏي وڏئي تيڏي ڪر، پر دل پنهنجي خاوَند ڏانهن قائم رک. ان بعد ڏڙو هيٺ ڌريائين ۽ خدا جي طالبن مان ٿيو ۽ هي بيت پڙهيائين:

جوڳي جاڳايوس، ستو هئس ننڊ ۾:
تهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري.*

هاڻي باقي هڪ ننڊي، ته به وڏي ڳالهه تي ويچاريو. منهنجو من اِن تي ٽر ڪائي ئي نٿو ته قاضي قاضن يا قاذن يا قادن کي سندس ڪو نجو نالو هو ئي ڪو نه. نڪي وڏين وڏين 1500 کن صفحن جي ڊڪشنرين ۾ قاضن، قاذن يا قادن لفظ ئي، نڪا سندن ڪا معنيٰ ئي ٿي ملي.

پڙهندڙن کي ٻڌايان ته سندس نسل جي ٻين سيني جا نجا نالا ”تحفته الڪرام“ ۾ ڏنل آهن، جنهن هر هڪ کي عربيءَ ۾ ڪا معنيٰ آهي. پر قاضي قاضن جو سندس ڪو نرالو نالو ڪونهي. قاضن، قاذن يا قادن شخصي نالا ڪينهن. من چوي ٿو ته اِن وشيه (موضوع) تي گهري کوجنا ٿيڻ گهرجي.

اندر ۾ هريم پيو، ته ڪٿي نه ڪٿي، سالها سال ٿيا، ته پڙهيو هوم ته سندس درجو ٻين قاضين کان مٿي هو. جيئن شاهه لطف الله قادري ”شيخ المشائخ“ جي لقب سان مشهور آهي، تيئن قاضي قاضن ”قاضي القضات“ معنيٰ قاضين مٿان قاضي، (Arabic English Dictionary by Elias P.549) مڪيه قاضيءَ جي لقب جو حقدار هو.

اُميد اٿم ته هي پستڪ (ڪتاب) پڙهندي، دل من کولي، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جي خيال کان، ڀارت جا سنڌي علم دوست خاص ڪري اسان جا پاڪستان جا کوج_ ڪلا (تحقيق) جا اڳواڻ ۽ نثر ۽ نظم جا اديب، پنهنجا رايا ۽ نڪته چيني هيري ٽڪر کي موڪلي، هڪ عام منزل ۾ چاهه رکندڙ، هم شريڪ پانڌيئڙن وانگر، پنهنجو حصو پليءَ پايت ڏيندا ۽ کيس هر ڪا واهر ڪندا، جيئن هو هن ڪتاب جو ٻيو وڌو ۽ اڃا به سندر ڇاپو شايع ڪرائي، سيني سنڌين صدقي هڪ اؤکي ۽ اڙانگي منزل تي سوپ سان پهچي

---

”شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام“ 1937ع ص 112_113.
°مشهور لغت نويس مسٽر اِسٽين گاس جي لغت.

خبر اٿم تہ ڪيئن راتين جون راتيون اوجاڳا ڪري، پستڪ (ڪتاب) جي دستخط جي ڪوٺ ڪوٺ ڪري، جنهن متر ۽ مربيءَ جي مدد گهربس ٿي، سا وٺي، پئسي، نہ پئسي جو خيال وساري، هيرو هن پٿرائين پيچري ۾ ميل ميل ڪٽيندو ويو، تان جو چڻ هڪ پوريل ادبي خزانو هند ۽ سنڌ جي سنڌي پائرن ڪي رسائي سگهيو آهي.

مان جيڪڏهن سندس همٿ، محنت، پاڻ وشواس لاءِ ڪيس واڌايون ٿو ڏيان، سي رڳو واڌايون نہ آهن، پر گذريل وقت ڪان بہ وڌيڪ سخت اَوجهڙ ۽ جهنگل جهاڳڻ لاءِ تهان وڌيڪ اُتساهت ڪرڻ جي مراد سان ئي اِئين ڪريان ٿو.

سندس ڪشالي، پورهئي، اورچائي ۽ مڇڏپٽي جي انگن جو مون ڪان بہ وڌيڪ، سندس هند ۽ پاڪستان جا پڙهندڙ پائر قدر ڪري، ڪيس سنڌي ٻوليءَ جي شيوا ڪرڻ لاءِ اتساهت ڪري، ههڙي ڪم ۾ هر نموني پاڻ ڪي پاڳي پائي ڪندا.



# شاهہ ڪريم ۽ لوڪ ڪهاڻيون

سَسُئي پنهونءَ، عمر مارئي ۽ ٻين سنڌي لوڪ ڪهاڻين ڪي اسان پئي سمجهيو تہ، شاهہ لطيف ئي ارڙهين صديءَ ۾ مشهور ڪيو. پر جيڪو سنڌ جو جهونو ساهت هيل تائين هٿ لڳي سگهيو آهي، تنهن مان ڏسجي ٿو تہ شايد پهريون پهريون شاعر، جنهن جي پڌري ٿيل شعر ۾ انهن لوڪ ڪهاڻين جي ڳالهہ ملي ٿي، سو هو سورهين صديءَ جو شاعر، شاهہ ڪريم، شاهہ لطيف جو تڙ ڏاڏو.

شاهہ لطيف جو جنم 1689ع ۾ ٿيو ۽ 1752ع ۾ هو گذاري ويو. اجا يارهن ورهين جو هو تہ 17 صدي پوري ٿي ويئي. شاهہ ڪريم 1538ع ۾ ڄائو ۽ سندس موت 1624ع ۾ ٿيو. 61 سالن جو هو تہ اجا سورهين صدي پئي هلي. سندس اڪثر شعر ان ڪري سچ پچ سورهين صديءَ جو چئبو.

شاهہ ڪريم جا فقط پنجانوي سنڌي بيت ملي سگهيا آهن، جي 1630ع ۾ سندس هڪ مريد (مير رضا دريائي) ”بيان العارفين و تنبيه الغافلين“ نالي پارسي ڪتاب ۾ وڌا هئا. انهن 95 بيتن مان ڏهہ بيت سسئيءَ بابت آهن. چئبو تہ جهوني ۾ جهونا سسئيءَ جي باري ۾ سنڌي بيت اهي شاهہ ڪريم جا ئي اڄ تائين موجود آهن. اٽڪل چار سؤ سال ڪن پراڻا آهن.

سسئيءَ جي ڪهاڻي تہ ان ڪان گهڻي آڳاٽي آهي. ڀنڀور شهر جي کنڊرن جي کوٽائي پاڪستان جي سرڪار پئي ڪرائي آهي. ان سڀ جا نتيجا ۽ اتهاسڪ انومان (تاريخي گمان) پڌرا نہ ٿيا آهن. جڏهن پڌرا ٿيندا، تڏهن شايد پڪ سان چئي سگهبو تہ سسئيءَ جي ڪهاڻي عربن جي ئي دؤر جي، اٺين صديءَ جي، يا ان ڪان بہ اڳ جي آهي، ڪين سومرن جي دؤر جي، يعني ڏهين صديءَ جي آهي.

ڪي ڇهہ يا اٺ صديون شاهہ ڪريم ڪان بہ اڳ، سسئيءَ جي

ڪهاڻي، سنڌ جي چارڻن ۽ مڱڻهارن پي ڳائي هوندي ۽ ڪن ڪانئس اڳين شاعرن يا ناثرن (نثر لکندڙن) شعر يا نثر ۾ چئي يا لکي هوندي. پر اهو سڀ اڃان ناپيد آهي. جڏهن ڪ هٿ لڳي! پندرهين- سورهين صديءَ جي شاعرن- اسحاق، حماد ۽ قاضي قاذن جا تمام ٿورا بيت هٿ آيل آهن، پر انهن ۾ ته سسئيءَ جي پريم ڪهاڻيءَ ڏانهن ڪوبه اشارو ڪونهي.

شاهه ڪريم جا سورهين صديءَ ۾ سسئيءَ بابت چيل بيت پڙهندڙن لاءِ هيٺ ڏيان ٿو. سنڌي ٻوليءَ جا کوجيندڙ يا اتهاس جا شائق به شاهه لطيف جي ۽ ان کان به ڏيڍ سؤ کن سال اڳ جي شاهه ڪريم جي سنڌي پيڙهي سگهن ٿا:

1- وهاڻيي ئي وَڄ، تو نه سَرندو تن ري؛
تان سَا وَڃي پَڄ، پيئي جا ڪاڻ پريَنَ سين.

'پرهه ڦٽي جو ئي اُٿي هل، تنهنجي هنن سوَاءِ نَه سرندي؛ پرينءَ بنا جيڪا گهرج پئي ٿئي، سا انهن سان وڃي لاهه.'

2- جي مُون سَڏَ ڪئا، پَنيورا ٻهار ٿي؛
جي سي پريَ سُئا، ته هُندَ وئا نه نِڪَري.

'پنيور ڪان ٻاهر ٿي، جَيڪي مون سڏ ڪيا، سي جي پريُن ٻڌا هجن ها ته جيڪر اڳتي وڃي نه وڃن ها.'

3- پنيورا ٻه ٿوڪَ، ڪَنين نه نئا پاڻَ سين؛
سڪَڻ سپيريَن ڪي، ۽ لاڳاپو سين لوڪَ.

'پنيور مان ڪنهن به ٻَئيَ وٿون پاڻ سان نه ڪنيون؛ يا ڪٽي پرينءَ جي سڪ، يا ڪٽي لوڪ سان لاڳاپو.'

4- نِيه نياپي نه ٿِيي، نه سڏين سيڻَ هوُن؛
ڪارِيين راتين رَتَ ڦُڙا، جان جان نيڻَ نه روُن.

'نياپن معرفت نينهن ڪونه ٿيندو آهي، نکي رڳو سَڏُن ڪرڻ سان ئي سيڻ ملندا آهن. تيسين نه ملندا، جيسين اونداهيون راتيون جهاڳي اکيون رت نه ڳاڙينديون.'



5- مُڏَ مَ مَنَهَ ويهُ، اُپي اوسَڙُ اُسَ ۾؛
تو سيئي سيڻَ ڪئا، ڏوُر جَنين جو ڏيهُ.

'اي منڌ! گهر ۾ نه ويهي رهه. اُس ۾ اُپِيَ ٿي رُل: تو اُهي ئي سيڻ ڪيا آهن، جن جو ڏيهه پري آهي.'

6- اَمَڻِ! ڪوءِ گهروءِ موُنئا ساٿڙو وڃي نِڱئو؛
هيَڙو ڏيئي وَٿِ جيَ، مُون جِي تان نه ٻَرئوءِ.

'اي امڙ! ڪڏ پوي تنهنجو گهر، پُنهونءَ وارو ساٿ مَون ڪان نڪتو ٿو وڃي؛ مون جيان، تنهنجو هينئون، ڏيئي جي وٿ وانگر، ڪون سڙيو آهي.'

7- پَر ۾ پَڇي پرينءَ ڪي، پَسَجي پَرَديهُ؛
جِتي ساڄَنُ سَپَڄي، ساهَ ڪي سو ساڙيهُ.

'پنهنجيءَ پَر ۾ پڇي، پرينءَ لاءِ پرڏيهه به ڏسجي، جتي ساڄن ملي، اهوئي پنهنجو ديس آهي.'

8- جاڳي جاڳي سَسُئي، جان هيجا هَٿَ وڏَاءِ؛
تان سُجي سيڄَ، پريَن ري، پُنو پَٿَر ناهه؛
نڪَرندي چِئاءِ، گهوڙَا گهر نه سُپرينَ.

'جاڳي جاڳي سَسُئي، جيئن ئي سڪ مَان هٿ ڊگهيرَيو، ته ڏسي ته پرينءَ بنا سيج سجي آهي ۽ پنهون پٿراڻيءَ تي نهيئي ڪونه: ٻاهر نڪري رڙيون ڪيائين: "گهوڙا ڙي! سُپرين گهر ۾ آهيئي ڪونه.'

9- هوتُ نه ڏِنائون، ڏوهُ نه ڏِيان جيڏيين؛
مَٿي ڪَري هَٿڙا، هُندَ مُون جِيَ رُنائوُن.

'جيڏين کي ڪئن ڏوهه ڏيان، هنن ته هوتَ ڏنو ئي ڪونهي؛ نه ته جيڪر مٿي تي هٿ رکي مون وانگر روئن.'

10- تان ڪي ڳوري چُلُ، لاڙائوُ سُج ٿِئو؛
هاڙي ڏاري هُلُ، وڃي هوتَن جَو ٿِئو.

'اي هيٺي! اڃا ڪجهه تکو هل، سج لڙي پيو: هوڏانهن هوَت ته وڃي هاڙي جبل ويجهو پهتا اٿيئي.'

چار کن صديون اڳ، شاهه لطيف کان بہ 150 ورهيہ اڳي، سنڌي ٻوليءَ جي صورت کھڙي هئي ۽ لفظن جا کھڙا اُچار هئا، تن جو ڪجهہ پتو مٿين ايڪيهن سٽن مان ملي سگهي ٿو.

شاهہ ڪريم، سسئيءَ جي ڪهاڻيءَ کان سواءِ، ٻين ڪهاڻين تي بہ بيت چيا آهن، پر بلڪل ڇدا. عمر مارئيءَ تي چار بيت، سهڻي ميهار تي بہ ۽ مومل راڻي ۽ ليلا چنيسر تي رڳو هڪ هڪ بيت.

جيتوڻيڪ آهن رڳو ايترا ٿورا، پر تہ بہ انهن ڪهاڻين تي شاهہ ڪريم جي بيتن کان اڳ جا بيت، سواءِ شايد هڪ جي، اجا تہ ڪٿي ملن ئي ڪين ٿا.

"بيان العارفين" ۾ ڄاڻايل آهي تہ شاهہ ڪريم جڏهن اجا جوان هو ۽ سماع جي هڪ مجلس ۾ وينو هو، جتي بيت پئي چيائون، تہ هڪ ڄڻي هينيون بيت ڳايو:

اَڪَنڙيُون مَلِيرَ ۾، جَنين راتو ڏيهہَ:
عُمَرَ آسائُن سين، هاڻيِ ڪَندي ڪيءَ؟

جن جون، راتو ڏينهن، ملير ۾ اکيون آهن، تن آسائتين سان، اي عمر! تون هاڻي ڇا ڪندين؟

جيئن تہ شاهہ ڪريم ان وقت جوانيءَ ۾ هو، ۽ ڪهاڻين تي اجا بيت نہ بہ چيا هجنس، تہ ممڪن آهي تہ هي بيت شاهہ ڪريم کان اڳ جي ڪنهن شاعر جو چيل هُجي.

اڪبر بادشاهہ جي درٻار ۾، 1591ع ۾، سنڌ جي حاڪم، مرزا جاني بيگ ترخان، عمر مارئيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائي هئي ۽ ان قصي جا ڪي سنڌي بيت بہ چيا هئا، جي ڪن درٻارين وري سندس پٺيان سنڌي سُرَ ۾ ڳايا. شاهہ ڪريم تڏهن 53 ورهين کن جو هو. ٿي سگهي ٿو تہ اڪبر اڳيان چيل اُهي بيت شاهہ ڪريم کان اڳ جي ڪنهن شاعر جا هجن، جنهن سڄو قصو بيتن ۾ ٺاهيو هجي يا تہ سندس ئي زماني جي ڪنهن شاعر جا، پر سندس چيل بيتن کان اڳ يا پوءِ جا هجن. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهو نامعلوم شاعر اهو ساڳيوئي شاعر هجي، جنهن جو مٿي ڏنل بيت "بيان العارفين" ۾ ڄاڻايل آهي. جي ائين آهي تہ



ڇئبو تہ اڪبر بادشاهہ اڳيان جيڪي سنڌي بيت ڳايا ويا، تن مان هڪ جي اسين سڃاڻپ ڪري سگهون ٿا. هيءَ اسان جي سنڌي ساهت لاءِ ڄڻ اتهاسڪ (تاريخي) ڳالهہ آهي.

شاهہ ڪريم جي وفات کان ٿورو اڳ پارسي نظم ۾ ليلا چنيسر جو وڏو قصو بہ لکيو ويو هو، جو ڇاپي ۾ آيو آهي. اهو ادراڪي بيگلاري 1602ع ۾ لکيو. پاڻ 1626ع ۾ گذاري ويو. پر شاهہ ڪريم جا چيل بيت ان کان اڳ جا ٿا ڏسجن؛ ڇو جو اهي ڪو پنهنجي ٻڍي اوستا (عمر) ۾ ڪونہ چيا هئائين. شاهہ ڪريم 87 کن ورهين جو ٿي 1624ع ۾ وفات ڪئي.

مٿين ڪهاڻين نسبت شاهہ ڪريم کان اڳ جي چارڻن ۽ مڱڻهارن جا چيل بيت غائب آهن.

مارئيءَ جو قصو اتر گجرات ۽ راجستان پاسي بہ ڳائبو آهي، پر ڪيس ڪٽي ويندڙ کي 'عمر' ڪونہ ڪوٺين، پر امرسنگهہ يا امرؤسنگهہ يا اُومرا راءِ. هو امرڪوٽ جو شايد راجپوت راٺو هو. هيءَ ڪهاڻي اوپر سنڌ جي آهي.

سهڻي ميهار_ "سوهني مهيوال" جي ڪهاڻي اصل پنجاب جي ٿي ڏسجي. پنجاب ۽ سنڌ اڳئين زماني ۾ ڪيئي ڀيرا هڪ ئي حاڪم جي هٿ هيٺ هئا. ڪڏهن ڪڏهن تہ پنجاب جو هيٺيون ٽڪر ۽ سنڌ جو مٿيون ٽڪر هڪ ئي راڄ ۾ هئا. پنجاب مان بہ هرڪنهن زماني ۾ هزارين ڪٽنب سنڌ ۾ اچي وسيا آهن، جيئن اتر سنڌ مان هزارين ڪٽنب، عربن جي زماني ۾، ڏکڻ پنجاب ۾ لڏي ويا هئا. جيئن "سسئي پنهونءَ" جي ڪهاڻي سنڌ مان پنجاب ۾ ڦهلي آهي، تيئن "سهڻي ميهار" جي آکاڻي پنجاب مان سنڌ ۾ آئي آهي ۽ پنجاب مان آيل ڪٽنب، جيڪي سنڌي سماج ۾ جذب ٿي سنڌي بڻجي ويا ۽ سنڌي ٻولي ڪتب آڻڻ لڳا، تن سنڌيءَ ۾ "سهڻي ميهار" جي ڪهاڻي سنڌ ۾ بہ چالو ڪئي ۽ ان جا هنڌ/ نشان سنڌ ۾ پسڻ لڳا، جيئن سسئيءَ جا مڪان اڄ اتر پنجاب ۾ ڏيکاريا وڃن ٿا. پنجاب جا جاٽ ۽ سنڌ جا جٽ هڪ ئي قوم آهن ۽ سنڌوندي سندن لاڳاپو ڳنڍيندي آئي آهي. جڏهن سنڌوندي ٻنهي پرانتن (پرڳڻن) جي ماڻهن جي اچ وڃ ۽ واپار جو مکيہ رستو هئي، تڏهن هڪ پرانت (پرڳڻي) جون ڪهاڻيون

ٻئي پرانت لاءِ سولو پهچنديون هيون. هي نہ رڳو لوڪ ڪهاڻين نسبت چئي سگهجي ٿو، پر ٻنهي پرانتن جي سڀيتا جي ٻين انگن نسبت بہ.

مومل راڻي جو قصو بہ اوڀر سنڌ جو آهي. راڻو امرڪوٽ جو هو ۽ مومل جي ڪاڪ ندي جيسلمير جي ويجهو هئي. هيءَ ڪهاڻي نجي راڄپوتي وايومنڊل جي آهي. سنڌ جو اڀرندو ڀاڱو صدين کان راڄپوتي قومن سان وسيل هو. سڪندر جي ڏينهن کان ان پاسي لڙاڪو قومن جي وسڻ جا آثار ملن ٿا. هيءَ ڪهاڻي راجستان جي الهندي ڀاڱي ۾ بہ ڳائبي آهي.

ليلا چنيسر ڏکڻ سنڌ جي ڪهاڻي آهي. چنيسر جو راڄ لاڙ ۾ هو.

سنڌ جون ڪي ٻيون بہ ڪهاڻيون آهن، جي شاھ ڪريم جي وقت ماڻهن ۾ چالو هيون ۽ جن جا بيت عام جام ڳائبا هئا. پر شايد انهن ۾ شاھ ڪريم کي بہ اهڙا واقعا ڪونہ ڏٺا، جن کي پنهنجن روحاني رهاڻين لاءِ ڪتب آڻي سگهي.

شاھ ڪريم جيڪي بيت عمر مارئي، سهڻي ميهار، مومل راڻي، ۽ ليلا چنيسر جي ڪهاڻين جي ڪن واقعن تي چيا آهن سي هيٺ ڏجن ٿا:

**عمر مارئي:**

1ـ ڪاڙِياريُون ڪِيَ ڪَن، عُمَرَ اَڇا ڪَپَڙا،
جَني جا ٿَرِنَ ۾، وَرَ تا وِيڻَ سَهَن.

اي عمر! جن جا پتار ٿرنَ ۾ مهٽا پيا سهن، سي ڪاڻَ واريون ڪيئن اڇا ڪپڙا پائينديون.

2ـ اَسين تتان آئيُون، جتِ ڪُونبو ناھ،
جي وَجُونَ وياھ، تہ پُٺَ مَتئُون لوئيُونَ.

اسين اتي جون آهيون،َ جتَي کهنبو ڪپڙو ڪونهي. جي وهانءَ تي وڃون تہ بہ لوئيون پهريون.

3ـ ڳال اوُءَ هي هيڪَڙي، جا مُون ڪالَ ڪئي،
پينَرُ *ڪِيمَ پَڪُتِئو، ٿِيندي تان نہ ٻِئي.

* عمر جي ٻين راڻين مارئي تي پئي زور آندا تہ تون بہ عمر جي راڻي ٿي ويھ.



اي پينر، بڪوات نہ ڳالهايو، جيڪا ڪالھ ڪيم، اها هڪڙي ئي منهنجي ڳالھ آهي. ان بنا ٻي ڪانہ ٿيندي.

4ـ صُورَتَ ليکي هت، معنيٰ ليکي مارُوئين،
عُمَرَا! مُون جيَ چتِ، اوتاڪُون♥ ٿَرِن ۾.

سرير منهنجو هت آهي، پر مَن تہ منهنجو مارُوئَن وٽ آهي، عمر! منهنجي چت لاءِ گهر تہ ٿرن ۾ آهي.

**سهڻي ميهار:**

1ـ جيڪي گهرا مَ وَڃ، جيڪي موٽُ مَ سوهَڻِي،
هيڪڙيائي هَٿِ ڪَر، ٻيُون پاڇوءَ جينءَ پُڃ.

اي سهڻي! يا تہ گهران ئي نہ وَڃ، يا جي وڃين تہ موٽين ئي نہ، پرينءَ سان هيڪاند هٿ ڪر، ٻيو سڀ، پاڇوَ شين وانگر، پڃي ٽڪر ٽڪر ڪر.

2ـ ڳوري ٻي نہ تات، مهارو ئي مَنَ ۾،
جو پُڻ پيئي راتِ، تہ هُوَ سائُرِ، هوءَ سُوهَڻي.

ويچاريءَ کي ٻي ڪا تات ئي ڪانهي، مَيهار ئي من ۾ اٽس، جي رات بہ ڪري ٿئي، تہ بہ اهو درياھ، اها سهڻي.

**مومل راڻو:**

1ـ ڪاڪ وَٽَني ساڻُ، اوٺيين نہ اورَڳيَ،
جي ڳَڻَ هُون گهٽا، راڻا توءِ روندا وئا.

اوٺيُن، ٻيلي سوڏي، ڪاَڪ نہ اورانگهي، جيتوڻيڪ رَاڻن ۾ گهٽيئي ڳڻ هئا، تہ بہ هوَ روئندا ويا.

**ليلا چنيسر:**

1ـ جوري اُتي جَن، دا غُ تُون جو داسَڙا،
تُون ڪِي مَٿا َتَن، چَنيَسَر چتُ ڪَٽين.

اي داسڙا! جن جي جيري تي تنهنجي پريمِ جو دا غ آهي، تن تان، اي چنيسر! تون ڪيئن ٿو پنهنجو چِتُ ڪٽين؟

♥ ”بيان العارفين“ ۾، جنهن ۾ شاھ ڪريم جا بيت ملن ٿا، ”اوطاق“ ”ت“ ۽ ”ڪ“ سان لکي ويئي آهي.

شاهه صاحب جي ڪل 94 بيتن مان 18 بيت سنڌ جي پنجن لوڪ ڪهاڻين تي چيل آهن. ڪانئس اڳ ٻين شاعرن ضرور انهن ڪهاڻين تي بيت چيا هوندا. سنڌ ۾ صوفي مت جي زور پوڻ بعد ڪن شاعرن اهي لوڪ ڪهاڻيون پنهنجن روحاني رهاڻين لاءِ اوس ڪتب آنديون هونديون. ايران جي صوفي ڪلام جي اثر پڄاڻان سنڌي صوفين جي ڪلام ۾ پريم جي ڪهاڻين جو ڪم اچڻ سياويڪ هو. پر ان ڪان بہ اڳ جڏهن انهن لوڪ ڪهاڻين جا اصلوڪا واقعا ٿيا هوندا، تنهن زماني ۾ سنڌي چارڻن ۽ مڱڻهارن پڪ بيت ٺاهيا هوندا. شل اهي اصلوڪا ٺهيل بيت ڪٿان ملن، پوءِ پلي سندن ٻوليءَ جو ويس زماني ڪجهہ بدلايو هجي!

سنڌ ۾ جن درويشن، فقيرن، روحاني راهہ جي پانڌيئڙن، سنڌي شعر چيو، تن مان ڪن ٿورن ئي جا نالا اڄ تائين تاريخن ۾ ملن ٿا. سڀ ڪان آڳاٽو شيخ حماد جماليءَ جو نالو ملي ٿو. هو چوڏهين صديءَ جو هو. 1380 ع ڌاري فوت ٿيو. (تذڪره لطفي، جلد_1، صفحو 51). جام تماچيءَ جي تاجپوشيءَ جي اڳڪٿيءَ نسبت سندس هڪ سنڌي بيت ڏانهن اشارو آيل آهي (سنڌي تحفة الڪرام، 458). پر اهو يا سندس ٻيا سنڌيءَ ۾ چيل بيت ڪٿي جاٽايل ڪينهن. خبر نہ آهي تہ ڪن سنڌي لوڪ ڪهاڻين بابت منجهن ڪجهہ هو، ڪي نہ هو.

ان بعد اسحاق آهنگر تي گذريو آهي. سندس ڄم ۽ موت جي تاريخ جي سڌي خبر ڪانهي. پر شيخ پريو ويرداس، جو سندس سنڌي بيت چوندو هو، تنهن جي وفات 1498ع ۾ ٿي (سنڌي تحفة الڪرام، 448). سو اسحاق 15 صديءَ جو چئبو. 14 صديءَ ۾ ڄائو هجي. پندرهين صديءَ جي اڳياڙي يا وچ ۾ بيت چيا هجنس. سندس بيتن مان رڳو هڪ اڄ موجود آهي، پر ان جي لفظن جا اچار شايد زماني ڦيرايا آهن. ان بيت ۾ ڪنهن بہ سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ ڏانهن اشارو ڪونهي.

اسحاق آهنگر ڪان پوءِ قاضي قاذن جو نالو ٿو اچي. هو 1550ع ڌاري وڏيءَ عمر ۾ فوت ٿيو. (سنڌي تحفة الڪرام، 353). پندرهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ ڄائو هو ۽ 1489ع ڌاري علم پڙهي پورو ڪيو هئائين. (تذڪره لطفي، جلد_1 صفحو 55). قاضي قاذن ان ڪري پندرهين_ سورهين صديءَ جو



چئبو. هن سنڌيءَ ۾ گهٽيئي بيت چيا ٿا ڏسجن. پر رڳو ست بيت سندس چيل "بيان العارفين" مان ملن ٿا. انهن ستن بيتن ۾ ڪنهن بہ سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ جي ڪنهن واقعي ڏانهن اشارو ڪونہ ڪيل آهي. ممڪن آهي تہ ٻين بيتن ۾ ڪي اهڙا واقعا ڪتب آندا هجنس.

ان پڄاڻان درويش راڄو سورهين صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي. هو 1569ع ڌاري فوت ٿيو (سنڌي تحفة الڪرام، 450). هو بہ سنڌي بيت چوندو هو، پر سندس ڪوبہ بيت لکت ۾ ڪونہ ٿو آيل ڏسجي. خبر نہ آهي تہ هن سنڌ جي ڪهاڻين جي آڌار تي ڪي بيت چيا هئا يا نہ؟

پير محمد لَڪوي، جنهن 1590ع يا 1600ع ڌاري وفات ڪئي، تنهن جا سنڌيءَ ۾ رڳا مناجات هٿ آيل آهن. اِنهن ۾ سنڌ جي ڪهاڻين ڏي ڪوبہ اشارو ڪونهي. هي بہ سورهين صديءَ جو شاعر ليکبو. (تذڪره لطفي، جلد_1، صفحو 81_ 84).

مخدوم نوح، جو 1506ع ۾ ڄائو ۽ 1590ع ۾ فوت ٿيو، سو بہ سورهين صديءَ جو شاعر چئبو. چون ٿا تہ هن بہ سنڌي بيت چيا هئا، پر جيڪي 3 بيت سندس نالي سان ظاهر ٿيا آهن، سي سچ پچ سندس هئا؟ ان بابت تہ ڪي شڪ اٿاريل آهن. پر انهن ۾ بہ سنڌي لوڪ ڪهاڻين نسبت ڪو اشارو ڪونهي. (تذڪره لطفي، 84_ 87).

مٿي جيڪي چئي آيل آهي، تنهن مان ڏسجي ٿو تہ سنڌي لوڪ ڪهاڻين تي بيت سورهين صديءَ جي وچ ڌاري هڪ ٻئي نامعلوم شاعر بہ چيا پئي ۽ ان ڪان اڳ بہ ڪن چيا هجن. پر شاهہ ڪريم ئي پراڻي ۾ پراڻو شاعر آهي، جنهن جو سنڌي شعر، سنڌي ڪهاڻين جي اوٽ تي چيل، ڪنهن چڱيري مقدار ۾، سندس ئي ٻوليءَ ۾، اڄ تائين موجود آهي.

اهو ممڪن نہ آهي تہ ستاسي سالن جي عمر ۾ شاهہ ڪريم رڳو 94، اڃا بہ ساڍا 93 بيت چيا هوندا. (سندس هڪ بيت ۾ رڳو هڪ مصرع آهي). انهن 94 بيتن ۾ 18 بيت آهن، سنڌي لوڪ ڪهاڻين تي. ان ڪان وڌيڪ بيت انهن ڪهاڻين تي چيا بہ هجنس، پر جي چيا هئائين تہ اهي اڄ ملن ڪٿان؟

# سترهين صديءَ جا ڇهه سؤ سنڌي سلوڪ:
# شاهه ۽ سواميءَ کان اڳ جو شعر

**”سِنڌُ وار“:**

سنڌين جي اتهاس، سنڌين جي ساهت، سنڌين جي سڀيتا ۽ ڪلا جي کوج جي گهڻي ضرورت آهي، جي اسين چاهيون ٿا ته سنڌين جون ايندڙ پيڙهيون پنهنجي ننڍي پر نرالي جاتيءَ ۽ هند جي چمن جي ”سنڌ وار“ گل ۾ فخر وٺن. هزار کن سالن کان هند جون ديويون اُن اڇي ”سنڌ وار“ گل جي ويڻيءَ سان پنهنجا چوٽا سينگارينديون آيون آهن ۽ پشچم (اُولهه) جي تيز هوا، جي اهو سينگار اسان جي هند جي سڀيتا مان اُڏائي نه ڇڏيو، ته اهو ”سنڌ وار“ گل ڀارت جي اِستري- سينگار جو اَنگ رهندو ايندو.

کوج جي ضرورت آهي، پر ان کوج لاءِ ڀارت جي ڀن ڀن پرديشن (ڌار ڌار علائقن) جي اتهاس، ساهت، سڀيتا ۽ ڪلا جي اونهي ڄاڻ بنا اها کوج اڌپوري رهندي.

هن ننڍي ليک ۾ سنڌين جي پراڻي ساهت جو هڪ تازو ڄاتل سماچار ڏيڻ گهران ٿو. وقت مليم ته وڌيڪ ٻئي دفعي لکندس.

**سورهين- سترهين صديءَ جو سنڌي سنت:**

سنڌ جي عمرڪوٽ/امرڪوٽ شهر ۾ هڪ سنڌي سنت- ڪويءَ جو 11 آڪٽوبر 1581ع تي جنم ٿيو. ان وقت سنڌ ۾ ترخان گهراڻي جو راڄ هو. اڪبر بادشاهه اچا سنڌ فتح ڪانه ڪئي هئي. پر ترخان گهراڻي جو ڪو امرڪوٽ تي راڄ ڪونه هو. امرڪوٽ ستنتر هندو راڻن جي هٿ هيٺ هو. اڪبر بادشاهه جو به جنم چاليهه کن ورهيه اڳ امرڪوٽ جي ويجهو راڻن جي حڪومت اندر ٿيو هو.



انهيءَ امرڪوٽ جي سنت ڪوَيءَ جو اصلوڪو نالو هو ديوَچندر.

**سوامي نِجانند:**

پڻس جو نالو هو شري متوُ ميهتا. ٻارهن ورهين جي ڄمار ۾ کيس ويراڳ لڳو. ان وقت جي ڪن سنتن جي سنگ ۾ مائٽاڻو گهر ڇڏي، سنڌ جي ٻين ڀاڱن جي سفر تي نڪتو. اُتي ڌرمي مارڳ جا آڳيوان (اڳواڻ) مليس. اُتان ٿيندو ڪڇ ۾ ويو، جتي سيني ڀن ڀن (مختلف) ڌرمن ۽ پنٿن جي سڌانتن (اصولن) جي واقفيت ٿيس. ڪڇ پُڄ پيٺي 1606ع ۾ نؤنگر (ڄام نگر) پهتو. تڏهن 25 ورهين جو جوان هو. ڪل 14 ورهيه ڌرم ياترا ڪيائين. ڄام نگر ۾ پنڊت ڪانجهي ڀٽ سان دل لڳس. سندس شيام جي مندر ۾ ٻيا 14 ورهيه ڀاڳوت جون ڪٿائون ٻڌائين. چاليهن ورهين جي عمر ۾ ”مان ڪير آهيان؟“، ”ڇو آيو آهيان؟“ ”ڪٿان آيو آهيان؟“، ”ڪيڏانهن ويندس؟“. انهن جيون جي آدي انادي سوالن جا جواب سمجهيائين. سچ جي پرک پيس. پوءِ 1621ع کان وٺي سمورو وقت جنتا (عوام) کي مانسڪ (ذهني) سک ڏيڻ ئي سندس ڪرم ٿيندو آيو. سوامي نجانند جي نالي سان مشهور ٿيڻ لڳو. سندس ديهانت ڄام نگر جي شهر ۾ 5 سيپٽمبر 1655ع ۾ ٿيو. سندس ياد ۾ ڄام نگر ۾ اڄ تائين هڪ مندر آهي جو ”کيجرا مندر“ جي نالي مشهور آهي. سندس چتر (تصوير) به موجود آهي. شايد هيءُ چتر، ڪنهن به سنڌيءَ جو پراڻي ۾ پراڻو چتر آهي. ڪڏهن ڪڍيو ويو، سو چئي نٿو سگهجي، پر سندس ڪنهن ڀڳت سندس وڃڻ بعد ئي ويهي چٽيو هو.

**ڪنهن ڇهه سؤ سنڌي سلوڪ رچيا ؟**

پر هي سڀ جيڪي مون مٿي لکيو آهي، سو هڪ ڪري پنهنجي ليک جو ڄڻ منڍ ئي ليکجڻ کپي. سنڌي ساهت سان لاڳاپو رکندڙ دلچسپ ڪهاڻي ته هاڻ ٿي شروع ٿئي.

جڏهن ديوَچندر اچا 37 ورهين جو هو ۽ ڄام نگر ۾ پنڊت ڪانجهي ڀٽ جي ستسنگ ۾ ويندو هو، تڏهن ڄام نگر جي حاڪم ڄام سَتي جي پرڌان

منتريءَ (وزيراعظم) ڪيشوَ ٺڪُرجي گھر ۾ هڪ ٻار جنم ورتو. نالو رکيائونس مهر راج (سنسڪرت ۾ مهر معنيٰ سورج). کتري ڪُل ۾ ڄائو، پر سنسڪار ڌرمي هيس. ٻارهن ورهين جي ڄمار ۾ مکيہ ڌرمي پستڪ پڙهي پورا ڪيائين. سندس لاڙو ڌرمي ڳالهين ڏانهن وڌندو ويو. پنجويهن ورهين جي عمر ۾ سنساري جيون ڦٽي ڪري ياترائون ڪرڻ لڳو. سرير سان لڙندو رهيو. شخصي گهرجون گهٽائي گهٽائي وڃي حد ڪيائين. ٽي سال نند سان وڙهيو. سندس سرير ڄڻ لڪڙي ٿي پيو. اهو حال ڏسي سندس وڏي ڀاءُ کيس مٿي ڄاڻايل سنڌي سنت سوامي نجانند وٽ وٺي آيو، جنهن جي ان وقت سڄي ڪاٺياواڙ ۾ هاڪ هئي.

سوامي نجانند، مهر راج جا گڻ پرکي منجهس تمام گهڻي دلچسپي ورتي ۽ کيس سچي راهہ تي آڻي اوچي آتمڪ (روحاني) منزل تي چاڙهي ويو. کيس ”ترتم مها منتر“ جي ڪشلتا سيکاريائين ۽ سيني ڌرمن جي سڌانت کان واقف ڪيائين.

## مهر راج عربستان ۾:

انهن ڏينهن ۾ ڪاٺياواڙ جي واپارين جون بصري ۾ ڪوٺيون هونديون هيون. ڪيترائي ڪاٺياواڙي بصري ۾ عربن جي وچ ۾ رهندا هئا. سوامي نجانند، مهرراج کي پاڙهي سيکاري پڪو ڪري، بصري ۾ پرچار لاءِ موڪليو. مهرراج پنج سال بصري ۾ ڪاٺياواڙين ۽ عربن جي پاڙن ۾ رهيو. اتي عربي بہ سکيو. قرآن شريف ۽ ٻين عربي ڪتابن جو بہ اڀياس ڪيائين. بصري مان بغداد ويو تہ سلطان کي روبرو گڏجان. عربي ٻوليءَ جي ڄاڻ ڪري ويچارن جي ڏي وٺ ۾ ڪا بہ تڪليف ڪانہ ٿيس. پنهنجي ڌرم جا سڌانت بہ سلطان کي سمجهايائين. بغداد جي اِسلامي اڳواڻن سان بہ گڏجاڻي ٿيس.

1651ع ۾ هندستان ۾ موٽي آيو. تڏهن 33 ورهين جو هو. ڌرول جي راجا مٿس زور آڻي کيس پنهنجو پرڌان منتري (وزيراعظم) بڻايو ۽ هو وري سنساري جهنجهٽن ۾ اچي ڦاٿو.



## سنڌي سنت جا سڌانت:

هوڏانهن سندس گرو سوامي نجانند جي اوسٿا (عمر) بہ برڏ (وڏي) ٿيندي ويئي. آگسٽ 1655ع ۾ جڏهن سوامي نجانند جا ڏينهن پورا ٿيڻ تي هئا، تڏهن سندس سڏ تي، مهر راج پرڌانپٽي جي جوابداري ڇڏي اچي سندس چرنن (پيرن) ۾ حاضر ٿيو. پويان 22 ڏينهن هن سنڌي سنت ڪويءَ مهرراج کي پنهنجي پرسان رکيو ۽ کيس پنهنجا سڌانت نئين سر ذهن نشين ڪرايائين:

”سيني ڌرمن جو نجو تت ساڳيو آهي. سيني ڌرمن جي پوئلڳن ۾ پراتري ڀاوَ (ڀائپي) ڦهلائڻ گهرجي. جي سچ جا ڳولائو آهن، تن کي ذات پات جي ڀيد ۾ ڦلجڻ نہ گهرجي. ذات، جاتي، قوم، ڌرم جو ڀيد نہ رکي منش جاتي (انسان ذات) تائين ايشور جو سنديش (پيغام) پهچائڻ گهرجيئي.“

اهو گيان ڏيندي سوامي نجانند 5 سيپٽمبر 1655ع تي 74 سالن جي عمر ۾ پران (ساهہ) ڏنا.

مهر راج 2 سالن لاءِ ڌرول موٽي ويو. پوءِ 1657ع ۾ پرڌانپٽي جو پد بہ ڇڏي، پاڻ کي آزاد ڪري، ديس جي دؤري تي نڪري، گرُوَ سوامي نجانند جي آگيا اَنوسار (حڪمن پٽاندڙ) ڌرمي پرچار ڪندو رهيو. پاڻ **”سوامي پراڻنات“** جي نالي مشهور هو.

## پراڻنات ٺٽي ۾:

پراڻنات 1658ع ۾ سورت ۾ رهيو. 1665ع تائين وري ڄام نگر رهي، پرچار ڪندو رهيو. 1668ع تائين ديوَ بندر، پور بندر، کپائي پُج ۽ پروارن شهرن ۾ ويو. 1667–1668ع ۾ هو سنڌ ۾ آيو ۽ ٺٽي ۾ ڏهہ مهينا رهيو. اتي ٺٽي واسي سوامي لالداس سندس شش (پوئلڳ) ٿيو ۽ سندس مرڻ تائين ساڻس گڏ رهيو. هو سوامي پراڻنات جي تفصيلوار جيوني لکي ويو آهي. ٺٽي مان سوامي پراڻنات، 1668ع ۾، مسقط ۽ عباس بندر پاسي عربن ۾ پرچار لاءِ ويو. 1677ع ۽ 1679ع ۾ دهليءَ ويو، جتي اورنگزيب کي قرآن جون آيتون ٻڌائي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ سڀيئي مذهب ۽ ڌرم حقيقت ۾ هڪ ئي آهن ۽ هندن خلاف سندس ظلم بند ٿيڻ گهرجن. 1680ع يا 1684ع

تائين اُتر ۽ وچ هندستان ۾ دؤرو ڪيائين. 1684ع ۾ بندبليکنڊ جي پنا شهر ۾ آيو، جتي جو مهاراجا ڇترسال سندس شش (معتقد) ٿيو. ان سال ان شهر ۾ ”پدماوتي پُري ڌام“ استاپن (قائم) ڪيائين، جو ٿي سندس پنيان سندس سڌانتن جي ڦهلاءُ جو ڪيندر (مرڪز) آهي. 1694ع جي جون مهيني جي 29 تاريخ سندس ديهانت ٿيو.

**پراڻنات جا سنڌي سلوڪ:**

سوامي پراڻنات رڳو سنت نہ هو، پر مها ڪوي پڻ هو. سندس ڪوتا گرنٿ ۾ 18758 سلوڪ آهن. پاڻ گهڻيون ٻوليون ڄاڻندو هو. پارسي، عربي، گجراتي، هندي، هندستاني ۽ سنڌي. گجراتيءَ ۾ اٽڪل 3 هزار کن سلوڪ چيا اٿس. سنڌيءَ ۾ 600 ۽ باقي هندستانيءَ ۾، ڪي ٿورا هنديءَ ۾.

جنهن ڳالهہ ۾ اسان جي خاص دلچسپي آهي، سا اها تہ سوامي پراڻنات ”شاهہ“ ۽ ”سامي“ جي وقت کان اڳ سنڌيءَ ۾ شعر لکيو آهي. سندس مهاگرنٿ ۾ ڄاڻايل آهي تہ اهي سنڌي سلوڪ 89 – 1688ع ۾ سنگرہ (جمع) ٿيل آهن. شاهہ جو جنم 1689ع ۾ ٿيو. شاهہ جي جنم کان هڪ سال اڳ سوامي پراڻنات جا اهي 600 سنڌي سلوڪ سنگرہ ٿيا آهن. ”ساميءَ جي سلوڪن“ جي رچنا تہ گهڻو پوءِ جي آهي، ڇوتہ سندن رچيندڙ ڀائي چئنراءِ جو جنم 1730 يا 1743 واري سالن ۾ چيو ٿو وڃي.

شاهہ ۽ ساميءَ کان اڳ جا هي سنڌي سلوڪ سنڌي ٻوليءَ جي اتهاس تي روشني وجهندا. انهن 600 سنڌي سلوڪن هٿ ڪرڻ جي مان ڪوشش ۾ آهيان. مون کي تہ لڳي ٿو تہ، سوامي پراڻنات جي سنڌي ڪوتا تي سندس سنڌي گرو سوامي نجانند جو بہ ضرور ڪو اثر پيو هوندو. اهو ممڪن آهي تہ سوامي نجانند خود بہ ڪي سنڌي سلوڪ رچيا هجن، جي ان ڪري اجا بہ اڳوڻا چئبا ۽ شاهہ ڪريم (1536– 1624ع) ۽ شاهہ لطيف (1689– 1752ع) جي وچ جون ڪڙيون شايد سوامي نجانند ۽ سوامي پراڻنات جون سنڌي ڪوتائون ٿي سگهن ٿيون. ڪنهن بہ حالت ۾ هن ڏس ۾ وڌيڪ کوجنا جي گهرج آهي.



# سنڌي ٻولي ۽ شاهہ جو رسالو

شاهہ عبداللطيف کي، اَڪثر سنڌي، سنڌ جي شاعرن جو سرتاج ۽ سنڌ جو هڪ ناليرو درويش ڪري ٿا ليکين، پر سندس درجو، اُن کان گهڻو اُوچو آهي. مان نڪي ڪو عالم آهيان، نڪي ڪا روحاني راهہ ۾ ڪا وک کنيل اٿم. لوڪن سڻئون، شاهہ صاحب جي رهڻي ۽ چوڻيءَ جي ڪجهہ ٿوري ڄاڻ اَٿم. پر اِنهيءَ ٿوريءَ ڄاڻ بہ، مون کي اُنهي درجي تي رسايو آهي، تہ شاهہ عبداللطيف جي حقيقي جڳهہ، اُتر پرديش جي ڪبير، راجستان جي ميران ٻائيءَ، مهاراشٽر جي رامداس ۽ تڪارام، بينگال جي چيتن ديو، آسام جي شنڪر ديو، گجرات جي نرسي ميهتا جهڙن نامور سنت_ ڪوين، ڌرتيءَ جي نماڻن ڀڳتن ۽ درويشن جي قطار ۾ آهي. ٻوليءَ جي لحاظ کان، شايد، شاهہ اُنهن مان گهڻن کان اَڳروئي آهي.

شاهہ صاحب جي ڪلام کي، سنڌي ٽن نمونن ۾ ٿا ڪتب آڻين. هرڪو پنهنجي من جي گهڙت پٽاندڙ کي عمر مارئي، سسئي پنهون، سهڻي ميهار ۽ ليلا چنيسر جا بيت پڙهي سڻي، دنيوي پيار جي جذبن کي اُٿاري، دل بهلائين ٿا. پر ٻيا، اُنهن بيتن جي سچيءَ روحاني معنيٰ وسيلي، پنهنجي من کي ڌيرج ۽ سهارو ٿا ڏين ۽ آتمڪ (روحاني) واٽ ڏي وک ٿا وڌائين. ڪي وري شاهہ جي رسالي کي، سنڌي ٻوليءَ جي اُونهي کاڻ سمجهي، اُن کي سندس ساهت جو بهترين ڪتاب ڪري ليکين ٿا.

اِها حقيقت آهي تہ شاهہ صاحب کي جوانيءَ ۾ دنيوي عشق جي چوٽ لڳي هئي، پر ستت ئي ڪن ساڌن جي سنگت، سندس تتل هينئين ۽ منجهيل من کي شانتي ڏني ۽ سندس دل عشق حقيقيءَ ڏي موڙي. سو شاهہ صاحب، پنهنجي رسالي ۾، سنڌ جي عاشقاڻين لوڪ_ ڪهاڻين کي آتمڪ (روحاني) رنگ چاڙهي، پاڻ سان توڙي اَسان سان، نہ دنيوي پريم جي، پر سچي روحاني رهاڻ ڪئي آهي.

جي تون بيت پائيين، سي آيون آهين.

شاهہ جو رسالو، بيشڪ، سنڌي ٻوليءَ جي کاڻ آهي، پر، شاهہ صاحب، سنڌيءَ جي ڄاڻ ڦهلائڻ لاءِ، پنهنجا بيت ڪو نہ چيا. شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جيان هن جي ليکي بہ:

”لوڪان نحو صرف، مون مطالع سپرين“

شاهہ جي رسالي جي اونهي عميق ۾، جيڪڏهن ڪو ٽوٻو ٽٻي ڏيئي وڃي ترو جهلي، تہ جيڪر اڻميون سپون سوجهي لهي. من جي هر مرض جي دارونءَ سان، رسالي جا بيت پريا پيا آهن. اِهي بيت، ٿڙڪندڙن لاءِ جهلو آهن، ٻڏندڙن لاءِ ترهو، اَنڌن لاءِ لٺ. خود سنساري جيون ۾ سڀ لاءِ جيڪي گڻ گهرجن، تن جي سکيا ور ور اُنهن بيتن ۾ سمايل آهي. روحاني توڙي اخلاقي ترقي، ٻنهي لاءِ، شاهہ جي رسالي جي رهبري بي بها آهي. نٻلن کي ٻل ٿو ڏئي، نراسن کي آسرو، هيسيلن کي همٿ.

ورهيہ ٿيا تہ پنهنجي دوست ۽ همراهہ، سرڳواسي ڄيٺمل پرسرام سان، هڪ ڏينهن اَچي جيل جي زندگيءَ جون ڳالهيون نڪتيون. ٻنهي کي قيد خاني جو چڱو آزمودو هو. پڇيومانس تہ ”جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ دک سهندي، ڏٽيءَ اڳيان ڪهڙي پرار ٿنا (عبادت) ڪندو هئين؟“ مون پانيو تہ وراڻي ڏيندو تہ ”سچيءَ گيتا جو پاٺ ڪندو هوس.“ پر چيائين تہ ”مان تہ هڪ صوفياڻو بيت ۽ هڪ گيتا جو سلوڪ، اُنهن مان ئي جيڪي ڪتم ٿي، سو پرائيندو هوس.“

نيرانائي نيڻ، نيئي آڇ پرينءَ کي،

ستر ڪاڏا ڪيڻ، جہ ڏٺو منهن محبوب جو.

اِها پرارٿنا، شاهہ صاحب ٻين اکرن ۾ بہ چئي آهي:

ناسيندي نگاهہ، پهرين ڪج پرين ڏي.

جڏهن شاهہ صاحب بيت ٺاهيا، تڏهن نڪي دنيوي عاشق خيال ۾ هئس، نڪي سنڌي ادب جا شائق. هن تہ پنهنجي روحاني ترقيءَ لاءِ، روحي پيچرن تان پير چلائيندي، پنهنجا روزانا تجربا ۽ ويچار، پنهنجي هندائڻ خاطر ۽ اُن اَڙانگي سفر ۾ پنهنجن ساٿين جي رهنمائيءَ لاءِ، اُنهن بيتن جي صورت ۾ ٻڌايا



آهن. جي شاهہ جي رسالي کي، اَسين اِنساني پيار جي اُمنگن کي تازو ڪرڻ لاءِ، يا رڳو سنڌي ٻوليءَ سکڻ لاءِ، ڪم ٿا آڻيون، تہ پوءِ سندس ڪلام جو درجو ڪيرايون ٿا. سندس رسالو، هڪ اُهو روحاني ۽ اَخلاقي چشمو آهي، جنهن مان پکون، ڪي ڍُڪ، اُهي پيئن، جن کي آتمڪ اُساٿ (روحاني اُڃ) هجي، جيڪي سنسار ۾ رهندي، حق جي واٽ تي هلڻ گهرن، جيڪي وهنواري ـ عام ڪي زندگي ـ زندگيءِ جي جنگين ۾ مڙس ٿي لڙڻ چاهين، جن کي دنيا خوب ڌوڏا لوڏا ڏيندي رهي ٿي، تہ بہ، هُو ڳاٺ اوچو ـ پير سالم، اِئين بيهڻ جي تمنا رکن.

اَج گيتا جي سلوڪ سلوڪ تي، مهاتما گانڌي، ونوبا ڀاوي ۽ ڪانئن اَڳ، اَنيڪ ڄاڻن ۽ ودوانن جون آتمڪ (روحاني) نقط نظر کان ٽيڪائو (تشريحون) ڪيل آهن. اُهي ٽيڪا ڪيل گيتائون، لکن جون جيون آڌار آهن. شل اُهو ڏينهن جلد اَچي، جڏهن شاهہ صاحب جي چونڊ ڪلام جي هڪ هڪ بيت تي ڪي سُگهڙ ڄاڻو، زندگيءَ مان مثال وٺي، روحاني شرح لکن! اَهڙا نِديا رسالا، لکن جي سونهپ ڪندا ايندا، تہ تڪليفن جي طوفان وسندي، من جي خوشي ۽ صبر ۽ صبر جي نعمت ڪيئن هٿ ڪجي.

شاهہ عبداللطيف، پنهنجي روحاني ڪلام کي، سنڌي زبان جو ويس پهرايو، جا ٻولي سندس زماني ۾، ماڻهن جي چپن تي چالو هئي، سائي جهڙي پنهنجن بيتن لاءِ ڪتب آندائين. نِديا، منا، سڌا، سُڌا، تز اَکر، جن مان معنيٰ پاڻيهي پيئي ٻهڪي، اُهي ئي رسالي ۾ موتين جي مالها وانگر پُوتا اَٿس. منهنجي ڄاڻ گهٽي نہ آهي، پر جيڪا اَٿم، تنهن مان اهو رايو ٺاهيو اٿم تہ هندستان، ڪي پاڪستان، جي برک شاعرن مان ڪي ڇدا اَهڙا آهن، جن پنهنجي ٻوليءَ کي ٻالڪ جي ڪچڙي وار جيان ائين ورايو هجي، جيئن شاهہ صاحب ورايو آهي. سندس ٻوليءَ ۾ ٻَلُ آهي. ڪري چئجي تہ سنڌي ٻوليءَ کي ئي ملائم ۽ ٻلوان بڻايو اَٿس. تجنيس ۾ تہ سندس مٽ ٻنهي ملڪن ۾ ڪو ورلو ملندو.

سترهين اَرڙهين صديءَ جي لوڪ ڀاشا (عوامي ٻولي)، عام خلق جي زندهہ ٻوليءَ جو اَملهہ ورثو: شاهہ اسان لاءِ ڇڏي ويو آهي. سندس رسالي جي آڌار

تي ٿي، سنڌي ٻوليءَ جي صورت ۽ نسل نسبت، ٻولين جا اڪثر ماهر ڪجهه چئي لکي سگهيا آهن. سنڌي نحو (وياڪرڻ) جي صورت به، گهڻي ڀاڱي، شاهه جي رسالي جي وسيلي چٽي ويئي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لاءِ پڻ شاهه جو رسالو هڪ خزانو آهي. ان ڪري سچ پچ ته شاهه جي هٿن جي هيرن جواهرن جي جڙت ڪي ”سڌاري“ ٻئي ڪنهن چالو ڏول پٽاندر، نئين سر گهڙڻ نه جڳائي. رسالي جا ”ماڻڪ، موتي، لال“ جيئن گهڙي، جڙي ڏنا اٿس، تئين ئي قبول ڪرڻ گهرجيئون. سنڌي ٻوليءَ جي وگيانڪ اڀياس لاءِ، سنڌس اِتهاس جي پوري ڪهاڻي لکڻ خاطر به، اِهو بلڪل ضروري آهي.

ٻوليءَ جي نقطه نظر کان، شاهه جي رسالي جي، اَجا به اونهي کوج ٿيڻ گهرجي. ڪئپٽن اِسٽئڪ، ڊاڪٽر ٽرمپ (Dr.Trumpp)، هوتچند مولچند گربخشاڻي، پيرو مل مهرچند، محمد صديق ميمڻ ۽ ٻين، شاهه جي رسالي مان چڱو ئي مال هٿ ڪري، سنڌي ٻوليءَ نسبت گهڻو ئي لکيو آهي. پر اڄوڪن وگيانڪ نيمن (سائنسي اصولن) سان کوج ڪرڻ ۾، اجا گهڻو ڪم پيو آهي. اها سنڌيءَ لاءِ فخر جي ڳالهه آهي ته گڏيل هندستان جي سڀني ٻولين ۾، پهريائين پهريائين سنڌي ٻوليءَ جي ئي وگيانڪ صورت چٽي ويئي. 1876ع ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ، هڪ جرمن، اِهو ڪشالي جو ڪم ڪيو. پر اُهو زمانو ٻيو هو. اَڄ ٻولين جي وگيان (Science of Linguistics) گهڻيئي وڪون وڌايون آهن. دل جي اِها چاهنا اَٿم ته هندستان ۽ پاڪستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ڪي نه ڪي ماهر ميدان ۾ نڪرن، جي نون وگيانڪ اصولن پٽاندڙ، سنڌي ٻوليءَ جي باريڪ صورت چٽين، جيئن اُڄڪلهه ٻين ٻولين جي چٽجي پيئي ۽ سنڌيءَ جي سموري اِتهاس تي مڪمل روشني وجهن، جيئن سنڌس سچو نسل کلي ظاهر ٿئي ۽ ڪڇ، مڪران، راجستان ڏي سنڌس وڌڻ ويجهڻ نسبت پوري ڄاڻ پوي.

پڪ اٿم ته هند توڙي پاڪستان ۾، پنهنجن پنهنجن حالتن پٽاندڙ، سنڌيءَ جو آئيندو روشن رهڻ وارو آهي. پر، اِهو تڏهن، جڏهن سنڌي پاڻ، پنهنجي زبان ۽ قلم وسيلي، سنڌي ٻوليءَ کي جيئرو رکندا ايندا ۽ ٻيو، جڏهن سنڌي پنهنجا نج سنڌي اکر ڇڏي، سنڌيءَ جو جملو جملو، هڪ پاسي پارسي ۽ ٻئي پاسي سنسڪرت اکرن سان نه پريندا ويندا. جي ائين ٿيڻ ڏنوسين، ته پوءِ سنڌي



سنڌي نه رهندي، پر ٻي ڪا گڏي ٻولي ٿيندي ويندي، جا عام خلق، نه سڃاڻيندي، نه سمجهندي ۽ نڪي ڪتب آڻيندي. جيڪي شاهه جي رسالي جا ۽ ٻيا نج سنڌي اکر اَڄ به ڳوٺاڻي عام خلق جي چپن تي زنده آهن، سي اسين ادبي لکت ۾ چالو ڪندا اچون. ٻين ٻولين مان ته ضرور اکر جهٽيندا اسين. اهو ٻولين جي وڪاس جو نيم (ترقيءَ جو قاعدو) آهي. پر اُن جي به مناسب حد آهي. اُها حد هوند نه لتاڙيون ۽ شاهه جي رسالي جي سنڌيءَ کي گهڻي ڀاڱي حيات رکون.

جيسين سنڌي ٻولي آهي ۽ سنڌي آهن، جيسين ڪين روحاني پياس آهي ۽ انساني جذبا آهن، جيسين سنڌن سامهون، جيون جي اوکي رڻ پٽ آهي، تيسين شاهه جو رسالو، اَسان جن روحاني، اخلاقي، دنيوي، راڄنيتي ۽ سماجڪ، سڀني مسئلن لاءِ سکيا جو ساگر آهي ۽ رهندو.

سي پُوڄارا پر ٿيا، سمنڊ سيوئو جن،
آنڌائون عميق مان، جوتي جواهرن،
لڌائون، لطيف چئي، لالون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، ملهه مهانگو اُن جو.

φφφ